# لاڙي لهجي جي لغت



مُرتب ۽ مُحقق
**عبدالڪريم 'آزاد' سميجو**

سنڌي ڊڪشنري بورڊ،
ثقافت، سياحت ۽ نوادرات کاتو،
حڪومت سنڌ



لغات سنڌي محاورات
ٿري لهجي جي لغت
اترادي لهجي جي لغت
ڪوهستاني لهجي جي لغت
لاسي لهجي جي لغت

# لاڙي لهجي جي لغت

مُرتب ۽ مُحقق

عبدالڪريم 'آزاد' سميجو

سنڌي ڊڪشنري بورڊ،
ثقافت، سياحت ۽ نوادرات کاتو، حڪومت سنڌ

ڇپائيندڙ جا حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب: لاڙي لهجي جي لُغت
مُرتب ۽ محقق: عبدالڪريم "آزاد" سميجو
ڇاپو پهريون: 2022ع
ٽائيٽل ڊيزائن: نعيم ديسوالي
لي آئوٽ : اين. اي مسڻ
تعداد: 1000
قيمت: 500 رپيا
ڇپيندڙ: ڪاڇو پبليڪيشن ڪراچي 0300-2879794
ڇپائيندڙ: سنڌي ڊڪشنري بورڊ
ثقافت, سياحت ۽ نوادرات کاتو حڪومتِ سنڌ

ISBN: 978-969-8100-80-3

**Culture, Tourism & Antiquities Department**
**Government of Sindh. ADP 119**

**Dictionary of Laari Dialect of Sindhi Language**

Compiled & Research by: Abdul Karim Azad Samejo
First edition: 2022
Title: Naeem Deswali
Layout: N.A. Massan
Quantity: 1000
Price: Rs: 500
Published by: Sindhi Dictionary Board
Culture, Tourism & Antiquates Department, Government of Sindh
Printed by: Kachho Publication Karachi, Sindh.
0300-2879794

Digitized by: M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.
پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

# فهرست


- پيغام — سيد سردار علي شاهه — 5
- پبلشر نوٽ — مدد علي سنڌي — 7
- مقدمو — عبدالڪريم "آزاد" سميجو — 9

لغات

| | | | |
|---|---|---|---|
| الف | 15 | ز | 146 |
| ب | 43 | س | 148 |
| ٻ | 50 | ش | 164 |
| ڀ | 59 | ص | 166 |
| ت | 64 | ض | 166 |
| ٿ | 69 | ط | 166 |
| ٽ | 71 | ظ | 167 |
| ٺ | 77 | ع | 167 |
| پ | 79 | غ | 168 |
| ج | 90 | ف | 169 |
| ڄ | 95 | ڦ | 170 |
| جھ | 96 | ق | 175 |
| ڃ | 100 | ڪ | 177 |
| چ | 107 | ک | 194 |
| ح | 114 | گ | 204 |
| خ | 115 | ڳ | 211 |
| د | 116 | گھ | 218 |
| ڌ | 121 | ل | 223 |
| ڏ | 124 | م | 230 |
| ڊ | 133 | ن | 245 |
| ڍ | 138 | و | 250 |
| ذ | 139 | ه | 257 |
| ر | 140 | ي | 263 |

# پيغام

هڪ ساميءَ جي چوڻيءَ موجب لغت سمورن علمن جي ماءُ هوندي آهي ۽ ويا ڪرڻ (گرامر) جي حيثيت پيءُ واري ٿئي ٿي. علمي دنيا جي هر فن جي تشريح، توضيح ۽ تعبير ۾ لغت جو بنيادي ڪردار هوندو آهي. سائنس ۽ ٽيڪنالوجي توڙي ٻيا قانوني ۽ سماجي علوم پنهنجي تشريح ۾ لفظ (اصطلاح) ۽ معنيٰ (مفهوم) جي محور تي ڦرن گهرن ٿا. لغت جو موضوع بہ دراصل لفظ (ساخت، ذات ۽ پريوگ) ۽ ان جي معنيٰ ( مفهوم، حقيقت ۽ مجاز) جي چوڌاري ڦري گهري ٿو. لفظ درحقيقت قالب (ڍانچا) آهن ۽ معنائون انهن جو روح ٿينديون آهن. اهو ئي لغت جو موضوع آهي ۽ اها ئي حقيقت لغت کي ٻين علمن جي ماءُ جو درجو ڏئي ٿي.

ڪنهن بہ سماج ۾ نہ فقط ٻولي، پر مُروج هر قسم جي علوم ۽ فنون جي ارتقاءُ ۽ اوسر لاءِ لغت نويسيءَ جا ادارا ۽ افراد اهميت جا حامل هوندا آهن. ڪنهن بہ ٻولي جا ڳالهائيندڙ جيستائين لغت جي فن ۾ نواڻ ۽ ارتقاءُ جي تسلسل کي جاري رکندا رهندا، تيستائين ان ٻولي جي زندهہ رهڻ ۽ ترقي ڪرڻ جا امڪان روشن ٿيندا رهندا.

سال 2018ع جي چونڊن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جيئن ئي سنڌ جي صوبائي حڪومت جون واڳون سنڀاليون، تہ مون کي تعليم ۽ ثقافت جا ٻئي اهم قلمدان سونپيا ويا. مون پنهنجي حڪمت عملي تحت ادارن ۽ اتان جي ڪارڪنن کي پڻ پنهنجي ٽيم جو حصو بڻائڻ شروع ڪيو انهن ۾ زبردست لغتن جي سيريز جو مُرتب ۽ محقق آزاد سميجو بہ هڪ آهي. جنهن جو اسان جي خاندان سان روحاني تعلق پڻ رهيو آهي. مون ڪيس سندس فن ۽ دلچسپي مطابق سنڌي لغت سازي ۽ ڪي ٻيا ٽاسڪ حوالي ڪيا، موصوف پنهنجي مدد پاڻ تحت اڪيلي سر پهرئين مرحلي ۾ سنڌي ٻولي جي مکيہ لهجن تي مشتمل لغتن جي هڪ مڪمل سيريز تيار ڪري ثقافت کاتي جي حوالي ڪئي، جن ۾: ڍاٽڪي سنڌي لغت، اترادي لهجي جي لغت، لاڙي لهجي جي لغت، ٿري لهجي جي لغت، ڪوهستاني لهجي جي لغت ۽ لاسي لهجي جي لغت شامل آهن.

آئون سمجهان ٿو تہ اهو ڪم هڪ منظم رٿا تحت هڪ ئي وقت سمورن لهجن جي انفرادي خوبين ۽ اجتماعي مشابهتن جي تقابلي جائزي واري تحقيق جي آڌار تي عمل ۾ آندو ويو آهي، جيڪو سنڌي ٻولي جي ترقيءَ جي راهون هموار ڪرڻ سان گڏوگڏ لسانيات جي ميدان ۾ ڪم ڪندڙ محققن، استادن ۽ شاگردن لاءِ هڪ مُستند پرائمري سورس پڻ ثابت ٿيندو.

آئون يقين سان چوان ٿو تہ جيڪڏهن سنڌي ٻولي جي ترقي ۽ تعمير لاءِ قائم ٿيل ادارا: سنڌي لئنگويج اٿارٽي، ماجد ڀرڳڙي انسٽيٽيوٽ آف لئنگويج انجنيئرنگ، سنڌي ادبي بورڊ، سنڌالاجي ۽ مختلف يونيورسٽين جا سنڌي شعبا انهيءَ ڏس ۾ پنهنجو ڪليدي ڪردار جاري رکندا، تہ سنڌي زبان جي وجود توڙي واڌ ويجهہ کي للڪارون، خطرا ۽ طوفان ٽري ويندا ۽ اسان جي ٻولي رهندي دنيا تائين قائم ۽ دائم رهندي. مونکي خوشي آهي تہ سنڌ جو سينيئر اديب مدد علي سنڌي، جيڪو محمد ابراهيم جويو ٽرانسليشن بيورو جو بہ ڪم سنڀالي رهيو آهي، اِهو ڊڪشنري بورڊ اسڪيم جي، ڪم جي نگراني ڪري رهيو آهي، سندس ڪيل محنت جي هتي آئون واکاڻ ڪندي اميد ٿو ڪريان تہ سنڌي، انگريزي، فارسي سنڌي ۽ ٻين ڪتابن جي اشاعت جلد تڪميل تائين پهچندي، تہ جيئن سنڌي ادب علمي طور تي وڌيڪ شاهوڪار ٿي سگهي.

تاريخ: 23 مارچ، 2022ع
مطابق 19 شعبان المعظم 1434هہ

سيد سردار علي شاهہ
وزير
ثقافت، سياحت ۽ نوادرات کاتو
حڪومتِ سنڌ

# پبلشر نوٽ

سنڌي هڪ قديم ٻولي آهي. ان جي تحريري، تقريري ۽ دستاويزي تاريخ موهن جي دڙي ۽ هڙپا جي آثارن کان شروع ٿئي ٿي. هيءَ ٻولي سنڌو سڀيتا جي دؤر کان وٺي، سُپت سنڌو کان ٿيندي، اچڪلهه جي محدود جاگرافيءَ ۾ قيد ننيڍڙي سنڌ تائين پنهنجي وجود جي بقاءَ ۽ بچاءَ جا ڪيئي جتن ۽ جوکا کڻندي آئي آهي. جيتري سنڌو تهذيب جي تاريخ قديم آهي، تيتري ئي اسان جي ماءُ ٻولي جي تقريري، تحريري، دستاويزي ۽ تدريسي تاريخ قديم آهي.

سنڌي ٻوليءَ جو تحريري ۽ دستاويزي سلسلو موهن جي دڙي ۽ هڙپا جي تهذيب کان شروع ٿي، موجوده دؤر تائين پهچي ٿو. انهيءَ پنج هزار سال جي تاريخي سفر ۾ سنڌي ٻولي گردش دوران جي ڪيترين ئي تبديلين، تحريفن ۽ ترميمن مان گذري آهي. ان جا ڪيترائي رسم الخط تبديل ٿيا آهن ۽ ڪيتريون ئي صورتخطيون ۽ حرف تهجي جا نمونا نوان مان گذريا آهن.

ٻوليءَ جي حيات جو بنيادي ايڪو لفظ ۽ ان جي معنيٰ ٿين ٿا. جيستائين لفظ ۽ معنيٰ جي تحفظ ۽ تجديد تي ڪم ٿيندو رهندو، تيستائين ٻولي پنهنجي ٻين هم عصر ٻولين جي مقابلي ۾ پنهنجو وجود قائم رکڻ ۾ ڪامياب رهندي آهي. لغت دراصل انهيءَ لفظ ۽ ان جي معنيٰ جي تحفظ جو ئي ذريعو هوندي آهي. ان ڪري لغت جي علم کي ٻين هڙني علوم ۽ فنون کان وڌيڪ فوقيت ڏني ويندي آهي، بلڪ لغت کي علوم جي ماءُ به سڏيو ويو آهي.

انهيءَ ضرورت جي پيش نظر سنڌ حڪومت پاران سال 2020ع "سنڌي ڊڪشنري بورڊ" جي اسڪيم متعارف ڪرائي وئي، جنهن ۾ پهرئين مرحلي ۾ هڪ تفصيلي سنڌي لغت بعنوان "مفصل سنڌي لغت" جي تياري جو انتظام ڪيو ويو جنهن جا هن وقت تائين ڪل ڇهه جلد ڇپجي، مارڪيٽ ۾ اچي چڪا آهن ۽ اڃا تائين اهو سلسلو هن اسڪيم جي مرڪزي آفيس واقع سنڌي لئنگويج اٿارٽي ۾ جاري ۽ ساري آهي، جتي مون سميت ڪي ورڪر لغت سازي ۽ لغت نويسيءَ جي انتهائي معارت طلب محاذ تي پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن.

اهڙي ريت اڳتي هلي انهيءَ تسلسل ۾ سن 2018ع کانپوءِ ثقافت ۽ سياحت کاتي جي موجوده وزير سيد سردار علي شاهه پاران پنهنجي ذاتي نگرانيءَ هيٺ ڪجهه ڪم ڪراچي ۾ پنهنجي ذاتي آفيس ۾ شروع ڪرايو ويو جنهن جي نگراني جا فرائض منهنجي حوالي ڪيا ويا هئا. ان سلسلي ۾ اسان پهرين مرحلي ۾ ڪل ڇهه لغتون تيار

ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿيا آهيون. جن جا تفصيل هن ريت آهن: (1) ڊاٽڪي سنڌي لغت (2) اترادي لهجي جي لغت (3) لاڙي لهجي جي لغت (4) ٿري لهجي جي لغت (5) ڪوهستاني لهجي جي لغت (6) لاسي لهجي جي لغت. انهن مان "ڊاٽڪي سنڌي لغت" اشاعت لاءِ سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد جي حوالي ڪئي وئي آهي. ان کان علاوه "لاسي لهجي جي لغت" اڃا زير ترتيب آهي. باقي پنج لغتون "سنڌي ڊڪشنري بورڊ" جي پليٽ فارم تان شايع ٿي، اوهان جي هٿن ۾ پهچي رهيون آهن. هيءَ لغت پڻ انهيءَ سلسلي جي ڪڙي آهي. هن سيريز جون سيئي لغتون هڪ جامع رٿا تحت لهجن جي موضوع تي ئي ترتيب ڏنيون ويون آهن، جن ۾ هر هڪ لهجي جي انفرادي خاصيتن کي نظر ۾ رکندي، انهيءَ لهجي جا چونڊ لفظ محاورا، پهاڪا، ترڪيبون ۽ ورجيسون شامل ڪيون ويون آهن. انهيءَ لغت جي مُرتب عبدالڪريم "آزاد" سميجي چئن سالن کان مسلسل محنت سان پنهنجي مدد پاڻ تحت اڪيلي سر اهو ڪم سرانجام ڏنو آهي. انهيءَ رٿا جي تياري ۾ سنڌي ٻولي جون ڇپيل موضوعاتي ۽ غير موضوعاتي لغتون، لاڳاپيل لهجن جا نثري ڪتاب بطور ماخذ پڻ استعمال ڪيا ويا آهن.

ڪنهن به ٻوليءَ ۾ لغت سازي ۽ لغت نويسيءَ جو ڪم هڪ جاري ۽ ساري عمل هوندو آهي. ان ۾ هر وقت سنوار ۽ سُڌار جي ضرورت پڻ رهندي آهي. نوان لفظ، نوان اصطلاح ۽ نيون معنائون پيدا پيون ٿينديون آهن ۽ انهن کي شامل پيو ڪبو آهي. تنهنڪري انهيءَ لغت جي اشاعت کانپوءِ سنڌي ٻولي جو ڪو به ڪارڪن يا ڳمڻگھرو ليکڪ، اديب، لغت نويس ان جي ترميم ۽ تصحيح جي سلسلي ۾ تجويزون پيش ڪندو ان جي نه فقط آجيان ڪبي، بلڪ انهن تجويزن کي ايندڙ ورقي يا برقي اشاعت جو حصو پڻ بڻايو ويندو.

انهيءَ لغاتي سيريز جي تياري جو ڪريڊٽ سنڌ جي باهمت وزير سيد سردار علي شاهه ڏانهن وڃي ٿو جنهن سنڌي زبان توڙي ثقافت سان ذاتي دلچسپي سبب انهي اسڪيم جي نگرانيءَ ڪئي. نتيجي ۾ اهو ڪم شايع ٿي، اوهان جي مطالعي، مشاهدي ۽ معائني جي زينت بڻيو آهي. منهنجي خواهش آهي ته سنڌي ڊڪشنريءَ بورڊ طرفان فارسي، سنڌي، ۽ ٻين ٻولين جون ڊڪشنريون پڻ شايع ڪيون وڃن ۽ انهيءَ ڪم ۾ اسين سنڌ جي باشعور اديبن کي صلاحن ۽ مشورن جي اپيل ڪريون ٿا.

تاريخ: 23 مارچ، 2022ع
مطابق 19 شعبان المعظم 1434هه

**مدد علي سنڌي**
پروجيڪٽ ڊائريڪٽر (اعزازي)
سنڌي ڊڪشنري بورڊ
ثقافت، سياحت ۽ نوادرات کاتو حڪومت سنڌ

# مُقدمو

سنڌي ٻوليءَ ۾ لُغتن جي اشاعت جي تاريخ سترهين صدي عيسوي کان شروع ٿئي ٿي. ان ۾ ابتدائي طور تي ٻه ٻوليائي ۽ عمومي نوعيت جون درسي لغتون لکيون ويون. انهن مان گهڻي ڀاڱي فارسي نصابي لغتون هيون ۽ ڪي دوايا ٿوايا پڻ لکيا ويا هئا. جيڪي ٻه ٻوليائي لفظي فرهنگن جي شڪل ۾ هئا.

موضوعي لغتون تمام گهڻو بعد ۾ لکجڻ لڳيون. اُنهن ۾ سن 1866ع ۾ لکيل پادري جارج شرٽ جي لغات "اکر ڌاتو" شامل آهي، جنهن ۾ چوندڊ سنڌي لفظن جا ڌاتو يعني بنياد ڏنل آهن. جيڪي سندس خيال مطابق سنسڪرت مان سنڌيءَ ۾ ٽڊيوَ روپ ۾ بدلجي آيا آهن. اهڙي ريت سن 1886ع ۾ لکيل جهمٽ مل جي لغت "وئتپتي ڪوش" پڻ انهيءَ سلسلي جي ڪڙي آهي. جنهن ۾ فقط اهڙا سنڌي لفظ چونڊي ڏنا ويا. جيڪي سنسڪرت مان نڪتل آهن.

انهن لغتن کان سواءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻيون به ڪي موضوعاتي لغتون شايع ٿيون آهن، جن ۾ مُحاورن، مُخففن، مُرڪبن جون لُغتون الڳ الڳ نموني تيار ڪيون ويون آهن. انهيءَ تسلسل ۾ عبدالجبار جوڻيجو صاحب جي لغت، "لاڙ جي لغات" جيڪا 1975ع ۾ اسان جي استاد علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جي مقدمي سان شايع ٿي. ان کانپوءِ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ صاحب 1991ع ۾ "لغات سنڌي مخففات" تيار ڪئي، جيڪا سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪئي. محترم غلام قادر سومري صاحب "سنڌي ٻٽن لفظن جي لغت" تيار ڪئي، جيڪا ثقافت ۽ سياحت کاتي، حڪومت سنڌ پاران 1996ع ۾ ڇپائي پڌري ڪئي وئي. ان کان علاوه شمس الدين عرساڻي صاحب جي لُغت "اوسر ڀهاڪاتي اڀياس"، محترم عبدالوهاب سهتي صاحب جون ڀهاڪن جي موضوع تي مشتمل نيم ڪتابي لغتون پڻ انهيءَ سلسلي جي ڪڙي آهن.

ان کان علاوه ڪي مخصوص ڪتاب تحقيقي اڀياس ۽ سفرناما پڻ شايع ٿيا. جن ۾ مختلف لهجن جي چوڻين، ڀهاڪن، محاورن، اصطلاحن جو پڻ تفصيل سان ذڪر ٿيل آهي. انهن ۾ ديوان ڪيول رام سلامت راءِ آڏواڻي جو ڪتاب "گل شڪر"، ڪاڪي ڀيرو مل مهرچند آڏواڻي جو ڪتاب "گلقند"، بشير احمد شاد صاحب جو ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جون خُسناڪيون"، الهبچايو يار محمد سمون جا ڪتاب "سير ڪوهستان"، جيڪو 1942ع ۾ سنڌي ساهت لاءِ مرڪزي صلاحڪاري بورڊ، ڪراچي مان شايع ٿيو ۽ ساڳئي مصنف پاران "لاڙ جا سير" پڻ تصنيف ٿيو جن ۾ ڪوهستان ۽ لاڙ جي نج ٻولي ۽ اصطلاح استعمال ڪيا ويا آهن. محمد اسماعيل عرساڻي جا ڪتاب "بدنصيب ٿري" ۽

"سير ريگستان"، جن ۾ ٿري لهجي جي لفظن، اصطلاحن، محاورن ۽ ورجيسن جو عام استعمال ٿيل آهي. اهڙي ريت محمد سومار شيخ جو ڪتاب، "ڪڇين جا قول"، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو ڪتاب، "ٻيلاين جا ٻول" پڻ انهيءَ سلسلي ۾ وڏي اهميت جا حامل آهن. ان کان علاوه سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ پاران مختلف لهجن، جهڙوڪ: اترادي، شڪارپوري، لاڙي، ٿري، درياهي وغيره جي موضوعن تي شايع ٿيل ڪتابن ۾ ڏنل مختلف موضوعاتي لفظن جون فهرستون پڻ ڪافي ڪارآمد آهن ۽ انهن ۾ پڻ جدا جدا لهجن جا محاورا، پهاڪا، چوٽيون وغيره شامل ڪيون ويون آهن. ان کان علاوه محاورن جي موضوع تي هڪ لغت "سنڌي اصطلاح" غلام اصغر ونديرپاران تيار ڪئي وئي آهي، جيڪا مهراڻ اڪيڊمي، شڪارپور جي طرفان 2010ع ۾ ٻيهر شايع ڪئي وئي آهي.

اوهان جي هٿن ۾ موجود هيءَ لغت بعنوان "لاڙي لهجي جي لغت" آهي. اها لغت پڻ مٿي ذڪر ٿيل موضوعاتي لغتن جي زمري ۾ اچي ٿي. جيئن ته هيءَ هڪ لهجي جي لغت آهي، ان ڪري اڳ ۾ ٻولي ۽ لهجي جي باهمي نسبت کي سمجهڻ ضروري آهي. اسين بخوبي ڄاڻون ٿا، ته دنيا ۾ روز اول کان وٺي ٻولين جي ارتقاء، تڪثير ۽ ترويج ۾ اهو ئي اصول ڪارفرما آهي، جيڪو انساني نسل جي تڪثير، ترويج ۽ پکيڙ ۾ آهي. جهڙي ريت انسان پنهنجي نسل جي بقاءَ لاءِ ٻار کي جنم ڏئي ٿو ٻار ڀرئين جوان، پوءِ بالغ ۽ نيٺ وڏو ٿئي ٿو ان جي ٻارن مان خاندان جي تشڪيل ٿئي ٿي، پوءِ اهو سلسلو وڌندو قبيلي جي شڪل اختيار ڪري وٺي ٿو ۽ مختلف قبيلا گڏجي هڪ قوم جو روپ ڌارين ٿا. ساڳئي طرح ٻولي به هڪ اشاري مان جنم وٺي ٿي، اشاري مان لفظ، لفظ مان فقرو فقري مان جملو ۽ جملي مان اقتباس جُڙي ٿو انهن اقتباسن مان مختلف لساني جاگرافين ۾ ننڍا ننڍا محاورا يا اُپ لهجا (Accents) پيدا ٿين ٿا ۽ انهن مان وري لهجن(Dialects) تشڪيل ٿئي ٿي. اهي لهجا جڏهن پختگيءَ جي بلوغت ۾ پهچن ٿا، ته هڪ ٻوليءَ جي شڪل ڌارين ٿا. ساڳئي طرح انهيءَ مخصوص لهجي مان ڦُٽي نڪتل ٻولي اڳتي هلي، جوان جماڻ ٿئي ٿي، پوڙهي ٿئي ٿي ۽ ماءُ ٿي وڃي ٿي. اهڙي طرح ٻوليءَ جو جمڻ جو اهو چڪر قائم ۽ دائم رهي ٿو ائين اهو ازل کان ابد تائين جاري ۽ ساري رهندو. يعني محاوري مان لهجو لهجي مان ٻولي ۽ ٻوليءَ مان وري لهجو ۽ لهجي مان محاورو جڙندو رهي ٿو. هڪ لحاظ کان هيءَ هڪ ٻه رخو عمل يا سائيڪل آهي.

سنڌي ٻولي ۾ زبان، لهجو محاورو ۽ ٻولي جا اصطلاح ۽ انهن جو استعمال هميشه کان مبهم ۽ منجهيل رهيو آهي. ڪيترن ئي محققن ٻوليءَ کي زبان جي معنيٰ ۾ ڪم آندو آهي ۽ لهجي کي اردو لسانيات جي ماهرن جي تائيد ۾ مُحاوري جي معنيٰ ۾ ڪم آندو آهي ۽ لهجي کي وري انگريزي اصطلاح "Accent" جي معنيٰ ۾ استعمال ڪيو اٿن. مثال طور: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي سربراهي واري مدي ۾ لهجي جي بدل طور "ٻولي" جو اصطلاح ڪم آندو آهي، جيئن ته انهيءَ دؤر ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لهجن جي مطالعي لاءِ تيار ٿيل ڪتابن جا نالا ئي "ٻولي" جي اصطلاح

سان. جهڙوڪ: اترادي ٻولي، شڪارپوري ٻولي، لاڙي ٻولي، ٿري ٻولي، ماڃر، ڪڪرالي ۽ ڪاري جي ٻولي وغيره رکيا ويا هئا. بعد ۾ ڪن صاحبن وري انهيءَ سلسلي کي جاري رکندي، ان سلسلي جي ڪتابن جا نالا بدلائي "ٻولي" بدران "لهجو" جي عنوان سان رکڻ شروع ڪيا. جهڙوڪ: "سنڌي ٻوليءَ جو درياهي لهجو" وغيره. ان کان علاوه ڪن صاحبن "لهجي" جي متبادل اصطلاح طور "محاورو" جو اصطلاح بہ ڪم آندو آهي، ان ۾ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو صاحب جو نالو سرفهرست آهي. ڪاڪي ڀيرومل وري انهيءَ اصطلاحبندي ۾ سنسڪرتي گماڙيتي جي تابعداري ڪئي آهي. ٿلهي ليکي عربي فارسي گماڙيتي جي انهن اصطلاحن جي درجيبندي کي سائنسي بنيادن تي سميٽجي، تہ ان جون ڪل چار ڪئٽيگريون هن ريت بيهن ٿيون:

(الف) زبان، ٻولي، لهجو

(ب) ٻولي، لهجو محاورو

(ج) زبان، لهجو ٻولي

(د) ٻولي، لهجو اپ لهجو

اسين جيتوڻيڪ برصغير جي مروج علمي ماحول جي وسيع تناظر ۾ انهن اصطلاحن جي درجيبندي ۾ "ج" ڪئٽيگري جي درجيبندي کي مناسب سمجهون ٿا، پر جيئن تہ "ب" ڪئٽيگري جي درجيبندي جو استعمال تمام گهڻو آهي، ان ڪري اڪثريت جي راءِ کي ڪل جي مصداق سمجهندي، انهيءَ لغاتي سلسلي کي "لهجاتي لغتن" جو سلسلو قرار ڏيون ٿا. اوهان جي هٿن ۾ موجود لغت انهن لهجاتي لغتن جي سيريز جي ئي ڪڙي آهي. ان کان علاوه سنڌي ٻولي جي مختلف لهجن تي لغتن جي تياري جو هيءُ پهريون جامع علمي ۽ عملي قدم پڻ آهي. ان کان علاوه زبردست لغت اهڙين خاص لهجاتي لغتن جي سلسلي ۾ هڪ سنو واڌارو پڻ آهي.

جڏهن ڳالهہ "لاڙي لهجي جي لغت" جي پئي هلي، تہ اڇو تہ سڀ کان پهرين لاڙي لهجي جي لساني جاگرفي جو جائزو وٺجي. ان لاءِ سمجهڻ گهرجي، تہ ڪنهن بہ لهجي جي لساني جاگرافي روينيو جي حدبندين جي محتاج نہ هوندي آهي. روينيو جون حدبنديون، هُتان جون انتظامي حدبنديون هونديون آهن. جڏهن تہ لساني حدبنديون خالص فطري ۽ قدرتي نوعيت جون ٿينديون آهن. ان ڪري ڪنهن بہ ٻولي، لهجي يا محاوري جون حدبنديون طئي ڪرڻ ۾ اسان کي اهڙي قسم جي گنجائش رکڻي پوندي آهي. هيٺ اسين سنڌي لسانيات جي ماهر عالمن پاران مختلف وقتن تي لاڙي لهجي جي لساني حدبندين جي حوالي سان مقرر ڪيل معيارن تي نظر وجهون ٿا. ان لاءِ سمجهڻ گهرجي، تہ لاڙي لهجو سنڌي ٻوليءَ جو هڪ وسيع لهجو آهي. ان کي سنڌي جي وڏن لهجن مان هڪ ليکيو وڃي ٿو انهيءَ لهجي تي نٿي، ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ جي قديم سنڌي علمي مشربن جو سڌي ۽ اڻ سڌي طرح اثر بہ آهي. هن لهجي تي اهو نالو انهيءَ جي لساني جاگرافيءَ سببان پيو آهي. ڇاڪاڻ، تہ سنڌ جي ڏاکڻين ڀاڱي کي "لاڙ" ڪوٺيو ويندو آهي. تنهنڪري انهيءَ

لهجي تي لاڙي لهجي جو نالو پيو. ان جا ڪي پيا ننڍا محاورا بہ آهن. جن ۾ ٺٽي ضلعي جي ساموندي پٽي سان لڳو لڳ ننڍو محاورو بہ ڳالهايو وڃي ٿو. جنهن کي "ڪاري" جو محاورو چون ٿا. ان کان علاوه هتان جي ٻن قديم ماڳن ماڄر ۽ ڪڪرالي جي حدن ۾ بہ هڪ ننڍو محاورو ڳالهايو ويندو آهي. انهن ننڍين ننڍين محاورن تي محترم حافظ حبيب سنڌي جو هڪ جدا ڪتاب پڻ ڇپيل آهي. اهڙي ريت هن لهجي جي لساني حدن ۾ مختلف قبيلن پاران ڳالهائجندڙ ننڍا ننڍا محاورا پڻ شامل آهن. جن ۾ جتڪي ۽ ڪڇي لهجا يا محاورا پڻ سر فهرست آهن.

سنڌي ٻوليءَ جي هن زرخيز ۽ وسيع لهجي تي ٻين پاڙيسري لهجن جا بہ اثرات نمايان آهن. انهيءَ جون حدون اتر پاسي معياري لهجي جي لساني جاگرافي سان. تہ اولهہ طرف کان ڪوهستاني لهجي جي سرحدن سان ۽ اوڀر کان ٿري لهجي واري علائقي سان بہ ملن ٿيون.

هن لهجي جي لساني جاگرافيءَ جي مکيہ ايراضي بدين ضلعي ۽ ان سان دنگئي پارت جي ڪڇ پرڳڻي جي وچ تي ڪڇ جو رڻ آهي. ان کان علاوه انهيءَ لهجي جي اندروني فرق ۾ ماڄر، جاتي، شاهبندر، ڪاري ۽ ڪڪرالي جا ننڍا محاورا بہ آهن. اهڙي ريت بدين جي پسگردائي وارو ننڍو محاورو ماڄر وغيره کان مختلف بہ آهي.

سنڌي ٻولي جي لاڙي لهجي جي لساني جاگرافي جي حوالي سان سنڌي لسانيات جي ماهرن ۾ جزوي اختلاف بہ نظر اچي ٿو. ان حوالي سان ڪيترن ئي عالمن پنهنجا ويچار ونڊيا آهن. پر انهن ۾ ڪاڪي ڀيرومل مهرچند آڏواڻي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي ۽ حافظ حبيب سنڌي جو ڪم نهايت نمايان نظر اچي ٿو. هيٺ اسين لاڙي لهجي جي لساني جاگرافي بابت انهن عالمن جي ويچارن جو جائزو پيش ڪريون ٿا.

لاڙي لهجي جي لساني جاگرافيءَ متعلق ڪاڪو ڀيرومل مهرچند آڏواڻي لکي ٿو تہ: "هي محاورو سنڌ جي هيٺين ڀاڱي ۾ ڳالهائيو ويندو آهي، سندس خيال موجب لاڙ جي ايراضيءَ ۾ سنڌ جو ڏاکڻو ڀاڱو جو وچولي کان هيٺ آهي، جو وڃي سمنڊ سان لڳو آهي، سو لاڙ سڏجي ٿو. لاڙ جا بہ ڀاڱا ٿيا: هڪڙو حيدرآباد ضلعي وارو لاڙ جو ڀاڱو جيڪو بدين، ٽنڊي باگي کان هلي ٻلڙي شاهہ ڪريم تعلقي گوني تائين آهي. اُتان ڪوهہ ڏيڍ پري ميرپور ٻٺوري تعلقي جي جهوڪ شريف (ميران پور) ۾ شاهہ عنايت صوفي جي درگاهہ آهي، انهن ٻنهي نامور درگاهن جي وچ کان وٺي ڪراچي جو سمورو ڏاکڻو ڀاڱو جيڪو ڪيٽي بندر ۽ ڪراچي طرف لڙي اچي سمنڊ سان لڳو آهي، سو ڪراچيءَ وارو لاڙ آهي".

هاڻي ضلعيوار صورتحال بلڪل بدلجي وئي آهي، پر ايراضي ساڳي آهي. حيدرآباد ۽ ڪراچي مان بدين، ٺٽو ضلعا ٺاهيا ويا هئا. اڳتي وري انهن مان ٺٽي ضلعي کي ٽوڙي سجاول ضلعو قائم ڪيو ويو ۽ ان کان علاوه پراڻي حيدرآباد جي حدن مان ٽنڊو محمد خان

ضلعي جو پڻ اضافو ڪيو ويو آهي. اهڙي ريت هن وقت ماتلي ضلعي جي قيام جون تياريون پڻ جاري ۽ ساري آهن.

جديد دؤر ۾ سنڌي لسانيات، سماجيات، تاريخ ۽ عوامي ڏاهپ جي موضوعن تي وسيع تناظر ۾ ڪم ڪندڙ عالم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب لکي ٿو ته لاڙي لهجي ۾ حيدرآباد ضلعي جي ڏاکڻي ڀاڱي ۽ اُن سان لاڳو ٺٽي ۽ ٿرپارڪر ضلعن وارن ڀاڱن جي ٻولي شامل آهي. ڪاڪي ڀيرو مل ۽ ڊاڪٽر بلوچ جي خيال ۾ فرق صرف ٿرپارڪر ضلعي جي جاگرافيءَ جي شموليت ۽ غير شموليت جو آهي. اسان جي خيال موجب ترجيحي طور تي ٿرپارڪر ضلعي جي ايراضي سنڌي ٻولي جي ٿري لهجي جي لساني جاگرافي سمجهڻ گھرجي. بهرحال اها به حقيقت آهي، ته ٻولي، ان جا لهجا ۽ ننڍا ننڍا محاورا روينيو جي انتظامي حدن جا محتاج نه هوندا آهن ۽ نه وري ٿي اهي حدون ڪو سنڌي ٻولي جي لساني جاگرافي کي مد نظر رکندي مقرر ڪيون ويون هيون. ان ڪري سنڌ جي انتظامي ضلعن جي حدبندين جي تناظر ۾ ان جي لهجن جي لساني جاگرافي جو خاڪو تيستائين سئو فيصد درست نه چئي سگھبو جيستائين اسان انهيءَ مطالعي کي وڌيڪ باريڪ بيني سان هيٺ تعلقن، ٽائونن، يونين ڪائونسلن تائين ڪٿي نه وجھبو. اهو ئي سبب آهي، جو ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي صاحب لاڙي لهجي جي لساني جاگرافي جي تشريح ان جي دنگئي لهجن جي حدبندين جي تناظر ۾ ڪئي آهي، هو لکي ٿو ته "انهيءَ جون حدون اتر پاسي معياري لهجي جي لساني جاگرافي سان، ته اولهه طرف کان ڪوهستاني لهجي جي سرحدن سان ۽ اوير کان ٿري لهجي واري علائقي سان ملن ٿيون." هو اڳتي اهو پڻ لکي ٿو ته لاڙي لهجو سنڌ جي ضلعي ٺٽي ۽ بدين ۾ ڳالهايو وڃي ٿو.

زيردست "لاڙي لهجي جي لغت" انهيءَ لهجي جي عمومي ۽ خاص طور تي انهن مٿي ذڪر ڪيل ننڍين ننڍين محاورن جي لغت آهي، جنهن ۾ لاڙي لهجي جا مخصوص لفظ، جيڪي مفرد، مرڪب، مشتق يا مرتب شڪل ۾ ٿين ٿا، سي شامل ڪيا ويا آهن. ان کان علاوه انهيءَ لغت ۾ لاڙي لهجي جا ڪي مخصوص محاورا، اصطلاح، پهاڪا، ورجيسون يا ڪي روزمره پڻ شامل ڪيا ويا آهن. ان علاوه انهيءَ لغت ۾ اترادي لهجي جا ٻين لهجن ۾ ساڳئي ساخت سان استعمال ٿيندڙ اهڙا مشترڪ لفظ پڻ شامل ڪيا ويا آهن، جن جي معنيٰ زير بحث لهجي ۾ جدا نوعيت جي به آهي. انهيءَ لغت ۾ اهڙين داخلائن جو ڪل تعداد مجموعي طور تي لڳ ڀڳ چار هزار اٺ سئو پنجاسي (4885) آهي. يقينن ان کان علاوه ٻيا به ڪيترائي اهڙا لفظ هوندا، جن کي لاڙي لهجي جي لفظن جي ذخيري ۾ شامل ڪري سگھبو هوندو، پر هڪ لحاظ ابتدائي طور تي مرتب ڪيل لفظن جو هي پڻ هڪ مناسب تعداد آهي، جنهن ۾ اڳتي هلي ڪي واڌارا سڌارا پڻ ڪري سگھبا.

انهيءَ لغت جي تياريءَ جو سهرو اسان جي مانواري سائين ۽ وزير با تدبير سيد سردار علي شاهه جي سر تي سونهي ٿو. پاڻ سن 2018ع جي وچ ڌاري جيئن ئي تعليم ۽ ثقافت کاتي جي ٻنهي وزارتن جا قلمدان سنڀاليائون، ته مون کي پنهنجي شوق، ڪم ۽ دلچسپيءَ

مطابق ڪي اضافي ٽاسڪ ڏنائون، جيڪي آئون وقت بوقت پنهنجي دفتري اسائنمينٽ سان گڏوگڏ سرانجام ڏيندو رهيس. انهن ٽاسڪن ۾ بين لغتن کان علاوه سنڌي ٻوليءَ جي لهجن جي جدا جدا لغتن جي تياري جي اسڪيم پڻ شامل هئي، جنهن تحت هيٺ ڏنل ڇهه لغتون اڪيلي سر پنهنجي مدد پاڻ تحت تيار ڪري سنڌس حوالي ڪري رهيو آهيان:

(1) ڊاتڪي سنڌي لغت
(2) اترادي لهجي جي لغت
(3) لاڙي لهجي جي لغت
(4) ٿري لهجي جي لغت
(5) ڪوهستاني لهجي جي لغت
(6) لاسي لهجي جي لغت

انهن لغتن مان "ڊاتڪي سنڌي لغت" اشاعت لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي حوالي ڪئي وئي. باقي چار لغتون "سنڌي ڊڪشنري بورڊ" جي اشاعتي سلسلي تحت ڇپجي اوهان جي هٿن ۾ پهچي رهيون آهن. ان سيريز ۾ صرف "لاسي لهجي جي لغت" اڃا تياريءَ جي مرحلي ۾ آهي.

آخر ۾ آئون "سنڌي ڊڪشنري بورڊ" جي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر سائين مدد علي سنڌي صاحب جو پڻ ٿورائتو آهيان، جن جي ڪوشش، حوصلہ افزائين ۽ همت افزائين سان اهو ڪم پايئہ تڪميل تي پهتو.

**ڪارساز ما به فکر کار ما**
**فکر ما در کار ما آزار ما**

تاريخ: 20 مارچ 2022 عيسوي
مطابق 14 شعبان المعظم 1443هجري

**عبدالڪريم "آزاد" سميجو**
ايڊيشنل سيڪريٽري
تعليم ۽ خواندگي کاتو حڪومت سنڌ، ڪراچي.

| مکيہ لفظ | گرامر | معنیٰ |
| --- | --- | --- |
| آچاڙو: | اسم مذکر | (1) ڪانيءَ جو چيريل بيڪار چورس پاسو يا ٽڪرو چاڙهو (2) چٽن يا داغن لڳل پوتڙو. (جمع: آچاڙا) |
| آچلاڻ: | اسم مؤنث | چڊي لَسِي. |
| آچي پاچي: | اسم مرڪب | باقي تاقي، آخري پچاڙي |
| آداسِيو: | اسم مذکر | (1) ڪپڙي ۾ پيل بيو ڏاريو ٽُڪر، چتي (2) گج يا چولي ۾ وجهڻ لاءِ رنگين ڪپڙي جو ٽُڪر. (جمع: آداسِيا) |
| آڏيس: | اسم مذکر | آديس. |
| آڏِل: | اسم مؤنث | اڏ کُوهہ واءِ. |
| آڏوڙ: | اسم مؤنث | (1) ٻڪريءَ يا ڍڳي جي اڏ کل (جنهن تان وار ڪُرچي ٻير جا چوڏا وجهي رڱجڻ لاءِ تنگي چڏبي آهي) (2) آڏ يا تسانگ تي چڙهيل (سبيل) چوڙو (جنهن ۾ رڱجڻ لاءِ ٻير جي چوڏي يا رنگ جو پاڻي وجهجي) (3) اڏوڙ. |
| آڏوڙ: | صفت مذکر | (1) ڦوڪيل، سُڄيل (2) ٿُلهو متارو. |
| آڊو: | اسم مذکر | انديشو فڪر، ڳڻتي. |
| آڊِڻ: | فعل متعدي | (1) مالش ڪرڻ (2) پيٽ آڊِڻ. |
| آراتي: | صفت مؤنث | هڪ مهل تي نہ ڏُڌَل، سَندوڻَل. (جمع: آراتيوُن) |
| آرِٽي: | صفت مذکر | (1) نارُ هُرلي يا هر ۾ وهيل (ڍڳو) (2) وَهوُ (ڍڳو يا اُٺ). (جمع: آرِٽي) |
| آرڦ: | اسم مذکر | ڪارءِ صابڻ جو (ڪڙهيل يا رڌل) پاڻي، اوڪڙُ. |
| آرڻ: | اسم مذکر | (1) پيلو ٻوڏ جو جهنگ (2) چراگاهہ (3) گدرن ۽ هنداڻن جي پوک (4) پاچين جو باغُ (5) آراڻُ آرڙُ (6) آڏائوُن فصل (7) جنگ، لڙائي (8) آديسي فقيرن جي بيٺڪ. (جمع: آرڻَ) |
| آرو: | اسم مذکر | (1) آرُ پيارُ قربُ (2) حُب، سِڪ (3) دِل جو لاڙو (4) خواهش (5) لاڏ، ٻار جو انگل (6) مرضي (7) درياءَ جي پاوَڪ (8) درياءَ جي پاڻيءَ جي اُٿلَ (9) پاڻيءَ جو وهڪرو سيرَ، تِک (پاڻيءَ جي) (10) چوپائي مال جي وقت تي نہ مڙڻ واري حالت (11) ڪُڪڙِ (يا ٻئي پکيءَ) جي آنن تي ويهڪ. (جمع: آرا) |
| آرو: | اسم مذکر | ٻني، جنهن کي هڪ سال ائين ڇڏي ڏجي ۽ آباد نہ |

| مکيه لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| | | ڪجي. |
| آروپَوَڻ: | محاورو | چوپائيءَ کي وقت تي نـ ڏُهَڻ سبب وارو پوڻ. |
| آروٽ: | اسم مذڪر | بلڪل نئون. |
| آروڪِڙو: | صفت مذڪر | بي ڍولو بد شڪلو ماڻهو هي لفظ ڪڇي زبان جو آهي پر ڪاري جا ماڻهو ڳالهائين. |
| آرهاڙُ: | اسم مذڪر | آرهَڙُ. (جمع: آرهاڙ) |
| آرهو: | صفت مذڪر | ناراض ۽ رنج، ناخوش (ضد: سَرهو). |
| آريا: | اسم مذڪر | هيٺ ڳري ڍِلو ڪري جهلڻ (هيءَ لفظ خاص ڪري ڪاري جا ٻيڙياتا ڳالهائين). |
| آريا: | اسم مؤنث | سِڙهـ جي ٻڌڻ جي ڏگهي ڪاٺي. |
| آريا ڳَرڻ: | محاورو | (1) واءُ ۾ ٻيڙيءَ کي ٻنيرو هلڻ لاءِ مورگيل ۾ گوش وارو واجهـ ڍِرو ڪرڻ (2) (پتو) ڍِرو ڪرڻ (3) ميلڻ (4) آڏ جو ورمنائڻ (5) آڏ کي هوا موجب سِڌاري ٻڌڻ. |
| آريال: | اسم مذڪر | آرموش، پور جواني واروأٺ. |
| آريٺُ: | اسم مذڪر | (1) (اُٺن جي) وهڻ (يا ليٽڻ) جو هنڌ (2) اُٺَ جي ليٽ، وِهڪَ، جهوڪ. |
| آريڙي: | اسم مؤنث | گند جو ڍير، اَرُوڙي. (جمع: آريڙيون) |
| آرِيڙي: | اسم مؤنث | اِرڙي. (جمع: آرِيڙيون) |
| آرِيسَر گهر هوءِ تـ ٺَڪِيَن تي ٺورا ڪرين: | محاورو | بزرگ ۽ ولي آريسر جي ڪرامت کي ياد ڪندي چيو ويندو آهي. |
| آڙِپاڙِ: | اسم مؤنث | (1) آٽڻ ۽ موٽائي ڏيڻ جي حالت (2) سدويدل جو سودو (3) سودي جي لاڙِپاڙ مٽ سٽ. |
| آڙِجهاڙِ: | اسم مؤنث | (1) اناج جي مٽَ سٽَ (جيئن ڪڻڪ جي عيوض چانور ڏيڻ) (2) لاڙِپاڙِ. |
| آڙنگ: | اسم مذڪر | (1) برسات کان اڳي هواجي گهُٽ (2) ٻُوسَٽ، رُگهـ، رونبو. (جمع: آڙنگ) |
| آڙو: | اسم مذڪر | ڪانن جو ٻَنڊُ، گڏو. (جمع: آڙا) |
| آڙِيڪاپُ: | صفت مذڪر | حرفتي، چالاڪ. |
| آڙِيڪو: | اسم مذڪر | (1) ڪُنيو (2) آڪڙو آنڪڙو انگوڙو (3) ڪُنڊي (4) ڪلوڙو (5) پيچ، وَڪڙُ، وَرُ (6) ڏِنگ، وَرُ (ڪتي يا شينهن جي پيچ جو) "آڙِيڪو نـ اُلهي، توڙي |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنیٰ |
|---|---|---|
| آنکيرو: | اسم مذکر | آکيرو. (جمع: آنکيرا) |
| آنگَرَ: | اسم مؤنث | (1) آڪڙَ سِيٽَ (2) هَڪلَ. (جمع: آنگَرُون) |
| آنگِرائِي: | اسم مؤنث | ڪَرَ پيڃڻ، آرس پيڃڻ، انگڙائي. (جمع: آنگِرَائِيُون) |
| آنگِرجَڻ: | فعل لازمي | وڙهڻ لاءِ تيار ٿي بِيهَڻ. |
| آنوري: | اسم مؤنث | گجرن جو اچار. |
| آنٽِڻ: | اسم مذکر | دويارو ڏرڻ جهڙيون چانورن گڏيل ساريون، آنُٽ. |
| آوارِ: | اسم مؤنث | گهوڙي جو تکو پنڌ، چوٽ، سراڙو. |
| آوَٽو: | اسم مذکر | پٽيءَ کان ڏنل سوَڙيا وهاڻي جي ٽيڪَ. (جمع: آوَٽا) |
| آوَڏُ: | اسم مذکر | (1) وڏي کَڏَ (2) اوڙاهُ (3) سوراخ، خال، پورَ (4) کوُهہ (جمع: آوَڏَ) |
| آوَرِي: | اسم مؤنث | آهُري |
| آوَرِي: | اسم مؤنث | (1) پٽائي گجرن جو آچار (2) هي خاص ماڇر طرف ڳالهائجي ٿو. |
| آهَتِ: | اسم مؤنث | اناج جي جنس ڏيڻ سان ڪاريگر کان ٿهيل مال وٺڻ. (وڙهيا وادِا، آڙيا آهتي). |
| آهُري: | اسم مؤنث | گجرن جو آچار. |
| آهَڙِ: | اسم مذکر | (1) وَلَرُ، ٽولي (2) جماعت. (جمع: آهَڙِيُون) |
| آهوڙُ: | اسم مذکر | لوهارن جي محاوري ۾ ڪنهن اوزار (ڪهاڙيءِ ڏاٽي، واهُلي، وغيره) جو اڌورو تيار ڪيل بوتو. (جمع: آهوڙَ) |
| آئُوڙو: | اسم مذکر | آواڙو آنهن. (جمع: آئُوڙا) |
| آئونٽرو: | صفت مذکر | آئٽرو. (جمع: آئُونٽِرا) |
| آئونٽرو: | صفت مذکر | لُچوءِ نياڳوپار. |
| آئي کان دائيءَ سُورَ: | محاورو | ڪم ڪنهن هِڪ ڪيو هُجي ۽ بار بار تڪليف جون دانهون ڪو ٻيو ڪري، تہ ان موقعي تي چئبو آهي. |
| آئيرَ: | اسم مذکر | مرد ماڻهو پر پوڙهو. |
| آيا ڪنگاڻي ويو پنجاريءَ مان پاڻي: | پهاڪو | ڪنهن ماڻهوءَ جي اچڻ سان ڪو ڪم نہ ٿيڻ جي موقعي تي چئبو آهي. |
| آيا سين سگ سُجاڻي هِت نکو پٽر نکو پاڻي: | پهاڪو | ڪنهن جي اميد ٽٽڻ جي موقعي تي چيو ويندو آهي. |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| اچو پچو: | اسم مرڪب | ذرو پُرزو. |
| اِچي پچي: | اسم مرڪب | ذري پُرزي |
| آچَ پچَندِي: | ظرف زمان | ڪڏهن ڪڏهن، ورلي. |
| اِچا ہاجھہَ: | اسم مؤنث | (1) مهرباني، نوازش (2) ٿورو احسان، وڙُ. |
| اِچا: | اسم مؤنث | پٺي کي ورسائڻ. |
| اُچاترو: | صفت مذڪر | معمول کان ٻي طرح، ڪو ماڻهو اُبهرائي ڪري تہ اُن کي بہ اُچاترائي چون. |
| اُچاٽ: | اسم مؤنث | (1) ڏک، درد، رنج، افسوس (2) خفو ڳڻتي (3) فراق، وڇوڙو جدائي (4) کَپتَ، کِجائي، بيزاري (5) پريشاني. (جمع: اُچاٽُون) |
| اُچارَڻ: | فعل متعدي | (1) آچارڻ، آگهارڻ (2) اُٿارَڻُ. |
| آچاڙو: | اسم مذڪر | (1) ڪاٺيءَ جو ڪرٽ سان چيريل پاسو (جو چوراس ڪارائتو نہ هجي)، چاڙهو (2) لَهرِ (3) راڳُ. (جمع: آچاڙا) |
| آچت: | صفت مذڪر | بلڪل نئون مثال "اُچت ڪپڙو يا ٿانءُ" |
| اُچٽُ: | ظرف زمان | (1) يڪدم (2) جهٽ پٽ، تُرت، فورا، اُمالڪ (3) جلد، تڪڙو (4) کن ۾ لحظي (5) مٿي، بالائي، مٿاهون، مٿيون (6) رکڻ يا ڇهڻُ کان سواءِ. |
| آچراڻ: | اسم مؤنث | ميدان پوٺو. |
| اچري: | اسم مؤنث | ڏاڳن ويڙهڻ جو هڪ نمونو (جنهن ۾ ڏاڳو چوڪنڊيءَ وانگر ويڙهجي). (جمع: آچريُون) |
| اُچلو: | اسم مذڪر | (1) ڏڪڻي، رلڻي (2) ڏڪڻيءَ جو مرض (3) اُٺ جي بيماريءَ جو هڪ قِسم (جنهن ۾ ويهڻ مهل اُٺَ جون ٽنگون ڏکن) (4) ڳڏيڙيءَ جو مرض. (جمع: اُچلا) |
| اُچنگ: | اسم مذڪر | (1) اُچانگ، ٽپُ (2) اُڏڪو (3) بدن تي ڏارئي هٿ لڳڻ سبب ٿيل سيسراٽ. (جمع: اُچنگ) |
| اچو اُجرو: | اسم مرڪب | صاف سُٿرو اُجَل. |
| آچو پٿُون: | اسم مذڪر | ڪاري جي مڇيءَ جو هڪ قِسم، اچي رنگ واري پاپليٽ. |
| آچُوني: | اسم مؤنث | ٻڪريءَ جو هڪ قِسم (رنگ ڳاڙهو ڪن اچا، ڪير جي پلي). |
| آختڙ: | اسم مذڪر | اوچڻ، بسترو هنڌ. |
| آدلائي: | اسم مؤنث | خوشي، موج. (جمع: آدلايُون) |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| اُڊِي: | اسم مؤنث | ٿلهي متاري عورت. |
| ادي مُٺي، ادا چائو آسِين اوتري جا اوتِرا: | پهاڪو | ڪنهن شيءِ جو سبب ختم ٿيڻ باوجود نتيجو هر وقت ۾ عمر ۾ ساڳيو ئي رهڻ جي موقعي تي چئبو آهي. |
| آڏ ہِڏرو: | صفت مذڪر | (1) ضعيف (2) محتاج. |
| آڏ ۾ آرِي آڏ ۾ آڪھ: | پهاڪو | ڪنهن فرد پاران حصي کان وڌيڪ فائدو حاصل ڪرڻ جي موقعي تي چئبو آهي. |
| آڏاري: | صفت مذڪر | اُهو وهٽ جو اجا تائين وهو نہ ٿيو هجي، اَڻ وَهُو جَڙُ. (جمع: آڏاري) |
| اُڏِرَڻ: | فعل متعدي | (1) بچائڻ، ڇڏائڻ، نجات ڏيڻ (2) اُڏڙڻ، پاڙ پٽڻ، پٽي ڪيڻ (3) اُکلي وڃڻ (4) پٽجي وڃڻ (وڻ ٽڻ) (5) پکيڙڻ (6) چاڙهڻ، مٿي کڻڻ (7) ناس ڪرڻ (8) ڦيءِ ڪرڻ (9) قرض لاهڻ (10) ڇڏي وڃڻ (11) ٽڙي پکڙي وڃڻ، لڏي وڃڻ. |
| اُڏِڪو: | اسم مذڪر | (1) اُڏمو (2) جوشُ (3) جذبو. |
| اُڏَندو: | اسم مذڪر | افواھ، ڪوڙي خبر. (جمع: اُڏَندا) |
| آڏوِير: | اسم مؤنث | (1) ٽڪريءَ جي چوٽيءَ ۽ پاڙ جي وچ وارو هنڌ (2) لاهي، ليٽ، نشيب، نوڙ. |
| آڏوٽ: | اسم مذڪر | (1) ڦيرو موٽ، واپسي (2) اڏڙوٽ، پوڙهو ڪرڙ وڏ. |
| آڏوڪَ: | اسم مؤنث | ڪوہ وڏو ٽڪر. (جمع: آڏڪون) |
| آڏومُ: | صفت مذڪر | اڻ ڳڻيو بي انداز بي شمار. (جمع: آڏومَ) |
| اُڏي سامائي: | اسم مرڪب | جوان جماڻ، سامايل عورت. |
| اُڏي ڪاٺي رات وِيهائي: | پهاڪو | ڪنهن ڪم جي جلد مڪمل ٿيڻ يا ختم ٿيڻ جي اميد ڏيارڻ جي موقعي تي چئبو آهي. |
| آڏِيارُ: | صفت مذڪر | اڌ ياڻيوار اڌ پتيارُ اڌ حصي جو مالڪ. (جمع: آڏيارَ) |
| اِڏُ: | اسم مذڪر | ڍِڳُ، انبار. (جمع: اِڏَ) |
| آڏُڻُ: | اسم مذڪر | رَڇ سڪائڻ لاءِ ڪُتل ڪاٺي. (جمع: آڏُڻ) |
| اِڍِ: | اسم مؤنث | ڪپڙن جو ڍِڳُ. |
| اِڍِر ڳِڍِر: | اسم مؤنث | هڪ باراٽي راند (جنهن ۾ هٿن کي هيٺ مٿي ڪبو آهي). |
| اُڍِسُ: | اسم مذڪر | ڍِڳُ، ڍيرُ، ڪوڙُ (جمع: اُڍِسَ) |

| مکيه لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| آروڙ پروڙ: | ظرف مڪان | جتي ڪٿي، هر جڳهه، هر هنڌ. |
| آرهَن: | اسم مذڪر | (ڏهائيندڙ) مال جي اوهه تي سوڄ. |
| آرهُون: | اسم مذڪر | (ڏهائيندڙ) مال جي اوهه تي سوڄ. |
| ارهيال سرهيال: | اسم مرڪب | نيڪ بد، بيڪار سيڪار ڏکيو سُکيو. |
| اُري پُري: | اسم مرڪب | اڳتي پوئتي، هيڏانهن هوڏانهن. |
| اِڙُ: | اسم مذڪر | ڍير، ڍڳُ، انبار. (جمع: اِڙ) |
| آڙائي: | اسم مؤنث | ٻهريات ٻڪري، آوٽ، اَئِٽ. (جمع: آڙائيُون) |
| اُڙِل: | اسم مؤنث | ڀَن (وَل) جو ڏِيڀو. (جمع: اُڙِلُون) |
| اُڙو اُڙو: | اسم مؤنث | راند جو هڪ قسم. |
| اُساڪِرو اُساڪِڙو: | صفت مذڪر | (1) صاف ٽيل (2) آڌ آلو آڌ سڪل، ٽڪرو آڌوڪو اُساڪڙو (3) ڀُسائي سُڪائڻ بعد وٽجي ويندڙ. (جمع: اُساڪِرا، اُساڪِڙا) |
| اُست: | اسم مذڪر | ڪير جي لسي. (جمع: اُستَ) |
| اِستِي: | اسم مؤنث | عورت، زال، اِستري (جمع: اِستيُون) |
| آسوسُ: | صفت مذڪر | تار (پاڻي)، بي انداز (پاڻي)، تمام وڏو "واهه ڀر تہ پاڻي آسوسُ آهي". (جمع: آسوس) |
| اُسيڪو: | اسم مذڪر | وهاٽو تڪيو. (جمع: اُسيڪو) |
| آغير وَغير: | اسم مرڪب | هڪڙا ٻيا، ڪي چند، پنهنجا پرايا. |
| اُڪائڻُ: | فعل متعدي | ڪير کي خراب ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ ڪير جي ڪُني کي ماڃي، پوءِ ان کي مارنگن تي اونڌو ڪري سيڪ ڏيڻ. |
| آڪيڪو: | صفت مذڪر | بي ٻولو ٿلهو متارو بي زورو آڪيگو. (جمع: آڪيڪا) |
| آڪيگو: | صفت مذڪر | آڪيڪو. (جمع: آڪيگا) |
| آڪ ڪارا ڪرڻ: | محاورو | ڪجهه بہ نہ ڪرڻ يا اونڌو ڪم ڪرڻ، ٽوڪ طور چون "فلاڻو کهڙا اڪ ڪارا پيو ڪري". |
| آڪارُ: | اسم مذڪر | آڪ جي تندن جو رسو. (جمع: آڪارَ) |
| آڪِبَندُ: | صفت مذڪر | سربَستہ، سڄو سمورو. (جمع: آڪِبَندَ) |
| اُڪراٽ: | اسم مؤنث | ڪاوڙ غُصو خارَ. (جمع: اُڪراٽُون) |
| آڪردو: | صفت مذڪر | آجو نويڪلو اڪثر سُون چون: "ننهن کي گهرجي آجو آڪردو گهر". |
| اُڪِرڙو: | اسم مذڪر | گند اُڇلائڻ جي جاءِ، اَروڙيہ دڙو ڍڳ. (جمع: اُڪِرڙا) |

| مکيه لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| راڻيون ڪري: | | آهي. |
| آڪيچٽي: | اسم مؤنث | ماٽيءَ کي ڍڪڻ لاءِ ڪپڙي جو ٽڪر، ڍنڍٽو. (جمع: آڪيچٽيُون) |
| اگهہ پار: | اسم مرڪب | قيمت، ڪاٽو مُلهہ |
| اگهہ ڪٽيو ڪاڄي نہ ماڻ ڪٽيو: | پهاڪو | ماپ تور ۾ ٺڳيءَ کان پاسو ڪرڻ جي ترغيب ڏيڻ جي لاءِ چيو ويندو آهي. |
| آگهراڻي: | اسم مؤنث | (1) اوڌر (2) اُڳاڙي، اوڳڙ، وصولي (3) قرض (4) رَڪت، رَهت. (جمع: آگهَراڻيون) |
| اُگَهلَ: | اسم مؤنث | (1) وَٿاڻ (2) ڪان ٻاهر مال جي ويهڻ جي جاءِ. (جمع: اُگهَلُون) |
| آلَ وِجَهڻُ: | محاورو | (1) رنڊڪ وجهڻ، روڪ ڪرڻ، اٽڪ وجهڻ (2) قطع تعلقات ڪرڻ، ناتا توڙي ڇڏڻ (3) چوپايو مال ڪنهن جي نالي ڪري ڇڏڻ. |
| اُلاڙَ: | اسم مؤنث | (1) هيٺ لاڙو جهڪاءُ (2) بار جو هڪ پاسي جهُڪاءُ، اوهَرَ (3) اُلَرَ، (ڌڪ) اولارڻ جي حالت. (جمع: اُلاڙون) |
| اُلاڙ: | صفت مذڪر | (1) لڏيل بار جو لڙيل ڳرو پاسو اوهر (2) لَڙيل، جهُڪيل. (جمع: اُلاڙَ) |
| اُلانبو: | اسم مذڪر | (1) ڄڀي، شُعلو اُلو (2) ڄيرو ڄراٽ، ڀَڄَرَ (3) چُوچڙي، پريل ٻُنڊي (4) عشق جي آڳ (5) اوپالو ڏوراپو مهڻو عتاب، طعنو. (جمع: اُلانبا) |
| اُلانگ: | اسم مؤنث | (1) اورانگهہ (2) ڪنهن شيءِ کي اورانگهي وڃڻ واري وک. (جمع: اُلانگُون) |
| آلاڙڻ: | فعل متعدي | ڇيڪ ڇڏڻ، وهٽ کي ڇوڙي ڇڏڻ، ڪوبہ چوپايو بنا ڌراڙ جي ڇوڙي ڇڏڻ. |
| آلبيلو: | صفت مذڪر | ٻالو ڀولو. (جمع: آلبيلا) |
| آلجَڪُ: | اسم مذڪر | سُٽڻ جو وَرُ. (جمع: الجَڪَ) |
| اُلڪو: | اسم مذڪر | ڳڻتي، فڪر، ڪٽڪو. |
| الله سائين مون نہ ڏٺين مَنَ پاڙي ڏٺين: | چوٽي | ڪنهن نعمت کان سخت مايوسي ٿيڻ جي موقعي تي چئبو آهي. |
| اللهورَ: | صفت مؤنث | سٺي، ڀلوڙ (ڳئون لهورَ آهي). (جمع: اللهورُون) |
| اُلنبو: | اسم مذڪر | (1) اُدمو ڀُورُ جوش، جَولانُ (2) ڄيرو شعلو. (جمع: اُلنبا) |

| مکيه لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| آنگهين: | صفت مذڪر | جو اورانگهي يا لنگهي نہ سگهجي، وڏو تان تمام وڏو تمام گهڻو. |
| اُلوڙڻ: | فعل متعدي | اکوڙڻ، ڪِلو وغيره زمين مان ڇڪي ڪيڻ يا ٻڌل رسو واڻ وغيره کولڻ. |
| آلوکرو: | صفت مذڪر | چاڳلو (هي ڪڇي زبان جو لفظ آهي پر هتي عام طرح چاڳلي ٻار لاءِ ڪتب آڻين، پر عورتون وري آليکرو چون). |
| آلويڙُ: | اسم مذڪر | هٿ يا پير جي آڱوٺي جو هڪ ڪان وڏيڪ ورن وارو ڇلو. (جمع: آلويڙَ) |
| آلهاڻُ: | اسم مذڪر | الهندو طرف. |
| آلهڻ: | فعل متعدي | لهڻ، سج جو اُلهڻ، سج لٿي بدران "سج اُلٿي" بہ چون. |
| آلهو ٽلهو: | اسم مرڪب | سامان سٽرو شيءِ شڪل. |
| اِلهو: | اسم مذڪر | ڏڪر جوانيءَ کي اُسرائڻ لاءِ ڀهريون ڏڪ اِلو. |
| اُلهي ڪُلهي: | صفت مذڪر | ڪرائيءَ کان ڪلهي تائين چڙهيل چوڙو سڄي ٻانهين (ڪَنجَ ءِ ٻَڪُ ٻيٺي) "اُلهي ڪُلهي ٻانهين". |
| اُلهَيڙُ: | صفت مذڪر | (1) اُلڙيل، اُڪڙيل، ڍرو ٽيل (2) ڍرو ڍلو ڦلهڙو (3) عضون اڪڙيل، ماٺور (4) سست (5) رولو رولاڪ (6) رولو جانور، ڇڙواڳ جانور. (جمع: اُلهَيڙَ) |
| اُلِي: | اسم مؤنث | تؤنس، گهٽي اُڄ، ڪير گهٽي لسي يا پاڻي پيئي تہ چون: "اُلي آهيس يا رڻ تا لهي آيو آهي". |
| اُليٽِي: | اسم مؤنث | (1) ٻوٽي جو هڪ قسم (2) ڦيسُڙ لاٽِي، گڏهہ لاٽي. (جمع: اُليٽيون) |
| اُمر ڏُمر: | اسم مرڪب | واهہ ڪرڻ، چمر رَڪڻ. |
| اُمر ڪرڻ: | محاورو | (1) اکيون پوري روانو ٿيڻ (2) منهن ڪري وڃڻ (3) رخ رکي هليو وڃڻ. |
| اُماڃُ: | اسم مذڪر | (1) جسم جو ڏُن کان هيٺيون ڀاڱو (2) نهائين. (جمع: اُماڃَ) |
| اُمارو: | اسم مذڪر | (1) اوپارو اوير، اُپرڻ (2) تياري، سانباهو سنيت، قصد (3) پوري پڪي ارادي وارو ترت سانباهو. (جمع: اُمارا) |
| آماڻ: | اسم مؤنث | (1) امانت (2) امان، سلامتي (3) امانت ۾ رکيل (4) لاش جو امانت طور دفن ڪجي يا ٻئي پاسي دفن ڪرڻ لاءِ موڪلجي. |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| آمبَلَ: | اسم مؤنث | هيراڪ. (جمع: آمبَلُون) |
| آمجُهو: | صفت مذڪر | (1) نہ سمجهندڙ بي سمجهہ آياڻو (2) "سمجهُو" جو ضد. (جمع: آمجهوُ) |
| آمهاڙِي: | اسم مؤنث | اُها چوپائِي جنهن کي ويامڻ وقت ڦر مُنهن پر نہ اچي. (جمع: آمهاڙيُون) |
| اُميٺڻ: | فعل متعدي | ماپڻ، مٺڻ، ڀرڻ. |
| اُميري: | اسم مؤنث | چنل ڏاڳي کي خاص انداز ۾ ڳنڍڻ. |
| آناپو: | اسم مذڪر | نيلوفر جو ٻج، ڪُمر جو ٻج، ناپو (جو غريب ماڻهو ڏڪ طور آن ڪري کائين). |
| آناڙُ: | اسم مذڪر | بيجا هَلت، اَڏنگائي. (جمع: آناڙ) |
| آناڙُ: | صفت مذڪر | بيوقوف، احمق. (جمع: آناڙ) |
| آناڻُ: | صفت مذڪر | (1) صفا ڇريو ٻِنهہ موڳو (2) آنانُ. (جمع: آناڻ) |
| آنبَلَ: | اسم مؤنث | ويهاريل عورت، سينڌي |
| آنبَلُ: | اسم مذڪر | وهٽن جو ٽلو. |
| آنبَلُ: | صفت مذڪر | (1) پيار ڪندڙ (2) هٽ هيرو (3) هم صحبت. |
| آنبِي: | اسم مؤنث | انبڙي. (جمع: آنبِيُون) |
| آنبِيڪو: | اسم مذڪر | رنگريزن (کَتين) جي محاوري ۾ گدامڙيءَ جي ٻجن جو ٻورو (جو ڪپڙن رڱڻ جي ڪم اچي). (جمع: آنبِيڪا) |
| آنيو: | اسم مذڪر | تِکي کُٽ، پالو. |
| انت اپار: | اسم مرڪب | بي انتها، لامحدود، تمام گهڻو. |
| آنت شمار: | اسم مرڪب | بي شمار، لاتعداد، گهڻو. |
| آندِ: | اسم مؤنث | (1) آنت، ڇيهہ، ڇيڙو (2) ڪنارو، پاسو (ڪپڙي جو). (جمع: آندُون) |
| آندر ۾ ڪَئِنچُون ٻاهِر رام رام: | پهاڪو | ظاهري خوشامديءَ ۾ اندر ۾ عدوات جي موقعي تي چئبو آهي. |
| آندي: | اسم مؤنث | (1) ڪپڙي جي ڪناري (2) درياءَ جي پرين پِرَ. (جمع: آندِيُون) |
| آنڌَ ڳهو: | اسم مذڪر | امانت ۾ خيانت. |
| آنڌا بہ ٽا بازار گُهمَن: | چوڻي | نااهل جو ڪنهن وڏي ڪم ۾ هٿ وجهڻ ۽ ناڪام ٿيڻ جي موقعي تي چئبو آهي. |
| آنڌي اَکيان روئڻ پنهنجو نُور وڃائڻ: | پهاڪو | ڪنهن مان سخت مايوس ٿيڻ ۽ نااميد ٿي وڃڻ جي موقعي تي چئبو آهي. |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| آٿهارُ: | اسم مذکر | شاديءَ ۾ گهوٽ سان گڏ گهوڙي تي ويهاريل ٻار. (جمع: آٿهارَ) |
| آٿهول: | صفت مذکر | (1) اگهو بيمار (2) بيماريءَ جو ماريل، آيرو. |
| آٿهوند: | اسم مؤنث | (1) ڪجهہ بہ نہ هجڻ، ڪنهن کي پَلئُو هجي تہ ان کي "آٿهوندو" چون (2) خاص طور ڪاوڙ مان مائٽن ٻارن کي "آٿهوندو" چون. |
| آٿهيارُ: | اسم مذکر | شاديءَ ۾ گهوٽ سان گڏ گهوڙي تي ويهاريل ٻار. (جمع: آٿهيارَ) |
| آوارَّ: | اسم مؤنث | (1) جهوٽ، ڳولا، تلاش (2) رولڙو (تلاش ۾). (جمع: آوارُّون) |
| آوارَّ: | صفت مؤنث | اجائي،نڪمي، بيفائدي (جمع: آوارُّون) |
| آوايو: | صفت مذکر | (1) آوارو بتال، ڀٽڪندڙ گمراهہ رولاڪ (2) موڳو چريو نادان (3) بيڪار (4) جو ڏسي وائسي نہ هلي (5) ٿورو گهٽ، آوٽو (6) "سوايو" جو ضد. (جمع: آوايا) |
| اوباڪِي: | اسم مؤنث | (1) روئڻ ۾ ساهہ منجهي پوڻ جي حالت (2) ساهہ چڙهڻ وقت اُبو ساهہُ (3) ٻاڪَ. (جمع: اوباڪِيُون) |
| اوپارو: | اسم مذکر | ڪُنَ وانگر تکو پاٽي (ڪاري جا ماٿو ڳالهائين). |
| اوپالو: | اسم مذکر | ڪنهن کي ڏوراپو ڏيڻ. |
| اوپان: | اسم مذکر | چوپائي مال جي پاڻي پيئڻ جو حوض، آوارو آنهہ. |
| اوپڙ: | اسم مذکر | ٻيڙيءَ ۾ مُهڙ وارو هينيون تختو. (جمع: اوپڙ) |
| اوپِر، اوپِرُ: | اسم مؤنث | (1) ٻوٽن جي پيدا ٿيڻ يا وڌڻ واري حالت (2) اوسَرِ. |
| اوپِر سوپِر: | اسم مرڪب | رَهيل سَهيل، بچت سچت. |
| اوٽ: | اسم مؤنث | گهاٽو مِينهن. (جمع: اوٽُون) |
| اوتاڙي: | صفت مذکر | (1) آوتڙ (2) گمراهہ، ٿوائِي. |
| آوتَڙُ: | صفت مذکر | مٿانهون، اُڪيرو. (جمع: آوتَڙَ) |
| اوٽَ چَڙهڻ: | محاورو | ننڊ جو خمار چڙهڻ، ڳهر چڙهڻ. |
| اوٽَ وَرڻ: | محاورو | ننڊ جو خمار چڙهڻ، ڳهر چڙهڻ. |
| اوٽَ: | اسم مؤنث | (1) چپٽ (2) ڳري آفت "شل ڪا اوٽَ پويئي!" (3) پاپ، هچا (4) گهٽي ننڊ، ننڊ جو غلبو (5) ڳَهَرَ. (جمع: اوٽُون) |
| اوٿاڻُ: | اسم مذکر | ٻن پهرن جو چوپائي مال کي وٿاڻ ۾ وٺي اچڻ جي حالت. |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| اوٽِلاڻِ: | اسم مؤنث | (1) اُھا ڍڳي يا مينھن جيڪا وري وري ڦرجڻ جي باوجود ڍُڪي نہ ٿئي (2) ٿُلھي. (جمع: اوٽِلاڻُون) |
| اُوٽو: | اسم مذڪر | جِيتَ جو ھڪ قسم (جو گرمِ ڪپڙي کي ٽُڪيندو آھي)، چُوٽو. (جمع: اُوٽا) |
| اُوٺ: | اسم مذڪر | ڍِڳ، ڍير (جو محض ڏيکاءَ لاءِ ھجي). (جمع: اُوٺ) |
| اوٺارُ: | اسم مذڪر | ڍير، ڍِڳُ، پِڙُ. (جمع: اوٺارَ) |
| اُوڙِڙو: | اسم مذڪر | بيل گاڏيءَ جي ھڪ ڪاٺي (اوڙِ جي اڳئين پاسي واري اُڀي ڪاٺي جنھن تي گاڏي سڌي بيھي)، رُونِڙو. (جمع: اُوڙِڙا) |
| اُوڙِٽو: | اسم مذڪر | بيل گاڏيءَ جي ھڪ ڪاٺي (اُھا ڪاٺي جا گاڏيءَ جي پولھہ کي مٿي ڪٽي بيھي)، رُونِڙو. (جمع: اُوڙِٽا) |
| اوڙو: | اسم مذڪر | (1) ليپي جو ھڪ قسم (واري، ڇيڻو ۽ مٽي ملايل ليپو) (2) گھر جي اڳيان ٿلھو (3) اڱڻ. (جمع: اوڙا) |
| اوڙَ: | اسم مؤنث | (1) اوٽ (2) بچاءُ، پناھہ (3) پرجھلو آڏار. |
| اوڙَ، اوڙِ: | اسم مؤنث | (1) وَس (2) جھجھي برسات (3) وُٺي جي ڇَر (4) مينھن جو گڏ ٿيل پاڻي، پلر "اُني اوڙِ اُتر کان، جانب ياد اچن" (5) مينھن جي پاڻيءَ جي ٻوڏ (6) مينھن جو پاڻي، جو مٿانھين، تان ڏوڪيندو ھيٺاھينءَ ڏانھن اچي. (جمع: اوڙُون) |
| اوڻارِ: | اسم مؤنث | مڇيءَ جو ھڪ قسم (سنھن ڇلرن سان، ڊيگھہ چار پنج انچ). (جمع: اوڻارِيُون) |
| اوڻارو: | اسم مذڪر | خراب خواب، اوتارو. |
| اوڻو: | اسم مذڪر | اُھڃاڻُ، نِشانُ، پارُ پتو. (جمع: اوڻا) |
| اوڻِٺانگ: | اسم مذڪر | ايتري برسات جنھن مان اُٺ جي مُٺ جيتري پوسل ٿئي، تورو مِينھن. |
| اوڻِٺانگِڙو: | اسم مذڪر | ايتري برسات جنھن مان اُٺ جي مُٺ جيتري پوسل ٿئي، تورو مِينھن. |
| اوپاڄُ: | اسم مذڪر | (1) پيدا ٿيڻ جي حالت (2) پيٽان چاول (ٻار) (3) "نيپاڄُ" جو ضِد. |
| اوپو: | اسم مذڪر | پرائو بار ٻئي جي ذميداري |
| اوڇَھہ: | اسم مؤنث | (1) اُھڃاڻُ، نشاني، پارُ (2) روش، مھاندو (3) شبيھہ (جمع: اوڇَھُون) |
| اوڇاھَ: | اسم مذڪر | (1) چاھہ (2) شوق، وڻت (3) خواھش، سڌ. |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| اوڃمُ: | اسم مذڪر | (1) اُدم، سعيو، ڪوشش، تاڪيد (2) سرجوشي، اُتساهہ (جمع: اوڃمَ) |
| اُوچيڙو: | اسم مذڪر | مِينهَن بعد ڦُڪرائي، نِوائي، تڙڪو (جمع: اوچيڙا) |
| اوچَ: | اسم مؤنث | (1) ڪمينائي، رذالت (2) خسيسپائي، نيچپائي (3) مُونجهہ، حيراني (جمع: اوچُون) |
| اوچارَ: | اسم مؤنث | قيءِ، اُلٽي، ڪَيَ (جمع: اوچارُون) |
| اوچارڻ: | فعل متعدي | قيءِ ڪرڻ، اُلٽي ڪرڻ، اوڪارڻ. |
| اوڇاڙَ: | اسم مؤنث | (1) چادر يا ٻيو ڪو ڪپڙو جو ميت جي مٿان وجهبو آهي (2) فوتيءَ جي ويجهن عزيزن جو فوتيءَ جي وارث کي چادر وغيره بدران ڏنل عوض، ڇاڙَ (جمع: اوڇاڙُون) |
| اوڇاڻِي: | اسم مؤنث | (1) اوڇَڻُ، ڪپڙو (2) چادَر (3) پوشاڪ. (جمع: اوڇاڻِيُون) |
| آوڇڻ: | اسم مؤنث | ڪپڙو اجرڪ ۽ رلي وغيره، اوڍي سمهڻ لاءِ |
| اُودَ: | اسم مؤنث | ٻيل گاڏيءَ جي اڳين ڏڳهي ڪاٺي، پولَ (جمع: اُودُون) |
| اوڏَ: | اسم مؤنث | (1) ڪنهن ٻوٽي جي اُها ٽاري جانِوڙائي زمين ۾ پُوري ڇڏجي (جتان اُها ٽاري پاڙ هڻي ٻئي ٻُوٽي جي صورت وٺندي آهي) (2) وڻ جو گوشو يا انگور (3) پيوند، قلم (4) واڙ، ماچ. (جمع: اوڏُون) |
| اوڏانُ: | صفت مذڪر | اَن جي واڻُو. (جمع: اوڏانَ) |
| اوڏيلُ: | صفت مذڪر | (1) ڏڪاريل، لوڏيل (2) ٻي ٻها. |
| اوڏارُ: | اسم مذڪر | وڻ جي وڌيل پاڙ (جا زمين ۾ هجي)، لاهہَ مُنڍيو. (جمع: اوڏارَ) |
| اوڏڙو پير ڇُلهہ جو مارنگ: | پهاڪو | ڪنهن بزرگ يا عالم جو پنهنجي ۾ قدو نہ ٿيڻ جي موقعي تي چئبو آهي. |
| اوڏو: | صفت مذڪر | (1) ويجهو اوڏڙو بہ چون (2) نہ وڃي اوڏڙي گهر واري (ڪي اوڏا بہ ڏور ڪي ڏور بہ اوڏا سپرين). |
| اوڍِلاڻُ: | اسم مذڪر | اوپالو ڏوراپو. (جمع: اوڍِلاڻَ) |
| اوڍَ: | اسم مؤنث | سمهڻ وقت مٿان وجهڻ لاءِ رلي، سَوڙ وغيره. |
| اوڍارڻ: | فعل متعدي | جنڊ جي تانئر مان آٽو ڪيڏڻ. |
| اوڍلو: | اسم مذڪر | اولو پناهہ (جمع: اوڍِلا) |
| اوڌڻ: | فعل لازمي | پائڻ، ڍَڪڻ، پهرڻ (ڪپڙو) وِجهڻ (انگ تي ڪپڙو) |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| | | هنڌ هڪبئي مٿان سَٽي رکڻ. |
| اوڍِڻي: | اسم مؤنث | (1) پوتي، رَئو (2) چُنِي (3) شاديءَ وقت ڪنوار جي ڍڪڻ جي چادر. (جمع: اوڍِڻيون) |
| اوڙِ پوڙِ: | اسم مؤنث | (1) آڇ وَڇُ (2) رُلَ پِنَ. |
| اورَ: | اسم مؤنث | چيچڙي ۾ ڪمند وجهڻ جي حالت. |
| اُورَ: | اسم مؤنث | گهٽيس، ماڻهن جي گهٽائي. |
| اورَ: | اسم مؤنث | (1) جُوئر يا ٻاجهريءَ جو لاباري بعد ٻيو اوڀڙُ (2) پوک جي ٻي مورَ. |
| اوراٽ: | اسم مؤنث | ڪنهن چوپائي جي ڪمزوري سببان ڪري پوڻ جي حالت. |
| اورَپ: | اسم مؤنث | نندي رِڍَ (جا اڃا وِيائي نہ هجي)، وَڏي گهيٽِي. (جمع: اورَپُون) |
| آوِرِٿو: | صفت مذڪر | اَجايو بيفائدو (ڪم)، رايگان. (جمع: آوِرِٿا) |
| آورٽ: | اسم مؤنث | نندڙي ٻار جي اُلٽي. |
| اُورَڙَ: | اسم مؤنث | (1) تکي ڊوڙ رُومڙ (جانور جو حملي لاءِ) (2) يلغار حملو. |
| آورَڪَ: | اسم مؤنث | مينهن جي سنهڙي بوند. |
| آورَڪَ: | اسم مؤنث | وڏو مينهن، گهاٽو مينهن، سخت برسات، آوريڪ. (جمع: آورَڪُون) |
| اورِگَڻ: | فعل متعدي | (1) اورکڻ، اوڙکڻ، سُڃاڻڻ، جاچي ڏسڻ (2) ڳولڻ (3) اورانگهڻ. |
| اورنگا ٽئو بندر وٺو: | چوڻي | ڪنهن پتڻ يا هنڌ جي آباد ٿيڻ جي موقعي تي چئبو آهي. |
| اورَڻ: | فعل متعدي | (1) ڏک سُک جو احوال ڏيڻ، سوُرَ بيان ڪرڻ. دل جو حال ڏيڻ ڳجهي ڳالهہ ڪرڻ (2) حال بيان ڪرڻ (3) حال ونڊڻ (4) چيچڙي ۾ ڪمند وجهڻ. |
| آورو پاسو: | اسم مذڪر | چَوپائِيءَ جو نہ ڏُهڻ وارو پاسو. |
| اورو: | صفت مذڪر | چيچڙي ۾ ڪماند وجهندڙ. (جمع: اورا) |
| آورو: | صفت مذڪر | خراب طبيعت وارو، آڏنگو اهنڊ. (جمع: آورا) |
| اورَهاڙو: | اسم مذڪر | ڪچو چاوَل ڦَر. (جمع: اورَهاڙا) |
| اورَهُون: | صفت مذڪر | اوريان (ضد: پرهُون). |
| اُوري پوري: | اسم مرڪب | سڃاڻپ، ڏيٺ وِيٺ، دعا سلام. |
| اُوري: | اسم مؤنث | اُرڙي، نندي ماتا. |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| اوڙڪاڻ: | اسم مؤنث | (1) سُڃاڻپ، واقفيت (2) ملاقات. |
| اوڙڪاڻِي: | اسم مؤنث | (1) سُڃاڻپ، واقفيت (2) ملاقات. |
| اُوڙو: | اسم مذکر | اُٺ جي هڪ بيماري (جنهن ۾ ٽنگن ۽ کوڙي جي وچ ۾ ڦوڙهو ٿيندو آهي). (جمع: اُوڙا) |
| اوڙو: | اسم مذکر | کوهہ جي پرسان مال کي پاڻي پيارڻ لاءِ ڏهہ، بارهن فوٽ ڊگهي کونڊي ٺاهين ۽ ان کي پاڻيءَ سان ڀري ڇڏين. (ٻيو اُچار: اُواڙو). |
| اوڙهانڊُ: | اسم مذکر | تنيڙي ڪُنڊي (وڻ). |
| اوڙي ڏوڙي: | اسم مرڪب | سنگتي ساٿي، دوست يار. |
| اُوڙي: | اسم مؤنث | اُٺ جي کوڙي ۾ نڪتل ڦوڙهو (بيماري). (جمع: اُوڙيُون) |
| اوسا: | اسم مؤنث | فالَ. (جمع: اوسائُون) |
| اوسا: | اسم مؤنث | کَڏَ، کامو. (جمع: اوسائُون) |
| آوساء: | اسم مؤنث | پٽ تي آڱر يا ڪانيءَ سان ليڪا پائي فال ڪيڻ. |
| اوساءِ: | اسم مؤنث | قوٽن پيپل زمين (آلي زمين سڪڻ بعد ڇيرجي پوندي آهي). |
| اوساڱُون ڪرڻ: | محاورو | برسات جي موسم ۾ چوپائي مال جو آسمان ڏانهن نهارڻ. |
| اوسَڙُ: | اسم مذکر | (1) علاج، دوا درمل (2) چوپائي مال جو علاج (3) اوٽ. (جمع: اوسَڙا). |
| اوسِڙي: | اسم مؤنث | فال، اوسَهہ |
| اوڪارُ: | اسم مذکر | (1) اُڪرڻ جي جاءِ لانگهون لنگهہ (2) گهيڙُ. |
| اوڪاسُ: | اسم مذکر | (1) گهَٽُ، گهيڙ (2) لنگهہ، دروازو. (جمع: اوڪاسَ) |
| اوڪاسڻ: | فعل متعدي | (1) نهارڻ، جاچڻ (2) سِڪَ يا انتظار مان نهارڻ. |
| اوڪرُ: | اسم مذکر | پروسو. |
| اوڪڙُ: | اسم مذکر | ڪار ۽ صابڻ جو ڪڙهيل پاڻي (جنهن ۾ ميرا ڪپڙا ٿهڪايا ويا هجن). |
| اوکَرُ: | اسم مذکر | جهجهو گاهہ. (جمع: اوکَرَ) |
| اوکِراڻ: | اسم مؤنث | ڪراڻ يا ڪُرڇڻ واري حالت. |
| اوکَڙَ اوکَڙِ: | اسم مؤنث | (1) خشڪ هوا (2) گرم هوا، لُڪ، جهولو (3) ڏکڻ اُلهندي جي هوا، واهُوندو. |
| اوگانو: | صفت مذکر | اجايو بيفائدو (هلڻ). |
| آوگِرو: | صفت مذکر | ڪِنو يا ٻي افعالو (هي لفظ گهڻو ماڇر جا ماڻهو |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
| --- | --- | --- |
| | | ڳالهائين. |
| اوڳي: | صفت مؤنث | سموري، سڄي. (جمع: اوڳيون) |
| اوگهرَڻ: | فعل لازمي | (1) سُست ٿيڻ، ٽوٽي ٿيڻ (2) گدلو ٿيڻ. |
| اوگهمُ: | اسم مذڪر | (1) آگم، گهُٽ، جس (2) گرمي (3) برسات کان اڳ هوا بند ٿيڻ جي حالت، آڙنگ. |
| اوگهمِ: | اسم مؤنث | (1) آگم، گهُٽ، جس (2) گرمي (3) برسات کان اڳ هوا بند ٿيڻ جي حالت، آڙنگ. |
| اول پٽڻ: | محاورو | (1) مراد آهي هيڏانهن هوڏانهن هلڻ يا دربدر ٿيڻ (2) ڪنهن کي هرويرو ڪٿي چڪر ڪاٽيندي ڏسجي تہ ان کي "اول پٽڻ ٿيڻ" چئبو (3) "پٽڻ" ڪنهن ڪئنال کي پار اڪرڻ لاءِ ڪم اچي ٿو (4) اول پٽڻ ٿيڻ معنيٰ: پٽڻ کان هٽي توائي ٿيڻ. |
| اولَ: | صفت مذڪر | يرغمال (Hostage). |
| اولارَ: | | ڏڳي ڳاڏيءَ جي پوئين حصي ۾ گهٽو بار هجي ۽ پانجاري اُڃاتري (مٿي) ٿي وڃي. (ضد: داباٺون) |
| اولاٽڻ: | فعل متعدي | اُلوٽڻ، اُڪوٽڻ. |
| اولاٽو: | صفت مذڪر | (1) بنا پلاڻ جي (وهٽ)، پلاڻ لٿل (اُٺ) (2) جاتولو چڙواڳ (مال). (جمع: اولاٽا) |
| اولَتِ: | اسم مؤنث | نڪاح ٻڌي زال، جوءِ. |
| اولڙ: | اسم مذڪر | ڪم آيل ۽ چپيل گاهہ. |
| اولمو: | اسم مذڪر | ڪپڙي جي ڪنار تي سيبو اوٽي، ٻهي، اُرمو. |
| آولَڻُ: | اسم مذڪر | ڪک ڪانا وغيره جيڪي پاڻيءَ جي وهڪري ۾ ڏڪجي ڪناري سان لڳي بيهن. |
| اولَڻ: | فعل متعدي | (1) رولڻ، تولڻ پتڪائڻ، دربدر ڪرڻ (2) ٿُلڪائڻ (3) ڏِڪڻ (ٻيڙيءَ کي اولي سان)، ٺيلهڻ (4) ٻيڙيءَ کي لهوارو ڪرڻ (5) خفا ڪرڻ، پريشان ڪرڻ (6) ڦاسائڻ، آڙائڻ |
| اومانَ: | اسم مؤنث | بدبوُ بانس. |
| اونَ: | اسم مؤنث | ڳڻتي، فڪرمندي، اوسيئڙو. |
| اُونارَجڻُ: | فعل متعدي | پاڻي وغيره پيئڻ مهل اُٿو اچڻ، اُتهڙجڻ. |
| اونٺرو: | صفت مذڪر | شرارتي (ٻار) حرڪتي، چلولو. |
| اُونجهرِ: | اسم مؤنث | آهنج، ايذاءِ، تڪليف. |
| اُونڊِرَڻ: | فعل متعدي | (1) واٺُرڻُ، صفا ڪرڻ (آن) وڇائڻ (بسترو)، |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| اِهي ٿيا جڙيئي چنڊَ وارا پارَ: | چوڻي | اتحاد ڪانپوءِ وري انتشار واري ڪيفيت پيدا ٿي پوڻ جي موقعي تي چئبو آهي. |
| آڏنرو: | صفت مذڪر | ڏنگو لُچو ٻئر. (جمع: آڏنرا) |
| آڏنري: | اسم مؤنث | (1) ڏنگائي, ارڏائي (2) مصيبت, ڪُتي. |
| آئي: | اسم مؤنث | ٻڪريءِ پئون. |
| اِي جي ٻُونٽر يا ٻُونءِ ۾ تہ گهُنا بہ گهوڙين چَڙهيا: | پهاڪو | سُست ۽ ڪاهل ماڻهن پاران ڪجهہ نہ ڪري سگهڻ جي موقعي تي چئبو آهي. |
| آياري: | اسم مؤنث | ٻيڙيءَ ۾ ڪوهي جي جهل وارو رسو. (جمع: آيارِيون) |
| ايبي: | اسم مؤنث | اُٺَ جي نڙيءَ ۾ ٿيل ڳنڍيو (بيماري). (جمع: ايبِيُون) |
| آيٽڻَ: | اسم مؤنث | رسي ٻيڄڻ جي ڪاٺي. (جمع: آيٽڻُون) |
| آيئو: | صفت مذڪر | اَڻ ڏوتل ٿانوَ. |
| ايرڙي: | اسم مؤنث | (1) ڳنڍ جو ڍير, اڙُوڙي (2) مالهہ ۾ ٻڌڻ جي ڪاٺي, اِرڙي (جمع: ايرڙيُون) |
| ايرڻ: | فعل متعدي | (1) ڇُتائِڻُ (زخم), ميرڻ (ڦٽ) (2) ٻِرڻ, انگورڻ (زخم, ڦٽ) (3) ڍِڳ ڪرڻ, هڪٻئي مٿان رکڻ (ٿانو) (4) سٿڻ (ڪاٺيون, وغيره) (5) ٺاهي رکڻ. |
| ايرو غيرو (خيرو): | اسم مرڪب | جاتل اَجاتل, سُڃاتل اڻ سُڃاتل, واقف اڻواقف. |
| آيڙُ: | اسم مذڪر | اِيڙ ٻڌُو. (جمع: آيڙا) |
| اِيڙا ٻيڙها: | اسم مرڪب | ٻهراڙيءَ جا, جهنگلي, تڪليف ڏڪ. |
| اِيسوٽو: | اسم مذڪر | ٻيل گاڏيءَ ۾ ڪم ايندڙ ڪاٺي (ٺانئي جي تري ۾ چاڪ وٽ لڳل ڪاٺي), چورسو. (جمع: اِيسوٽا) |
| ايڪواٽِي: | اسم مؤنث | هڪ قسم جو ڳُهڙ هڪ سرَ واري ڏري (جمع: ايڪواٽيُون) |
| ايڪوائِي: | اسم مؤنث | سونارن جو هڪ اوزار (ننڍڙي سنداڻ جنهن تي منڊيون يا ڇلا ويڙهي گول ڪندا آهن). (جمع: ايڪوائِيُون, ايڪوائيُون) |
| اِيل رَکڻ: | محاورو | لاڳاپو رکڻ, متعلق رکڻ, واسطو ڳنڍڻ. |
| ايلَ: | صفت مذڪر | (1) ٻاندي, قيدي (2) جهنگلي (3) ڌراڙ (4) رواجي ماڻهو. (جمع: ايلَ) |
| آيلَ, آيلهہ: | اسم مؤنث | فوج, لشڪر, سپاهہ, ڪٽڪ. |
| ايلاچي ٻيلاچي: | اسم مرڪب | ڦوٽا وغيره, ڦوٽا ۽ ان جي جنس جون ڪي شيون. |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| اِيلاڙَ: | اسم مؤنث | ڪوڪون، منٿون. |
| آيمَتُ: | صفت مذڪر | ٿلهو متارو. (جمع: آيمَتَ) |
| آينڊُ: | اسم مذڪر | ڪکن مان ٺهيل اُٺ جو ٻلاڻ. (جمع: آينڊَ) |
| اِينڊُوڙِي: | اسم مؤنث | سينهوڙي، سينهِي. (جمع: اِينڊُوڙِيُون) |
| اِينَنهَن: | اسم مؤنث | ڀِهرئين ويمر واري چوپائي. |
| اينو: | صفت مذڪر | (1) ڪِنو خراب، بَدبُودار اوسنو (2) اوبارو (ڪاڏو). (جمع: اينا) |
| اِينهارَ اِيهارَ: | اسم مذڪر | مهاندا، روش، آرِيڪرڻ. |
| آيواڙو: | اسم مذڪر | ٻڪرين جو واڙو. |

| مکيه لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| | | اڪثر پاڻيءَ جي پڪين جو ڪاچ ٿئي)، تماڪ رکڻ جي ڳوٿري (جمع: ٻڊوڪا، ٻڊروڪا) |
| ٻڊي ٻڊري: | اسم مؤنث | (1) هٿن پيرن وڊيل جسم، ٻيري (2) ڇتي، ٻارُ ٻري (جمع: ٻڊيون، ٻڊريون) |
| ٻڙ: | اسم مذڪر | (1) پيٽ، شڪم (2) ڏند، ڇتي. (جمع: ٻڙ) |
| ٻرچڻ: | فعل متعدي | (1) مشابهت رکڻ (2) هُوبهو هُجڻ (3) ٺهي وڃڻ. |
| ٻرِڊُ: | اسم مذڪر | رازڪي ڪم جو هڪ اوزار اوساريءَ جي سڌائي جانچڻ جو اوزار شاهَلُ. |
| ٻَرڊُ: | اسم مذڪر | ڍڳو ڏاند، بيل، ٻَڙڊُ. (جمع: ٻرڊَ) |
| ٻرِڙو: | اسم مذڪر | هَرڻ ۽ ٻڪريءَ جي ميلاپ مان پيدا ٿيل ڇيلو. (جمع: ٻرڙا) |
| برسات ٻڙي: | اسم مرڪب | |
| ٻرڪَتَ: | اسم مؤنث | ڳاٽيٿو ڪندي اڪثر هڪ بدران برڪت چون. |
| ٻرمڻ: | فعل متعدي | ٿَهڻ، پري ٻچڻ. |
| ٻرو: | اسم مذڪر | (1) هَرڻ جهڙو هڪ قسم جو ٻڪر، ڇنڪمرو ٻڪر (2) ننڍين وارن ۽ ننڍين ڪنن وارو ٻڪر. (جمع: ٻرا) |
| ٻروڪِي: | اسم مؤنث | سنهون ڪپڙو. |
| ٻڙادو: | اسم مذڪر | (1) هُل، بغادو گوڙ وڌ (2) واتائي. |
| ٻڙاشِ: | اسم مؤنث | ٻتاڪ، داڙ لَباڙ |
| ٻڙتو: | اسم مذڪر | (1) ٻڪرين يا رڍن جي ڦرن لاءِ تارين ۽ گاهه مان ٺهيل واڙو (2) ٻرتو. (جمع: ٻڙتا) |
| ٻڙگ: | اسم مذڪر | ڪانگهارو. (جمع: ٻڙگ) |
| ٻڙهاٽ: | اسم مذڪر | (1) باهه ٻرڻ جو آواز (2) وڏو آواز. (جمع: ٻڙهاٽ) |
| ٻڙهه: | اسم مؤنث | ڏُڏڙ ڍُسڙ. |
| ٻُسي: | اسم مؤنث | مٽي، ڌوڙ ٻُسِڙ. |
| ٻُسُ: | اسم مذڪر | گند، ڪچرو. (جمع: ٻُسَ) |
| ٻسي: | اسم مذڪر | ڪاري طرف "وَس" کي چون. |
| ٻُسڻ: | فعل متعدي | ڀؤنڪڻ، ڀون ڀون ڪرڻ. |
| بصر ٻچي بانس ڪري: | چوٽي | ڪنهن شيءِ يا فرد ڀاران پنهنجي اصليت ظاهر ڪرڻ جي موقعي تي چئبو آهي. |
| ٻغادو: | اسم مذڪر | (1) گوڙ شور فساد (2) جهيڙي جو آوان ٻغاغو. (جمع: ٻغادا) |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنیٰ |
| --- | --- | --- |
| ٻغلو: | اسم مذڪر | واڻ کان وڏو پيڙو. (جمع: ٻغلا) |
| ٻڪڻ: | فعل متعدي | (1) گهڻو ڳالهائڻ (2) ٻڪ ٻڪ ڪرڻ (3) بدشد ڳالهائڻ (4) واهيات ڳالهائڻ (5) وڪڻڻ (6) لباڙ هڻڻ (7) لڳ ڪرڻ. (جمع: ٻغلا) |
| ٻڪو: | اسم مذڪر | مڇيءَ جو هڪ قِسم (منهن چلرن سان، وات ويڪرو وچون حصو هٽ وانگر ويڪرو. ڊيگهہ 3 کان 9 انچن تائين). (جمع: ٻڪا) |
| ٻُڪو: | اسم مذڪر | (1) ذرو (2) چُورو. |
| ٻڪهُ: | اسم مذڪر | مُڱن يا مٽرن جو ڪَڄهہ. |
| ٻَڪَ نہ ماريءِ موت ماري: | پهاڪو | ڏکن ۾ تڪليفن کان نہ گهٻرائڻ جي نصيحت ڪرڻ جي موقعي تي چئبو آهي. |
| ٻڪائڻ: | فعل متعدي | (1) تجلو ڏيڻ (2) چمڪائڻ (3) صيقل ڪرڻ (4) پري کان ظاهر ٿيڻ (5) دونڪڻ (6) دڪائڻ، ڏڳائڻ (باهہ) (7) بخيا ڏيارڻ، تورا ٽانڪا ڏيارڻ. |
| ٻَکو: | اسم مذڪر | (1) بخيو ٻَکيو (2) توپو سيبو (3) اُٺ جي پوئين ٽنگ جو ڏڏ کان وٺي پُنيءَ تائين پاڱو. (جمع: ٻَکا) |
| ٻَکِيارَ: | اسم مؤنث | موچين جو هڪ اوزار بخيي واري آرَ (جا تمام سنهي بخيي يا توپي ڏيڻ لاءِ ڪم اچي). |
| ٻَکيو اُکهاڙو: | اسم مرڪب | غريب مسڪين، مُحتاج، گهرجائو. |
| ٻُگا: | اسم مذڪر | ڦر ڏائڻ وقت ٽڻن کي دونڏاڙي تہ ان کي ٻُگا هڻڻ چئبو. |
| ٻگِري: | اسم مؤنث | سوڙهي جاءِ (جمع: ٻگرِيُون) |
| ٻَگَڙُ: | صفت مذڪر | (1) اَڇو سفيد (2) ڀُورو (3) ڳورو (4) اڇن وارن وارو (5) ڳورو. (جمع: ٻَگڙا) |
| ٻگهڙ ٻگهڙ: | اسم مرڪب | ٻگهڙ ۽ ٻيا ڦاڙيندڙ جانور. |
| ٻگهياڙُ: | اسم مذڪر | ٻگهڙ، ناهر، گُرگ. (جمع: ٻگهياڙا) |
| ٻلاٽو: | صفت مذڪر | بلائتو قابو ۾ هتيڪو. |
| ٻُلڙُ: | اسم مذڪر | پراڻي شيءِ جو ٽُڪر. (جمع: ٻُلڙا) |
| ٻلو پيٽي: | اسم مرڪب | واسطو وڙو تعلق ۾ ڳانڍاپو. |
| ٻلو ڪرڻ: | محاورو | بندوبست ڪرڻ، پورائي ڪرڻ (پئسن جو ٻلو ڪرڻ، مال جو ٻلو ڪرڻ، ڪو ڪم ڪنهن جي ٻلي (ذمي) ڪرڻ، ڪٽي آڏار ۾ وسيلي جي بہ معنيٰ اٿس). |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| | | اڃو ڍيگهہ هِڪ کان اٺن انچن تائين. (جمع: بورا) |
| ٻُوري: | اسم مؤنث | چوپائي مال جي ڀاڄ، ڊوڙ تاھہ. |
| بوريندي: | اسم مؤنث | پڪائين گهر جي پوئين ڏري (جنهن تي پکي جو دنگ ٿئي). |
| ٻُوشُ: | صفت مذڪر | پوش، ٻُون ٻُوزان. (جمع: ٻُوشُ) |
| ٻُوضو: | اسم مذڪر | وضو. (جمع: ٻُضو) |
| بولو: | اسم مذڪر | ڀچو (مقعد جو)، ڇَپُ. (جمع: بولا) |
| ٻُونبُ: | اسم مذڪر | (1) دلي جو ڍِڪ (2) نخرو. (جمع: ٻُونبَ) |
| ٻُونبُ: | صفت مذڪر | وڏو ٿُلهو متارو. (جمع ٻُونبَ) |
| ٻُونب ڪرڻ: | محاورو | رونشا ڪرڻ، آلوليون ڪرڻ، مزا ماڻڻ (چرچي طور چون "گهڻا ڏينهن بونب ڪيا اٿئي، هاڻي تنهنجي خبر پوندي"). |
| ٻُونتارِجَڻ: | فعل لازمي | (1) ڪاوڙجڻ (2) ضد ڪرڻ (3) ڀُوتاڙجڻ. |
| ٻُونداڙَ: | اسم مؤنث | ڪُتي يا بگهڙ جي اوناڙَ. (جمع: ٻُونداڙُون) |
| ٻُونڊِ: | اسم مؤنث | مُنهن، دوناڙ. (جمع: ٻونڊُون، ٻُونڊيُون) |
| ٻُونڊاڙ: | اسم مؤنث | ڏُوناڙُ (جانور يا مِروَنءَ جو). (جمع: ٻُونڊاڙُون) |
| ٻُونڊو: | اسم مذڪر | ڀُوندو ٻُجو. (جمع: ٻُونڊا) |
| ٻُونڦاڙَ ٻُونڦوڙُ: | اسم مذڪر | مڇيءَ جو هڪ قِسم. |
| ٻُونِگاھُ: | اسم مذڪر | برسات تي آباد ٿيندڙ زمين لاءِ پاڻيءَ کي ڏنل بند جو هينيون پاڱو. (جمع: ٻُونِگاھَ) |
| ٻُونٽرو: | اسم مذڪر | (1) ٻهرو تهہ خانو (2) گهوڙي جو اونداهو طنبيلو. (جمع: ٻُونٽرا) |
| ٻُوهارِجَڻ: | فعل لازمي | شورجڻ، ڪاوڙجڻ، ڦُونڊارجڻ. |
| ٻُوهارو: | اسم مذڪر | ڦُوهارو. (جمع: ٻُوهارا) |
| ٻُوءَ: | اسم مؤنث | مينهن جو پوريون ڏڙمٽي هُجڻ جي حالت. |
| ٻُوٺرو: | اسم مذڪر | ننڍڙي ڪوٺي، ڪولي. |
| بوئي ڪرڻ: | محاورو | وري وري چوڻ، ڪنهن مطلب خاطر ڪنهن کي اصرار ڪري چوڻ، پٺيان پوڻ. |
| ٻهُڙَڻ: | فعل متعدي | (1) باهُڙڻ (2) ٿابو کائڻ، ٿِڙڻ (3) ڀُلجي وڃڻ، غلطي ڪرڻ (4) ڀتڪڻ، ڀنيُلڻ. |
| ٻهو: | اسم مذڪر | اُٺ جي بدن جو ڏُڏ کان وٺي پُٺيءَ تائين حصو. |
| ٻهي: | اسم مؤنث | (1) مال چارڻ جو اُجورو (2) پگهار معاوضو. (جمع: ٻهيُون) |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنیٰ |
| --- | --- | --- |
| بٽي: | اسم مؤنث | طعام ۾ پيل ڪا ناجائز شيءِ. |
| بي سمرو: | صفت مذڪر | غريب، ڪنگال، مسڪين. |
| بي عزتي جي ٽُڪر کان عزت جي ٻُڪَ ڀلي آهي: | پهاڪو | بي عزتي جي بدلي ۾ فائدو ملڻ کي سٺو نہ سمجهڻ جي موقعي تي چئبو آهي. |
| بي علم انسان انڌي جي آچار آهي: | چوڻي | علم پرائڻ جي ترغيب ڏيڻ ۽ جهالت کي ننڍڻ وقت چئبو آهي. |
| بي وارائِتو: | صفت مذڪر | زور سان، زورائتو ڏاڍو (ڏڪ). |
| بي وڙو: | صفت مذڪر | بي شرم، جيڪو ڪنهن سان ڀلائيءَ جا پير نہ ڀري. |
| بيٺ: | اسم مذڪر | چيلهہ، چيلهہ تي ڪپڙي ٻڌڻ کي بيٺ ٻڌڻ چون. |
| بيدخلِي: | اسم مؤنث | (1) مزوري (2) خدمت (3) نيڪالي (4) برطرفي (5) بيدَرَج بيدَرُون. (جمع: بيدخليُون) |
| بيڪار سيڪار: | اسم مرڪب | ڪنوسنو گند ۾ ڀريل. |
| بيگهر سيگهر: | اسم مرڪب | مفت جو ڪم، مدد، معاونت |
| ٻينا: | اسم مؤنث | غير آباد زمين (جمع: ٻنياڻون). |

# ٻ

| مکيہ لفظ | گرامر | معنیٰ |
|---|---|---|
| ٻاٻَر: | اسم مؤنث | (1) ساڙو (2) بدن تي باھ (3) بخار. |
| ٻاٻِرو: | صفت مذڪر | ٻبر جو (ڪنڊو ڍنگهر وغيره). (وڻ ٻابرو ڪر ماٺهو شل نہ هوئي اوڙي پاڙي). (جمع: ٻاٻِرا) |
| ٻابيس: | اسم مؤنث | حُبَ محبت پيار سِڪ. |
| ٻاتاڙو: | صفت مذڪر | منجهيل (ٻاتو نہ). |
| ٻاٽَ: | اسم مؤنث | شوق سان ڪنهن شيءِ لاءِ سرگردان رهڻ خاص طور جڏهن اها هٿ نہ اچي (فلاڻو روزگار لاءِ ٻاٽون ڪائيندو وتي). |
| ٻاٽ ڦُلو: | اسم مذڪر | (1) ٻاٽ مان تيار ڪيل لولو (2) اُهو لولو جنهن جو هڪڙو پاسو دانگيءَ تي ۽ ٻيو پاسو ٻاڦ تي پڪل هجي. ٻاڦُلو. (جمع: ٻاٽ ڦُلا) |
| ٻاڻِي: | اسم مؤنث | تيلي ٻج جي ٻوٽن جا ڪچا ۽ ننڍڙا گُلَ. (جمع: ٻاڻِيُون) |
| ٻاڻييڙُ: | اسم مذڪر | ٻاڻيڦَڙُ. (جمع: ٻاڻييڙَ) |
| ٻاڻيرو: | اسم مذڪر | پکيءَ جِي هڪ ذات (رنگ اڇي تتر جهڙو پر تتر کان ننڍو). پونتريو. (جمع: ٻاڻيرا) |
| ٻاڻيڦَڙُ: | اسم مذڪر | ٻاڻييڙ. (جمع: ٻاڻيڦڙَ) |
| ٻاجَهتِ: | اسم مؤنث | ننڍين ٺنگن وارو ڪاٺ جو صندل ان کي ٻَجَهتِ بہ چون. |
| ٻاچُو: | اسم مذڪر | ٻاڪو ٻالو. (جمع: ٻاچُو) |
| ٻاڏَ: | اسم مؤنث | (1) ڦوٽَ (2) ڏار (3) زمين يا ٺڪر ۾ خال. ڦوڙُ (4) مقعد (5) پردو (6) گوڏ (7) پردو ڪيل شيءِ (8) آڙ روڪ (9) ڻنڍ مٿان ٻڌل گوڏ. ڏاٻ (10) هُرلي يا نار جي پڙ وارو ڍڪ (11) ٻار ڳيُور. (جمع: ٻاڏُون) |
| ٻارَڪ، ٻارِڪ: | اسم مذڪر | جهولَڙِ طور مڇي مارڻ واسطي ڪم ايندڙ رَڇَ جو هڪ قسم. (جمع: ٻارڪ) |
| ٻارو: | اسم مذڪر | مڇي مارڻ جي رڇ ۾ ٺندن ٺنڻ جي ڪري ٺيل ننڍو خال. (جمع: ٻارا) |
| ٻارُوڏو: | اسم مذڪر | (1) هيڪاندو گهٽو (2) ٻيٽو. |
| ٻاڙُ: | اسم مذڪر | ٽوٽيءَ جي ٻہ ڇانگهہ جو هر هڪ ڦنگهہ. (جمع: ٻاڙ) |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| ٻُسڪِڙي: | اسم مؤنث | (1) چُرچ، ڪَن ڦُوڪَ (2) هُوشِي، پيتڙي |
| ٻسڪڻ: | فعل متعدي | (1) سُڏڪڻ، ڏسڪڻ (2) روئڻ. |
| ٻُسڪو: | اسم مذڪر | (1) وڏيل ڪنن وارو (2) ننڍين ڪنن وارو (3) ٻُسو (ٻڪر) (4) ٺُلهو ڊونسو. (جمع: ٻُسڪا) |
| ٻلو: | صفت مذڪر | بيوقوف، پوڪ. (جمع: ٻلا) |
| ٻڪ ٻڪ: | اسم مرڪب | ٻي ٻي جو آواز ٻڪرين جي ٻيڪاٽ. |
| ٻڪِراسَ: | اسم مؤنث | ٻڪرين جو ڪوس (جو عيدالضحيٰ تي ٿئي). |
| ٻڪِرالُ: | اسم مذڪر | ٻڪرارُ. (جمع: ٻڪِرالَ) |
| ٻڪريءَ کي ساهَہ جي ڪاسائيءَ کي ماهَہ جي: | پهاڪو | طاقتور جي طاقت ۽ هيٺي جي بيوسيءَ کي ظاهر ڪرڻ جي موقعي تي چئبو آهي. |
| ٻڪِلِ: | اسم مؤنث | ڪپڙي سان مٿي ۾ ڇپن ڪان هيٺ واري مُنهن جي حصي کي ويڙهڻ جيئن اکيون ۽ نڪ کليل هُجي. |
| ٻَڪِ ٻَڪان: | اسم مرڪب | ٻاڪرين پئجي وڃڻ، ٻاڪر ۾ پرڻ. |
| ٻَڪَ: | اسم مذڪر | ٻاڪُر (ملهه وڙهڻ لاءِ ٻئي ملهه جيڪي هٿ وجهندا آهن، تن کي بہ "ٻَڪَ" چئبو آهي). |
| ٻَڪَلُ: | اسم مذڪر | ٻڪُ. (جمع: ٻَڪَلَ) |
| ٻَڪائِي: | اسم مؤنث | ڪُتي جي مِک، ٻِڳهي. (جمع: ٻَڪائُيون) |
| ٻَڪِلِي: | اسم مؤنث | صاف سفيد رنگ جي گهوڙي (جمع: ٻَڪِلِيُون) |
| ٻِگَهرو: | اسم مذڪر | ٻوٽي جو هڪ قِسم (مريڙي جهڙو ٿئي، اَٿ ڪائينس). |
| ٻِگُهہ: | اسم مذڪر | (1) ڪنين ڪُتل (پکي) (2) چانگيل، ٽارين وڏيل (وڻ). (جمع: ٻِگُهَہ) |
| ٻگهيرو ٻگهيڙو: | اسم مذڪر | زناني ڪپڙي جو هڪ قِسم (جنهن کي لاڙ ۾ "ڏونرسار" بہ چون). |
| ٻِلَ: | اسم مؤنث | ڳئون يا مينهن کي ميڙڻ لاءِ ٻُنيان ڦوڪ ڏيڻ. |
| ٻلانڪِڙي: | اسم مؤنث | پرت جو هڪ قِسم. |
| ٻَلَدُ: | اسم مذڪر | ٻڙد، ڍڳو ڏاند. (جمع: ٻَلَدَ) |
| ٻَلَرَ: | اسم مذڪر | (1) شُوَرَ جي ٻَچَن کي چون (2) ننڍو ڦر، خاص طور ڪُتي جو گُلر. |
| ٻلهڙو: | اسم مذڪر | گدڙ يا ٻگهڙ جو ٻچو ٻَلهَرَ. (جمع: ٻلهڙا) |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| ٻوٻڙي: | اسم مؤنث | گدڙ جي دانهن. |
| ٻُوٽاڙو: | اسم مذکر | ڪاني جو وڏيل پوچڙ. (جمع: ٻُوٽاڙا) |
| ٻُوٽارو: | اسم مذکر | خاص طور گڏهہ کي وات ۾ ڪنڌ تي ڪپڙو ويڙهي قبضي ۾ ڪرڻ. |
| ٻُوٽو: | اسم مذکر | جيت جو هڪ قِسم (جو ڪپڙي ۾ ڪتابن کي ٿُڪي)، اُوٽو. |
| ٻُوٽا: | اسم مذکر | پرت جو هڪ قِسم. |
| ٻُوٽارَ: | اسم مؤنث | ڳنن ڳري ٻڪري (جمع: ٻُوٽارُون) |
| ٻوٽارَ: | اسم مذکر | ڦاڙهي جي ٻچن کي چوڻ. |
| ٻُوڇِر: | اسم مؤنث | گاهہ يا وڻ جون پاڙون. |
| ٻوڙ: | حرف ندا | جيءَ جو ضد يعني "وڃي مَرُ". |
| ٻوڙاهَہ: | اسم مؤنث | (1) ٻوڙهہ سخت ننڊ (2) بيهوشي (3) ڳهَرِ. |
| ٻوڙو ٻُڌي ٻہ دفعا: | چوڻي | نااهل ماڻهوءَ کي بار بار سيکارڻ جي موقعي تي چئبو آهي. |
| ٻوڪاني: | اسم مؤنث | مٽي تي ڪپڙو ويڙهي، ان جا ڇيڙا ڪنڌ هيٺان ورائي پٺيان ڳنڍ ڏيڻ. اڪثر ڪڇي ائين ڪپڙو ٻڌندا آهن. |
| ٻوڪالو: | صفت مذکر | (1) ڇريو (2) موڳو ٻوگهلو. (جمع: ٻوڪالا) |
| ٻوڪي سوڪي: | اسم مرڪب | |
| ٻوگِهرو: | صفت مذکر | (1) نڙيءَ ڳھُٽيل، گِهگهو (2) ٿُلهي آواز وارو. (جمع: ٻوگهرا) |
| ٻولِ: | اسم مؤنث | ڪُڪڙ جي مٿي جي چوٽي، ڪلنگي، موڙ چوٽر. (جمع: ٻوليُون) |
| ٻولاهو: | اسم مذکر | گهوڙو يا مينهن، جنهن کي پيشانيءَ تي چال (اڇو) ٽڪو هجي. (مونث: ٻولاهي). |
| ٻُونجَهِر: | اسم مؤنث | عورتون ٻارن جي گهٽي گوڙ کي چوڻ. |
| ٻُونهنجَر: | اسم مؤنث | گوڙ ٻارن جو هُل هنگامو. |
| ٻُوڻِ: | اسم مؤنث | ٻگهڙ يا ٻئي ڦاڙيندڙ جانور جو هُلچر. (جمع: ٻُوڻيُون) |
| ٻُوهِي: | اسم مؤنث | مُڇن جي وچ ۾ ڪتريل وارن جي وٿي، ٻيڙو. (جمع: ٻُوهِيُون) |
| ٻَهَڙ: | اسم مذکر | (1) وڻن يا گاهہ جو جهڳٽو (2) ٻين يا ڪکن جو موراهڻ (جمع: ٻَهَڙ) |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنیٰ |
|---|---|---|
| ٻهَڪَ: | اسم مؤنث | وڻن ۾ گلن جي تازگي. |
| ٻهڳَڻُ: | صفت مذڪر | داڀلو. (جمع: ٻهڳَڻَ) |
| ٻهي: | اسم مؤنث | اتر الهندي جي هوا لڳڻ ڪري آسمان ۾ ٿيل غبار ڌُنڌ (جو موسم جي مٽ سٽ ٿيڻ وقت خصوصا سياري ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڏکڻ جي هوا گهُلڻ سبب ٿئي). |
| ٻِئي: | اسم مؤنث | سارين جي پوک لڻڻ کان پوءِ فوٽ کن بچيل گاهہ ناڙي |
| ٻيارَ: | اسم مؤنث | ٻِسانگي ڪاٺي، ٻِياني. (جمع: ٻيارُون) |
| ٻيانڻ: | اسم مذڪر | ٻہ سالو اُٺ. |
| ٻيٺَ: | اسم مؤنث | (1) اک جي روشني (2) خبرَ پوڻ لاءِ بہ هيءُ لفظ استعمال ٿئي (3) خبرَ، ڪنهن ڳالهہ جي سمجهہ ۾ اچڻ. |
| ٻيجارو: | اسم مذڪر | ڪُڪڙ وغيره جو ٻچو جيڪو نسل وڌائڻ لاءِ پالجي. |
| ٻيجَلِي: | اسم مؤنث | بجلي، وڄ. (جمع: ٻيجَلِيُون) |
| ٻيڏو: | اسم مذڪر | ڪنگهہ جيڪا گهڻو ڪري ٻارن کي ٿئي. |
| ٻيڙ ڪرڻ: | محاورو | (1) بند ڪرڻ (2) ٻيڙڻ (3) گڏ ڪرڻ، ڪٺو ڪرڻ. |
| ٻيڙ: | اسم مذڪر | (1) ٻہ ٿهہ ڪيل ڪپڙو (2) پلاند. |
| ٻيڙڻ: | فعل متعدي | (1) بند ڪرڻ (کونر يا لئيءَ سان خط، سرن وغيره سان سوراخ، شگاف) (2) ڇت کي سرن سان ڍڪي بند ڪرڻ (3) پُورڻ (4) ٻڪيڙڻ (5) ٻيڪڙڻ (ڏَر دري وغيره) (6) مُٺ ٻيڙڻ. |
| ٻيڙو: | اسم مذڪر | ٻَڙڻ، سَرٺ. (جمع: ٻيڙا) |
| ٻيڙي ٻاٽي: | اسم مرڪب | ٻيڙي ۾ ان سان لاڳاپيل شيون. |
| ٻيڙيءَ جو ٽوڪڻ: | محاورو | واءَ سامهون هلڻ وقت درياءَ جي لهرين ۾ ٻيڙيءَ جي "موري" (مُهري يا منهن) جو ٻُڏڻ. |
| ٻيڙيءَ جو ڏڪ هڻڻ: | محاورو | ٻيڙيءَ جو ٽوڪڻ. |
| ٻيڪ: | اسم مؤنث | اک جي روشنيءَ کي چوَن. |
| ٻيلانگ: | اسم مؤنث | تنگ ورائي وهٽ تي چڙهڻ. |
| ٻيلانگهہ: | اسم مؤنث | وِکَ، ٻِرانگهہ (جمع: ٻيلانگهُون) |
| ٻيلَپ، ٻيلپائي: | اسم مؤنث | (1) واهر، مدد (2) سنگت، دوستي (3) گڏ هلڻ جي حالت (4) هاريو (5) نوڪري (جمع: ٻيلپائيُون) |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
| --- | --- | --- |
| ٻيلَڙو: | اسم مذڪر | مٽي تي هڪبئي مٿان رکيل پاٽيءَ جا ٻہ پريل دلا، ٻهڙو ٻيگهڙو. (جمع: ٻيلَڙا) |
| ٻيلهارُ: | اسم مذڪر | جاڙا ڦر. |
| ٻيلهَڙ: | صفت مذڪر | ٻٽو ٻيٽو. |
| ٻيلَهہ: | اسم مؤنث | (1) هڪ ئي وهٽ تي ٻن ڄڻن جي سواري (2) هڪ دفعو کيڙيل زمين کي ٻي کيڙ ڏيو هر (3) هڪ دفعو ڪيل ڳالهہ جي وري چوٽي، ورجاس. |
| ٻيهَر: | صفت مؤنث | رن زال، وانڍي، رنڙ (هڪ زال ٻيهر، ٻيو وري سمهي ولهہ تي)، ٻيَر. |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| ٻلو ٺَلهو: | اسم مرڪب | خراب، سٺو بهتر برتر. |
| ٻلو ڳهوڙو پاڻ ڇڏائي: | چوڻي | ڇڱن کي ڇڱائي جو بدلو ملڻ جي موقعي تي چئبو آهي. |
| ٻلي نَچي سِليمت نچي، جنهن جو وَرِ وِلايت کان ٿو اچي: | پهاڪو | ڪنهن کي وڏي فائدي ۽ خوشخبري جو جشن ملهائيندو ڏسڻ جي موقعي تي چئبو آهي. |
| ٻمُ: | اسم مذڪر | (1) ٿلهو متارو (2) بهادر (3) ڀيم (4) پهلوان. |
| ٻنجُ: | اسم مذڪر | (1) ٻنجهُو (2) مِٽي. |
| ٻنڊِ: | اسم مذڪر | ابوجهہ (ان لفظ لاءِ هڪ عام روايت آهي تہ "ٻنڊ" مگسي قوم جي هڪ شاخ آهي، جڏهن بلوچستان مان لڏي "ڪڪرالي" طرف آئي تہ اُنهن هتان جي مقامي ماڻهن کي ڳاڙهن چانورن جو ٻت رڌي ڪائيندي ڏٺو تہ هنن بہ ڇا ڪيو جو بغير ڇڙا ڳڇا جي ڳاڙهن چانورن جون ساريون صاف ڪرڻ کانسواءِ پاڻيءَ ۾ رڌي ٻت ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ اُهو ٻت جڏهن مقامي ماڻهن ڏٺو تہ انهن چيو تہ اوهان بنهين ڪي "ٻنڊَ" آهيو! ان ڪانپوءِ انهيءَ شاخ تي اِهو نالو پئجي ويو ۽ لفظ "ٻنڊ" کي ابوجهہ يا ڇريو جي معنيٰ طور استعمال ڪيو ويو. |
| ٻنڊي ٻارڻ: | محاورو | (1) اڪثر ٻار ڪيٽو ۽ گهپي ڪن تہ ان کي ٻنڊي ٻارڻ چون (2) وري وري گُهر ڪرڻ (3) ٻنڊي ٻارڻ. |
| ٻنگارو: | اسم مذڪر | (1) ڍورن کي ڇَڪ هڻندڙ جيت جو هڪ قسم (2) اڇي رنگ جي وڏي مکِ (3) ڏَنگُہ |
| ٻنگاري: | اسم مؤنث | "ٻنگار" مان ننهيل ٿالهي، ٻنگاري (جمع: ٻنگاريُون) |
| ٻنگُري: | اسم مذڪر | ٻوٽي جو هڪ قسم (ٻج دوا طور ڪم اچي). ٻنگرو. |
| ٻُنگري: | اسم مؤنث | پائيپ جي نموني ننهيل ٺِڪر جي سُلفي. (جمع: ٻُنگريُون) |
| ٻنواڻِي: | اسم مؤنث | مٽي جي ٺِيري، پانڻِي، پاڻ، گهُمراڻِي، ٻنوالي. (جمع: ٻنوانئيون) |
| ٻٽاڪَ: | اسم مذڪر | (1) ٻٽڪاڪَ، ٻٽڪو (2) جهيڻو آواز. (جمع: ٻٽاڪَ) |
| ٻٽو: | صفت مذڪر | موڳو مُونجهو ويچارو. (جمع: ٻٽا) |
| ٻُوتاڙِجڻ: | فعل لازمي | (1) جِن ڀُوت جو حساب ٿيڻ، لڳت جو حساب ٿيڻ، آسيب هيٺ اچڻ (2) ڪاوڙجڻ. |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنىٰ |
|---|---|---|
| پيِنڊي: | اسم مؤنث | (1) ٻانڊٽو (ڪپڙي جي ڇِٽ لاءِ سڳي سان ٻڌل ڳنڍِ) (2) مِلس جي گھُنڊي (جمع: پيِنڊيُون) |
| پيِنڙِي راتِ: | اسم مؤنث | (1) ماڪ ۽ ساٽ واري پوئين رات (2) پرھ ڦُٽيءَ جو وقت. |
| پيِنگ: | اسم مذڪر | (1) سُڄ (2) ڪجھ بہ نہ. |
| پيِنگِيو: | صفت مذڪر | (1) سُڄو (2) بکيو آنان (3) جنھن وٽ ڪجھ بہ نہ ھجي. |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
| --- | --- | --- |

# ت

| | | |
| --- | --- | --- |
| تاڏو: | صفت مذڪر | پاڻيءَ جو ڪامون. ڇُڊو ننڍو ڍهو. (جمع: تاڏا) |
| تاڏو ڍهو: | اسم مذڪر | پاسيرو يا ڏنگو (ور وڪڙ وارو) پاڻيءَ جو ڪامون (خاص ڪري مينهن جي پاڻيءَ جو). |
| تارَ: | اسم مذڪر | جنڊ جي ماٽ (جنهن ۾ اٽو پيسجي ڪري ۽ گڏ ٿئي). تارَ. (جمع: تارَ) |
| تارَ: | اسم مؤنث | مڪر "تار ڪرڻ" يعني مِڪر ڪرڻ. |
| تارَڪ: | اسم مؤنث | (1) گهوڙي جي ٻن ڪنن جي وچ وارو فاصلو (2) گهوڙي جو ڪاپار (3) سِرُ. مٿو. (جمع: تارَڪُون) |
| تارُون: | اسم مذڪر | مٽي جي چوٽي (ميچالي واري جاءِ جا ننڍڙن ٻارن کي چٽي ڏسبي آهي. چاڪاڻ تہ اُنهيءَ هنڌ تي هڏي جو پوش ٽن سالن بعد ٺهندو آهي). تالُون. (جمع: تارُون) |
| تاڙُ: | اسم مذڪر | (1) اُها مهار جا ناڪيليءَ جي بدران اُٺ جي ٻوٽ کي ٻڌي ڪنڌ مان ورائي جهلجي (2) بنا ناڪيليءَ جي اُٺ کي ٻوٽ ۾ ٻڌل مهار (3) اُٺ کي ٻڌل ٻوتاڙو (4) ٻوتاڙي جو رسو (5) تاڙُ (6) جهيڙو. گوڙ (تاڙين جو) (7) زالن جو جهيڙو ٻاٿيتال (8) طاق (9) ڪاٺ جي پٽي (جا در جي طاقن بند ڪرڻ جو ڪم ڏئي). تاڙو. (جمع: تاڙ) |
| تاڙَمُ: | اسم مذڪر | (1) ملم پٽي (جا ڦٽ کي ٺاري) (2) دوا درمل. علاج. |
| تاڪِجَڻ: | فعل لازمي | (1) ٽَپ ٿرڻ. حيران ٿيڻ (2) هراسجڻ. |
| تاڪِيو: | اسم مذڪر | گيهہ يا تيل وجهڻ لاءِ چمر جو دٻو. (جمع: تاڪِيا) |
| تاڪَ: | اسم مؤنث | بدچال عورت. |
| تاڳُرو: | اسم مؤنث | (1) ٻيڙيءَ جو هڪ حصو "پِسُون" جي مٿان ڏيگهہ ۾ ٻيٺل ڪاٺيون (2) درياءَ جي ٻيڙيءَ جي پُٺ. (جمع: تاڳُريُون) |
| تاڳو: | اسم مذڪر | ڇيهہ. دنگ. ڪاٺو. |
| تالا تاڪَ: | اسم مرڪب | ڪنڊا. ڪڙا. بند سند. |
| تالِڙو: | صفت مذڪر | (1) ٺلهڙو (2) تراڪڙو (3) پاترو. ويڪرو (ٿانءُ). (جمع: تالِڙا) |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنیٰ |
|---|---|---|
| ٿوٽُ: | صفت مذڪر | سنهون، ڊگهو. (جمع: ٿوٽَ) |
| ٿوٽڙ: | صفت مذڪر | تمام ڊگهو ۽ سنهون. (جمع: ٿوٽڙَ) |
| ٿوتلي: | اسم مؤنث | ٿوتڙي (جمع: ٿوتلِيُون) |
| توڏِ: | اسم مؤنث | اُٺِ، ڏاچي، توڏي |
| تورَڻِ: | اسم مؤنث | ڪاٺيءَ مان ٺهيل ۽ رنگيل، جهرڪين يا ڪن پکين جي شڪلين جو چونڪ (جو شاديءَ وقت دروازي تي هٽبو آهي، انهيءَ لاءِ تہ گهوٽ ۽ ڪنوار ان هيٺان لنگهن). |
| ٿوري: | اسم مؤنث | ڦرن کي ڏائڻ کان روڪڻ لاءِ ڏين، سوتليءَ وغيره مان ٺهيل وٽيءَ جي شڪل جهڙي رڪاوٽ وات تي ٻوٽاري وانگر چاڙهڻ. |
| ٽوڙِي: | اسم مؤنث | (1) سخت اُسَ تاوڙي، تِپَشِ (2) گرمي. |
| توسلي: | ظرف | آسري يا ڀروسي. |
| ٿوسو: | اسم مذڪر | سائو (رنگ). |
| ٿون ڪهڙي آمي ابڙي آهين: | محاورو | آمي عورت، جيڪا سُونهن جي ڪري مشهُور هئي، اُن جو مثال ڏئي ڪنهن کي پنهنجي حُسن تي پڏائڻ جي موقعي تي چئبو آهي. |
| ٿون مِيان ڪهڙا پٽين تان پٽَ پيو اُچلين: | پهاڪو | جڏهن ڪو شخص ٻين کي سخاوت نہ ڪرڻ جو طعنو ڏي، تہ ان موقعي تي چئبو آهي. |
| توهہ: | اسم مذڪر | سارين جو ڇلر (ڪَلَ). |
| ٿهارِ: | اسم مؤنث | اُها ڍِڳي جا ڦر ڏاران ڪير ڏئي ۽ هٿ تي مِڙي (جمع: ٿهارُون) |
| ٿهارَن ڪاچ ٽيڻ: | محاورو | (1) بي وسيلو ٽيڻ، نڌڻڪو ٽيڻ (2) ڪمزور ۽ هيڻن هٿان مارجڻ. |
| ٿهارَڻِ: | صفت مؤنث | (1) تيرهن تالي عورت (2) چالاڪ ۽ لُچي رن (3) ناظرو عورت (4) مال جي ڏوڌ ۾ ٽئي حصي واري عورت (ڳئون ڏائين ڳوٺ جون، ٿهارڻ مٿو ڪُٽي). (جمع: ٿهارڻيُون) |
| ٿهرِ: | اسم مؤنث | ريج (مڇي مارڻ جو) اُنڻ جو هڪ اوزار، ڪاٺيءَ مان ٺهيل هڪ قسم جو سُوئو يا نڙو. |
| ٽٽي پوڻ: | محاورو | مير بحرن جي محاوري ۾ واءُ بند ٿي وڃڻ (واءُ بند ٿي وڃڻ تي سمنڊ جو پاڻي اچو ڏسجڻ ۾ ايندو |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| | | آهي). |
| تيتالُ: | اسم مذڪر | مسخري (جمع: تيتالَ) |
| تيتالِڻ: | اسم مؤنث | ڍونگِڻ، بهانو بنائيندڙ حِرفتڻ. (جمع: تيتالِڻيُون) |
| تيتالِي: | صفت مذڪر | اٽڪلي، حرفتِي، ڍونگي. (جمع: تيتالِي) |
| تيجارَ: | اسم مؤنث | لُٽيل فصل جو ٻيو اوپڙ اور مور. (جمع: تيجارُون) |
| تيروڪُ: | صفت مذڪر | ڊِڄڻو بزدل. (جمع: تيروڪَ) |
| تيگُون: | اسم مذڪر | پکيءَ جو هڪ قِسم (اڇي رنگ جو وڏو باز). |
| تيڪ: | اسم مؤنث | رَندي ۾ پيل لوهہ جو ڦَر ڳِٽ. (جمع: تيڪُون) |
| تيڪو: | اسم مذڪر | (1) ڪاٺ جو ٽُڪر (2) ڪانئين جي پت (جا ٻاهران ڳاري سان لِٽل هجي (3) "تيڪي" واري جاءِ، اها جاءِ سڄي ڪانئين مان ٿهيل هجي ۽ ٻاهران مٽيءَ جو ليپو آيل هجي). (جمع: تيڪا) |
| تيلاٽِي: | اسم مؤنث | تيل رکڻ لاءِ ڪاٺ جي پيالي. (جمع: تيلاٽِيُون) |
| تيلِيو تيلو: | صفت مذڪر | (1) تيل جي رنگ جهڙو (2) ڪارائڻ تي مائل ڳاڙهي رنگ جو ڍڳو (3) ڳڏهہ جو هڪ قسم. (جمع: تيلِيا، تيلا) |
| تيهارَڻِ: | اسم مؤنث | اها عورت جنهن جو مال جي ڌُهائي ۾ ٽيون حصو هجي. (جمع: تيهارَٽيُون) |
| تيهارَڻ: | صفت مؤنث | لُچي زال. (جمع: تيهارَٽيُون) |

# ٽ

| مکيه لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| ٽاچو: | اسم مذکر | روڄ، پٽڪو. (جمع: ٽاچا) |
| ٽاڏارڻ: | فعل متعدي | مائرائڻ، پرچائڻ، نڳاري ضد تان لاهڻ، پار کي ضد تان لاهڻ. |
| ٽاڏارڻ: | فعل متعدي | ٻئي هنڌ لڳائڻ لاءِ ڪو ٻوٽو پاڙودو ڪيڻ. |
| ٽاڻ: | اسم مؤنث | ٽاڻ يا ٽاڻِ، مال جي وٽاڻ طور پاڳيا ڳالهائين. |
| ٽپڪڻ: | فعل متعدي | لِڪڻُ، ڇُپڻ. |
| ٽُٽو: | صفت مذکر | ٻاتو هَڪڙ. (جمع: ٽُٽا) |
| ٽٽُ: | اسم مذکر | (1) ڳنڍِي پاسو (2) ٽَٽ (3) تاڃيءَ جو اندريون پاسو (4) جبل جو لاهه. (جمع: ٽٽَ) |
| ٽَٽِي: | اسم مؤنث | (1) ڪٽي جي ڪناري (2) ڪَٽِي (جنهن کي ٽَٽي ۽ پٽي، سا ٻه گهر جي ڇٽي). |
| ٽيچ: | اسم مؤنث | ماءُ جو ڪير. |
| ٽڏو ٽورو: | اسم مرکب | اهڙو ٽورو ڪرڻ، جنهن کي تسليم نه ڪيو وڃي يا جيڪو حقيقت ۾ ٽورو ٿي نه هجي. |
| ٽر ٽاڪ: | اسم مرکب | هنڌ ماڳ، جاءِ مڪان. |
| ٽِر چاهو: | اسم مذکر | (1) پکيءَ جو هڪ قسم (2) جانور جو هڪ قسم، ٽر جو چاهو. (جمع: ٽِر چاها) |
| ٽِرو: | صفت مذکر | ٽيڏو ٽِرڙو. |
| ٽَڙُ: | اسم مذکر | ٽلُ. (جمع: ٽَڙ) |
| ٽِڙن ٽَڙڪن: | اسم مرکب | ڏڪڻ، ڪنبڻ لرزڻ، لڏڻ لمڻ. |
| ٽڙي: | اسم مؤنث | ڪنهن کي دوکو ڏيڻ، واعدو ڪري ڦري وڃڻ. |
| ٽُڪ ٽُڪان: | اسم مرکب | ڊِڪ ڊڪاڻ، لوڏ لوڏان. |
| ٽڪي تي پڇ جهلائي: | چوڻي | ڪمزور پاران ڪنهن کي سهاري لاءِ چوڻ جي موقعي تي چئبو آهي. |
| ٽَل ٻڌڻ: | محاورو | ڪا ڳالهه بيان ڪرڻ کان اڳ ڪنهن قسم جي مصنوعي تمهيد ٻڌڻ. |
| ٽلهو: | اسم مذکر | ٻِڏرُ اوٺو. (جمع: ٽلها) |
| ٽمر: | اسم مذکر | چورايل مال لڪائڻ لاءِ ٻيلي وغيره ۾ ڪا ڳجهي جاءِ. |
| ٽنبِلي: | اسم مؤنث | ٻيڙيءَ جي آڳيل واري مُني. (جمع: ٽنبِليُون) |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنیٰ |
|---|---|---|

# ٽ

| مکيہ لفظ | گرامر | معنیٰ |
|---|---|---|
| ٽاپلو: | اسم مذڪر | ٻوڙنڍڙ گهوڙن جي سُنبن جو آواز. |
| ٽاپرو: | اسم مذڪر | ٻاڪرين مال جو هڪ قسم. |
| ٽَاپِڙو: | اسم مذڪر | (1) تار يا لٺي تي ٽاڙي وڄائڻ (2) نچڻ (3) شاديءَ جي موقعي تي مڱڻهار جي چوڌاري زالن جي جهمر (4) خوشامد ڪرڻ، چاپلوسي ڪرڻ. (جمع: ٽاپڙا) |
| ٽاپيرو: | صفت مذڪر | مُٺ پيڙ، زور ڏيڻ ۽ مالش ڪرڻ وارو. |
| ٽارو ڀُهارو: | اسم مرڪب | جهاڙو جهپاڙو وڏو ڀُهارو. |
| ٽارَو: | اسم مذڪر | چٽلينج (ست ٽارا اٿئي، هي ڪم ڪري ڏيکار). |
| ٽاسُ: | اسم مذڪر | بند جي سڌائيءَ لاءِ متس ڏنل ٺَپَ. |
| ٽاڪوڙو: | اسم مذڪر | ٻاڄ، پويان پير ڪري پڇڻ (ٽاڪوڙو وجهڻ معنيٰ ماري ڀڄائڻ). |
| ٽاگُ: | اسم مذڪر | (1) ڏاڳو (2) ڏورو (3) سُٽ جو ڦورو. (جمع: ٽاگَ) |
| ٽاڳَ: | اسم مؤنث | (1) چوپاين جا ڦَرَ (2) ماڻهن جا گهٽا ٻارَ. |
| ٽانٽُ: | صفت مذڪر | ڏسو "ٽاٺُ". (جمع: ٽانٽَ) |
| ٽانڊاٽو: | اسم مذڪر | اُڏامندڙ ۽ چمڪات ڪندڙ هڪ قسم جو جيت، ڪُڙڪُپيتو. (جمع: ٽانڊاٽا) |
| ٽانڊائي: | اسم مذڪر | چِلم يا چُلهہ ۾ ٽانڊو تيار ڪرڻ وارو حاضريءَ ۾ ويٺل شخص. |
| ٽانڊو: | اسم مذڪر | ٻرندڙ آڳَر، جاڳتو. (جمع: ٽانڊا) |
| ٽانڊورو: | اسم مذڪر | گهٽن پکين جي ٽان ٽان جو آواز پکين جو هلچارو. |
| ٽانڪ: | صفت مذڪر | سخت، کهرو ڪاٺائون. |
| ٽانڪ: | اسم مؤنث | انگڙي وانگر سَنهِي ڪاٺيءَ ۾ ٽانڪيل مڇين جي ڇُڳِي کي چون. |
| ٽانڪڙ: | اسم مذڪر | جاتيءَ جي ساحلي علائقي جا مهاڻا ڪپڙن کي ٽانڪڙ چون. |
| ٽانڪِڻ: | فعل متعدي | (1) ٽوڀو ڏيڻ (2) سبڻ (3) ڳنڍڻ (4) ريهہ ڏيڻ، ٽُڪڻ (پٽر). |
| ٽانگڙُ: | اسم مذڪر | (1) وڏين ٽنگن وارو جانگهڙيل (2) ڊگهين ٽنگن وارو ڪُڪڙُ (3) اجايو ڊگهو ماڻهو. (جمع: ٽانگڙَ) |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| ڪارَڻ: | | موقعي تي چئبو آهي. |
| ٽِڪِياري: | اسم مؤنث | پيشانيءَ تي آچي ٽِڪي واري ڳئون. (جمع: ٽِڪياريُون) |
| ٽِڪَرُ: | اسم مذڪر | ٽِن ڏِيُن کان پوءِ جايل ٻِڪُ، ٽِڪرُ. (جمع: ٽِڪَرَ) |
| ٽَڳِهلجَڻُ: | فعل لازمي | ٻِگِڙجَڻ، خراب ٿيڻ. |
| ٽَڳو: | اسم مذڪر | وَڻَ جي ٽارِي ڪاٺ جي داڻن واري مالها (هندو لوڪ ڪم آڻين). (جمع: ٽَڳا) |
| ٽِڳِ: | اسم مؤنث | وڏو گراهہ ڳِتو. (جمع: ٽِڳُون) |
| ٽَڳِ: | اسم مؤنث | سنهڙو ڏگهو وڻ. (جمع: ٽَڳُون) |
| ٽِڳِ: | اسم مؤنث | وڻ جي ڏگهي ۽ اڪيلي ٽارِي ڏاڙهيءَ جي بچايل ٽُڏِي (جمع: ٽِڳُون) |
| ٽَڳَڙُ: | اسم مذڪر | وڏو پَٽڪو ڦيڙُهہ. (جمع: ٽَڳَڙَ) |
| ٽَڳَلَ: | اسم مذڪر | مختلف قِسمن جا ماڻهو. |
| ٽَڳِلائڻ: | فعل متعدي | مخالف مزاج ڪرڻ. |
| ٽَڳِلِجَڻ: | فعل لازمي | طبيعت جو مختلف ٿيڻ. |
| ٽَڳيرو: | اسم مذڪر | لوهارن جي محاوري ۾ گراهڪ. (جمع: ٽَڳيرا) |
| ٽَلاٽو: | اسم مذڪر | پَکيُن جو گهر، آکيرو آشيانو. (جمع: ٽَلاٽا) |
| ٽَلَڻ: | فعل لازمي | ٽرڻ، پاڻي ۾ ترڳڻ. |
| ٽَلِڻ: | فعل متعدي | (1) اندازو ڪرڻ، تخمينو لڳائڻ، ڪٽ ڪرڻ (2) رٽ ڪرڻ (3) ٽَرڻ، پاسي ٿيڻ، دور ٿيڻ. |
| ٽَلو: | اسم مذڪر | (1) دهل جي وڄت جو هڪ نمونو (2) سرگس جي موقعي تي مڪراني بلوچن جو راڳ ۽ ناچ جو هڪ قسم. |
| ٽِلي ٽَسري: | اسم مرڪب | پکين جي ٽاڪ کي چئبو آهي. |
| ٽَلِي: | اسم مؤنث | پکين جي ٽَلِي جنهن ۾ چار پکي ٽين. |
| ٽِمَ: | اسم مؤنث | ڦُڙو ڦڙو تي پاڻي وهڻ جي حالت، لامَ ٽارِي |
| ٽُنبَل: | اسم مؤنث | پلڙن ۽ ڪندن سان رهڻ واري هڪ ٻاراڻي راند. (ٻٻر جي پَلڙَن ۾ ڪندا ٽُنبي آلِي مِٽي ۾ آٽڪائي پين ڪندَن لڳل پَلڙَنِ سان ڏَڪُ هڻڻ واري راند) ڇُهنبَ واري |
| ٽِنيڻ: | فعل لازمي | آهستي آهستي هلڻ (بيمار جو). |
| ٽِنجَ: | اسم مؤنث | تمام ٿورو سُٽُ، ٽيٽو ڪري وَٽيل سُٽُ. |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| ٽِنجَڻ: | فعل متعدي | (1) ٽُنبِڻُ، سُٽ کي تيٽو کري وَٽڻ (2) ڪپڙي جي ٽِن ڏَرَنِ کي مِلائڻ لاءِ ڏرن کي ڪِيرَ ڏيڻ (3) وارن جي ڳُتِ ناهڻ لاءِ وارن جي ٽِن چَڳَن کي مِلائي ڳُندَڻُ، چوٽي ڪرڻ. |
| ٽَنجَڻِ: | اسم مؤنث | گهٽائي، گوڙُ بارُ. |
| ٽِنڊ: | اسم مؤنث | سينڌ سرمون ڪرڻ، ڦوڪَ شوڪ، لئي. |
| ٽِنڊرَڻ: | فعل متعدي | ٽَانءِ ۾ پَرجڻ، وڏائي ڪرڻ، هلڪڙي طبيعت وارو. |
| ٽَنڊَسُ: | اسم مذکر | (1) ميڙُ (2) ڳاهٽ. (جمع: ٽَنڊَسَ) |
| ٽِنڊسُو: | اسم مذکر | اوپڙ جو هڪ قسم (جيڪو ياڇي طور ڪم اچي) ميهو. (جمع: ٽَنڊَسا) |
| ٽِنگامِٽِي: | اسم مؤنث | آڪڙِ، وڏائي، غُرور، هَنِيلائي، رُسامو، رَنج، بَدتهذِيبي، بَدآفعالِي. |
| ٽُنگِرپو: | اسم مذکر | ٻن کي ويڙهائڻ ۾ ڦيٽاڙو وجهڻ لاءِ لائي چائي ڪرڻ. |
| ٽِنگَڙُ: | صفت مذکر | چُغلخور، لائي چائي ڪندڙ، چيٽاپور. (جمع: ٽِنگَڙَ) |
| ٽِنگَهڙ: | اسم مذکر | ڪائين جي پري |
| ٽَنڻُڪو: | اسم مذکر | واهيات گفتگو بَڪَ، ڪُتي جي ڪنگهہ، ڀونڪ. (جمع: ٽَنڻُڪا) |
| ٽَڙُ: | اسم مذکر | ول، گاهہ جو هڪ قسم (وڻ تي ويڙهجي ويندڙ)، وڻَ ويڙهي. (جمع: ٽَڙَ) |
| ٽِٽان: | اسم مؤنث | ڏاتوءَ مان ٺهيل چيز کي ڏڪ لڳڻ جو آواز ٽِٽاڪ. |
| ٽِوائِڻ: | فعل متعدي | (1) (ڪنهن شيءِ لاءِ) واجهائڻ (2) نِماڻائيءَ سان نهارڻ، عاجزي ظاهر ڪرڻ (3) بيوسي مان ڏسڻ. |
| ٽوپيارُ: | اسم مذکر | (1) ڍانڊي پکيءَ جو هڪ قسم (2) ٽوبو پکي. (جمع: ٽوپيارَ) |
| ٽوپو: | اسم مذکر | پاٽي جو ننڍڙو ڳن. (جمع: ٽوپا) |
| ٽُوٽو: | اسم مذکر | ڪاري (سمندر جي مڇي جو هڪ قسم). (جمع: ٽُوٽا) |
| ٽوٽِي: | اسم مؤنث | ڪارتُوس جي ڏاتوءَ واري پاسي وچ ۾ پيل ٽامي يا پتل جي ٽِڪَ. (جمع: ٽوٽِيُون) |
| ٽوپ جي پاڙ پاندي جو ٻجُ: | چوٽي | ڪنهن شيءِ جو آغاز ۾ انجام ٻنهيءَ مان خير جي اُميد نہ رکڻ جي موقعي تي چئبو آهي. |
| ٽوپڙو: | اسم مذکر | (1) ننڍڙو (ٻاراٽو) ٽوپُ (2) جست جي ننڍڙي هنڊي |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنیٰ |
|---|---|---|
| | | (جمع: ٽوپڙا) |
| ٽورَ: | اسم مؤنث | هَلِڻي، چالَ، رفتارَ هلڻ جو نمونو گهوڙي جي پَندَ جو قسم. (جمع: ٽورُون) |
| ٽورانڊو: | اسم مذڪر | ڍنڍ جي پکيءَ جو قسم (بدڪ جي نموني، مُنڍي ڳاڙهي ۽ رنگ ميٽائون). (جمع: ٽورانڊا) |
| ٽُورو ٽِيڻ: | محاورو | (1) اُونڌو ٽيڻ، اُتو ٽيڻ، وتجي سڄي ڪرڻ (2) بيماريءَ ۾ پوڻ، مرڻ. |
| ٽوڙهو: | اسم مذڪر | رسو (ننڍو رسي جو ٽڪر). |
| ٽوڙي: | اسم مؤنث | چوٽي، هڪ راڳڻي جو نالو. (جمع: ٽوڙيُون) |
| ٽولَرُ: | اسم مذڪر | (1) جونءَ جو هڪ قسم (2) وڏي جوُنءَ، رنڍُ، بُوڏُ (بُودر)، ٽولَهرُ. (جمع: ٽولَرَ) |
| ٽولڙو: | اسم مذڪر | چِتَر. |
| ٽولَهرُ: | اسم مذڪر | (1) جونءَ جو هڪ قسم (2) وڏي جوُنءَ، رنڍُ، بُوڏُ (بُودر)، ٽولَهرُ. (جمع: ٽولهرَ) |
| ٽُونٽُ: | صفت مذڪر | (1) ٽُوٽُ، ٽَرٽو هَلِڪڙو لُچُ، رولاڪُ (2) نِڪمو ڏٽو مَٺو ٿُلهو متارو. (جمع: ٽُونٽَ) |
| ٽُونر وِجهڻ: | محاورو | ڳالهہ ۾ وڏاءَ ڪرڻ ۽ مصالحو ملائڻ. |
| ٽُونڪو: | صفت مذڪر | چوٽو ڪوتاهہ، ننڍو گهٽ، خسيس، ٽَرٽو. (جمع: ٽُونڪا) |
| ٽوڻڻ: | فعل متعدي | ٻڪريءَ جو ڪچو ڦر ڪيرائڻ، چُرُونڻَن سان ڪنهن شيءِ تي ٽورو ٽورو پاڻي ڇٽڪائڻ. |
| ٽويڙَ: | اسم مؤنث | آٽڪل، تجويز. (جمع: ٽويڙ) |
| ٽَهر: | اسم مؤنث | صلاح، آرام. (جمع: ٽَهَرون) |
| ٽَهرائِڻ: | فعل متعدي | فُرصت ڏيارڻ، مُهلت ڏيارڻ. |
| ٽَهَرڻ: | فعل متعدي | (1) وڌڻ، اڳتي هلڻ، آرام ڪرڻ، ٽهرڻ (2) خدمت ڪرڻ، ٽهل ڪرڻ. |
| ٽُهَڙُ: | اسم مذڪر | (1) پاڻيءَ جي پکيءَ جو هڪ قسم (2) ميرانجهڙو رنگ، ڳيري جيڏو قَدِ، چِٻا کنڀ. (پاڻي جا جيت کائيندڙ) (3) پاڻي جي جيت جو هڪ قسم، سِيانٽو سَرطانُ، ڪيڪِڙو. (جمع: ٽَهَڙَ) |
| ٽَهل ٽَڪور: | اسم مرڪب | خدمت چاڪري |
| ٽُهو: | صفت مذڪر | ذرو ٿورو معمولي. (جمع: ٽُها) |
| ٽِياڪُورُ: | صفت مذڪر | آمِينُ، فيصلو ڪرڻ وارو. (جمع: ٽِياڪور) |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنیٰ |
|---|---|---|

# پ

| مکيہ لفظ | گرامر | معنیٰ |
|---|---|---|
| پاٻوڙي: | اسم مؤنث | پَٻڻَ جو ٻجُ، پَٻڙي، ڏوڏو. (جمع: پاٻوڙيُون) |
| پاٻوهِي: | اسم مؤنث | (1) پيار (2) سِڪَ، اُڪير (3) سڪايل عورت. (جمع: پاٻوهِيُون) |
| پات باتِ: | اسم مرڪب | ٺاهہ ٺوهہ، ڳالهہ مُهاڙ. |
| پاٽرو: | اسم مذڪر | مُهاڻن جي هڪ اوڙڪ. (مهاڻن جي انهي اوڙڪ تي پاٽرو نالو ان ڪري پيو جو اِهي گهڻي وقت کان وٺي جاتيءَ جي بزرگ حضرت مغل پيرءَ جي ميلي جي ڪُنيءَ لاءِ پٽر وڍيندا هئا). |
| پاٽارِ: | اسم مؤنث | (1) ڪڙيي، ڪِپي، آڏَ وغيره ۾ پاڻي جي چاڙهہ يا وهُڪ جي ڪَرَ (2) تار پاڻي جي وَهُڪَ (3) پينتل. |
| پاٽو: | اسم مذڪر | اُٺ جي پلاڻ جو هڪ پاسو. (جمع: پاٽا) |
| پاٽِي: | اسم مؤنث | سُڪايل يا خشڪ مڇي. |
| پاپرو: | اسم مذڪر | ڏنجهہ تڪليف، ڏاکڙو جاکوڙ. (جمع: پاپرا) |
| پاڄَ: | اسم مؤنث | گهٽتائي، ڪوتاهِي. |
| پاڇاٽو: | صفت مذڪر | پوءِ يا دير سان ايندڙ (ضد: آڳاٽو). |
| پاڏارَڻ: | فعل متعدي | پڌرو ڪرڻ، پاڌارڻ. |
| پاڙِ پاڙَ: | اسم مرڪب | |
| پاڙَڻ: | فعل متعدي | وهٽ يا ڍور کي ڊگهي رسي سان ٻڌي چَرڻ لاءِ جهنگ ۾ ڇڏي ڏيڻ. |
| پارَ: | اسم مؤنث | نار جي نيسر. |
| پارابو: | اسم مذڪر | (1) پيغام، سنيهو نياپو (2) ڏوراپو. (جمع: پارابا) |
| پاراپو: | اسم مذڪر | (1) پيغام، سنيهو نياپو (2) ڏوراپو. (جمع: پارَاپا) |
| پارهيڙي: | اسم مؤنث | مڇيءَ جو هڪ قسم (چلرن سان، رنگ سونهري ڊيگهہ 3، 4 انچ). (جمع: پارهيڙيُون) |
| پارِياهو: | اسم مذڪر | مڇيءَ ڦاسائڻ لاءِ هڪ قسم جي سَنڌِ (جا ڪناري تي جهلي ويهجي). (جمع: پارِياهَا) |
| پاڙَ: | اسم مؤنث | ڳاهہ جو هڪ قسم (چوپايو مال کائي ۽ هن کي اُپرڻ لاءِ مِٽي پاڻي جي ضرورت ٿئي). |
| پاڙ جهاڙ: | اسم مرڪب | بدلو عيوض، اصل نسل، جادو ٽوڻو. |
| پاسِرُ: | اسم مذڪر | مڇيءَ جو هڪ قسم (چلرن سان، پيٽ اڇو پُٺي |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| پاندا: | اسم مذکر | ٽٽن ۾ رهيل ڪير جا آخري ڦڙا. |
| پاندور: | اسم مؤنث | تاريون، جهوني ٻڙ جا لڙڪندڙ پاندور. |
| پانڪِجَڻ: | فعل لازمي | (1) ايرو ٿيڻ (2) ڏُبرو ٿيڻ (وهٽ). |
| پانگارُ: | اسم مذکر | ٻيڙيءَ جي ناتاريءَ کي ٻڌڻ جو ٿلهو رسو. (جمع: پانگارَ) |
| پانو: | اسم مذکر | (1) ڪير ٻياڪ ٻار لاءِ ماءُ جي ٿڻن مان ڪير اچڻ (2) پيچ ڪش (هڪ قسم جو اوزار) (ڏهسن نامي جو محاورو) (3) چَندُ. (جمع: پانا) |
| پاٺمو: | صفت مذکر | سُونهارو. (جمع: پاٺما) |
| پاٺهي ڄاٺي: | اسم مرکب | پاٺي ۽ ان جهڙي شيءِ، لسي وغيره. |
| پاٺو: | اسم مذکر | مانجهاندو. (جمع: پاٺا) |
| پاٺُو: | اسم مذکر | درياءَ جا ماٺهو ڊگهي عرصي لاءِ ڪٽي رهن، تہ ان کي پاٺُو چون. |
| پاهوڙڻُ: | اسم مذکر | لوهارڪي ڪم جو هڪ اوزار (ڪُهاڙين، ڪوڏرن وغيره جي پاهي ٺاهڻ ۾ ڪم ايندڙ). (جمع: پاهوڙڻَ) |
| پاهورو: | اسم مذکر | گهوڙي جي ڏاٽي وارو ڳوٿرو (جنهن ۾ ان وجهي ڪنڌ ۾ لٽڪائي ڏجي) توبرو (جن ڪاڏو آهورن ۾، سي ڪيئن ڪائيندا پاهورن ۾). (جمع: پاهورا) |
| پائُٺِ: | اسم مؤنث | خبرَ، ڄاڻ، سُڌَ. |
| پائُٺو: | اسم مذکر | هُرلي يا نار جو هڪ عضوو. (جمع: پائُٺا) |
| پائُلو: | اسم مذکر | سارين گڏ ڪري رکڻ جو هنڌ. (جمع: پائُلا) |
| پٻو: | صفت مذکر | ڪِهو جنهن جا ڏند نہ هجن. |
| پتوڪِڙو: | صفت مذکر | ننڍڙو ذرڙو. (جمع: پتوڪِڙا) |
| پتوئي: | اسم مؤنث | مڇيءَ جو هڪ قسم (رنگ ڪارو، قد اڌ انچ کان ڏيڍ انچ). |
| پٽ: | اسم مذکر | پاڙو قبيلو. |
| پٽِ: | اسم مؤنث | پٽيل جي راڄ کي (جيڪو ان جي حصي وارو هجي) پٽ چون. (جمع: پٽيون) |
| پٽَر پتر: | اسم مرکب | پتر پتر، بانٽ ٺانٽ. |
| پٽي: | اسم مؤنث | ڦٽ يا ٻگل عضوي کي ٻڌڻ جي پٽي. (جمع: پٽيُون) |
| پٽِ چٽِ: | اسم مرکب | پوڪ، ٻج ڇٽڻ، لُٽڻ ۽ ڇٽڻ يا پوکڻ. |
| پٽاڙ: | اسم مؤنث | اَڳٺُ. (جمع: پٽاڙون) |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنیٰ |
|---|---|---|
| پٽاڙَ: | اسم مؤنث | اڳٽ، ڪير ڳالهائڻ ۾ ڍيگهہ ڪري تہ ان کي "پٽاڙ ڪرڻ" چئبو. |
| پٽاڪ: | اسم مؤنث | (1) ڊڪ ڊوڙ ڀڄَ ڊُڪَ (2) پٽ ڪونڊ، پٽ ڪوهہ. (جمع: پٽاڪُون) |
| پٽالو: | اسم مذڪر | ڪپهہ سان ڀريل رنگين ڪپڙي جي ٽِڪندي ڳوٿري، جنهن جي ڪنارن کي ڪچ ڪوڏيون ٽانڪي زالون ٻار جي پينگهي مٿان ٻڌي چڙهينديون آهن، تہ جيئن ٻارُ سُتي سُتي انهيءَ ڳوٿريءَ سان راند ڪري) پکي ۾ سونهن خاطر بہ ٻڌن، مرشد جي درگاهہ تي بہ (باس طور ٽنگي چڙهين)، چَٽون. (جمع: پٽالا) |
| پٽڙيُون: | اسم مؤنث | اُٺ جي نڪ ۾ وڌيل هڏيون. |
| پِٽَڙ: | اسم مؤنث | مڇيءَ جو هڪ قسم (منگر مڇيءَ جي قسم مان، ويڪروءِ گول، پڇ ڇهنب وانگر، ڊيگهہ 3 فوٽ ڪن، هن جا اَٺ قسم آهن 1. گاڏم 2. ڪُتي، 3. چِٽو 4. ڪڏا ڪُتي، 5. ڦِٽو 6. ڳَڍَ وجهڻو 7. ڪارِنجُ يا ڪارِنهہُ 8. گهِيمُ). |
| پٽهَرِي، پٽيارِي: | اسم مؤنث | (1) ٻيڙيءَ جو هڪ عضوو (2) ونجهہ کي قابو ڪرڻ لاءِ ڪاٺ جو تختو. |
| پٽهَڙُ: | اسم مذڪر | دُنبڇي (ڳڏهہ جي). (جمع: پٽهَڙَ) |
| پٽي: | صفت مؤنث | ڇڊي، پنڙي (جمع: پٽيُون) |
| پٽُ: | اسم مذڪر | هوڙيءَ جو اولو. (جمع: پٽَ) |
| پُٽ مُٽِ: | اسم مرڪب | سهاروءِ دولت، سهاروءِ ذاتي طاقت. |
| پُٽارَڪ: | اسم مؤنث | (1) هڙ يا ڪڙيو (2) سامان جي وڏي ڀري جيڪا پٺن تي کڻجي. |
| پُٽڙو: | اسم مذڪر | چولي جي پُٺ ۾ ڪُلهن وٽان ڪپڙي جي ٽُڪري، جيئن چولو جلد نہ ڦاٽي. (جمع: پُٽڙا) |
| پٺو پلو پڙ پٺي جي ڳهل ڏُکي: | پهاڪو | ڪنهن ڪم ڪرڻ ۾ يا ڪنهن کان ڪم وٺڻ ۾ مشڪل پيش اچڻ جي موقعي تي چئبو آهي. |
| پڃِلَڻ: | فعل لازمي | پڃرڻ، سڙڻ، اندرئي اندر ٻرڻ. |
| پُڇُ | اسم مذڪر | (1) ڪپڙو ڳريل ڪپڙو (2) ڪپڙي جو ننڍڙو ٽُڪر. (جمع: پُڇَ) |
| پچباڻ پچباڙُ: | صفت مذڪر | (1) اهو ماڻهو جنهن جو هاضمو گهٽ هجي يا ڪاڏي |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنىٰ |
|---|---|---|
| پرائي بزگيري: | اسم مرڪب | پرائي نوڪريءَ ڪنهن وٽ نوڪريءَ ۾ پابند هجڻ جو اظهار ڪرڻ لاءِ چئبو آهي. |
| پرائي ڏيءَ ڦسي لوڪ تماشو ڏسي: | پهاڪو | ٻين جي ناڪامي يا تڪليف جي خوشيءَ جو اظهار ڪرڻ جي موقعي چئبو آهي. |
| پرايو پئسو چَپٽ تي ٽانڊو: | پهاڪو | اُڌاري شيءِ يا عارضي فائدي جي لالچ ڪرڻ جي موقعي تي چئبو آهي. |
| پرچاءُ سرچاءُ: | اسم مرڪب | صلح، ٺاهہ رضامانو. |
| پِرڪيلُ: | اسم مذڪر | ٻيڙيءَ جو هڪ رسو (سِڙهہ جي پُٺئين پاسي وارو). (جمع: پِرڪيلَ) |
| پِرنارُ: | اسم مذڪر | ماس جو ٿَهہ. (جمع: پِرنارَ) |
| پَرنگُ: | صفت مذڪر | سهڻو هلُوڪ (چوپايو). |
| پُرهُ: | اسم مذڪر | سمنڊ جي پاڻي ڪچڻ لاءِ وام. (جمع: پُرهَ) |
| پِروٽِي: | اسم مؤنث | لوهارڪي ڪم جو هڪ اوزار (اُهو نَٽُ جنهن تي لوهہ رکي سُنبي سان سَلُ ڪيجي). (جمع: پِروٽِيُون) |
| پِروٽِيُون سروٽِيُون: | اسم مرڪب | اوزار سوزار پرزا. |
| پري: | اسم مؤنث | ڪاري جا ملاح ٻيهي يا ٻچنديءَ کي سڏين. |
| پَريرو: | صفت مذڪر | پري يا پريرو (هي لفظ خاص ڪري ماڇر ۾ ڳالهايو وڃي). |
| پِڙچ: | اسم مؤنث | ڪجيءَ جي ڦڙهن مان ٺهيل تڏو. |
| پِڙڳي: | اسم مؤنث | اُٺ جي پير جي ڪُڄَ ۽ مُريي جي وچ وارو ڀاڱو. (جمع: پِڙڳيُون) |
| پڙهي پاڻ ڪونہ ڄاڻي، ماري ڪُتابين (خطابين): | پهاڪو | پنهنجي نااهلي جا خار ٻين مان ڪڍڻ جي موقعي تي چئبو آهي. |
| پِڙينگ: | صفت مذڪر | تمام ڍگهو لانبت. (جمع: پِڙينگَ) |
| پزو: | اسم مذڪر | ڪَڙُ. (جمع: پزا) |
| پِسُ: | اسم مذڪر | ڪَڙُ. (جمع: پِسَ) |
| پُساڻ: | اسم مؤنث | گوڏ. (جمع: پُساڻُون) |
| پُساڻ: | اسم مذڪر | درياءَ جا ماڻهو مڇي مارڻ وقت جيڪي ڪپڙا پائي وڃن تن کي پُساڻ چون. |
| پسوُري پدري ڪرڻ: | محاورو | پسوُري پدري ڪرڻ، معنيٰ پنهنجي اصليت تي اچڻ. ڪنهن بابت ڪڪ تي چئجي تہ (نانيءَ |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| | | واري پسوري آئي اٿس) ٻار گهڻو روئي ۽ ڪيٽو ڪري تہ ماءُ چوندي (الائي ڪهڙي پسوري آئي آهيس). |
| پڻون: | صفت مذڪر | ننڍڙو ٻار معصوم، اُبهم، گلهو. (جمع: پڻون) |
| پِسِي: | اسم مذڪر | (1) گنجهو (ڏاتو) (2) ڪنجهي جي ٿالهي يا تراڪرو وٽو. |
| پش: | اسم مؤنث | ختم ڪري ڇڏڻ، ماري ڇڏڻ جي حالت. |
| پِشالِي: | اسم مؤنث | (1) ويڪري منهن وارو ٿانءُ، پيالي (2) نِڪرِي (جمع: پشاليُون) |
| پڪٽُ: | صفت مذڪر | (1) ڪنجوس، مرچوٽ (2) سياڻو ڏاهو (خريد فروخت ۾) (3) خرچ نہ ڪندڙ. (جمع: پڪٽ) |
| پڪراسَ: | اسم مؤنث | اُٺ کي اڳين ۽ پوئين ٽنگ جي گوڏن مٿان ڏاڻ طور ٻڌڻ لاءِ رسو. (جمع: پڪراسُون) |
| پڪڙانسَ: | اسم مؤنث | پڪراسَ. |
| پِکَرَ: | اسم مذڪر | ڪانهين جي ٻوڙي جا پن (جي رسي ٺاهڻ ۾ ڪم آچن)، ڪانهين. |
| پِکرِيو: | اسم مذڪر | چوپائي مال جي هڪ بيماري (جنهن ۾ مال جي ڇاتيءَ ۾ اندر گوشت جو پکي پيدا ٿي پوندو آهي، چون ٿا تہ ماڻهن ۾ بہ اها بيماري ٿيندي آهي). |
| پکِتي: | اسم مؤنث | منزل، آخري هدف. |
| پِگَرکو: | اسم مذڪر | (پيرن کي سنڀالي رکڻ واري) جُتي. |
| پِلِ کَنِ: | اسم مرڪب | گهڙي کن، ٿوري دير. |
| پِلَڪُ، پِلڪُ: | اسم مذڪر | چولِي. (جمع: پِلَڪ، پِلڪ) |
| پلُهہ: | اسم مذڪر | ڪاٻار جو رسو. |
| پلورِ: | اسم مذڪر | ڍؤ سيرِي، پيٽ پرجڻ جي حالت. |
| پِناتِي: | صفت مؤنث | پلي نسل جي (گهوڙي وغيره). (جمع: پناتِيُون) |
| پِنارُ: | اسم مذڪر | ٻيڙيءَ مان پاڻي ڪيڻ جو نيسارو. (جمع: پِنارَ) |
| پِنجَتَ: | اسم مؤنث | (1) پنجن ڄڻن جي صلاح مصلحت يا ميڙ منٿ (2) ٻيهت (3) راضي ڪرڻ لاءِ حيلو پرچائڻ لاءِ تجويز. |
| پِنبُ: | ضمير متڪلم | پاڻ (پِنبُ جو معنيٰ پنهنجو). |
| پِنڊا: | اسم مذڪر | سنڌي گجرون، پِتائي گجرون. |
| پِنبِي: | اسم مؤنث | ماني رکڻ لاءِ ڪجيءَ جي ڦڙهن يا ڪانگڙيءَ مان |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| | | ٿهيل ڇڄي، ڏبڪي. (جمع: پنڊيُون) |
| پنگِرجَڻ: | فعل لازمي | (1) پسرجڻ، چڙهڻ (2) ڪاوڙجي اُٿڻ (3) سنبرڻ، اُسهڻ. |
| پنگڻ: | فعل متعدي | رِٿڻُ، ٻڌڻ، سوگهو رکڻ. |
| پنگو: | اسم مذڪر | سراڻ مان وڍيل ٽُڪر. (جمع: پنگا) |
| پنڻَ ڪان پڙهڻ ئي واندو ڪونهي: | چوڻي | ڪنهن شخص پاران چڱي ڪم ڪان ڪيہائڻ جي موقعي تي چئبو آهي. |
| پنهنجو ڏنئورو ڪير ڪٽو چوندو: | چوڻي | پنهنجي ذاتي ملڪيت يا شيءِ کي پياري لڳڻ جي موقعي تي چئبو آهي. |
| پنهنجو گهر الله جو دَرِ: | چوڻي | پنهنجي ذاتي شيءِ جي اهميت وڏيڪ هئڻ جي موقعي تي چئبو آهي. |
| پِني: | اسم مؤنث | پِنِ ول، ول جو هڪ قسم. |
| پِنڻارَ: | اسم مؤنث | مڇيءَ جو هڪ قسم (چلرن سان پيٽ اچو قد ڏيڍ انچ). |
| پنڻون سَتِ: | اسم مرڪب | هڪدم اُٿندي ساڻ ئي. |
| پِٽاٿِ: | صفت مذڪر | ٿُلهو موٽو. |
| پِٽيلي: | صفت مؤنث | پهريون پيٽ، پهرئين پيٽ جو چاول (ہار)، پهريلي. |
| پِٽيڪِي: | اسم مؤنث | پِٽڪي، پاڻِي (ماڻ). (جمع: پِٽيڪِيُون) |
| پُوارُو: | اسم مذڪر | (1) گوڙ هُلُ، لُڙ (2) ڏمچر (3) مانڊاڻ، معاملو. |
| پُوارِڙي، پُوارِڙي: | اسم مؤنث | (1) دوا طور ڪم ايندڙ هڪ پسارڪو وکر (2) کُهنبي جو ٻج (اڇي رنگ جا داڻا) (3) سارين ۾ ٿيندڙ گاهہ ۽ ٻج جو هڪ قسم، پاوارِڙي |
| پُوتِ: | اسم مؤنث | (1) موتي پوئڻ جو ڪم، پُوچ (2) ننڍڙا موتي (3) مڻڪا، مڻيا. |
| پوٿ: | اسم مذڪر | ڪپڙي جو ڏَرُ. (جمع: پوٿ) |
| پُوٽَرُ: | اسم مذڪر | ڇِٽِن جون ڪلون. |
| پوٽائي: | اسم مؤنث | ڪٽي برادري ۾ برادريءَ جو سڏ ڏيندڙ کي چون. |
| پوٽو: | اسم مذڪر | درياءَ جا ماڻهو جنهن ڪپڙي سان هيڙي صاف ڪن اُن صافي کي پوٽو چون. |
| پوٽِي: | اسم مؤنث | هندن جي نڪاح کي چون. |
| پُوپ: | صفت مذڪر | تمام ڊگهو. |
| پُوپالِيلُ: | صفت مذڪر | ڏُڪلُ، ڪمزور. |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| پوپٽي: | اسم مؤنث | اُڏامندڙ جيت جو هڪ قسم (جمع: پوپٽيون) |
| پوچاڙي: | اسم مؤنث | شام جو وقت. |
| پوچو: | اسم مذڪر | اُٺَ جي پير ۾ نڪتل ڳوڙهو. |
| پوچاندو: | اسم مذڪر | (1) پُڇُ، پُڇڙي (2) چادر يا رَئي جو پلَيان پيرن تائين لڙڪندڙ پلاند (3) پٽ جي پلئين پاڳي جو اهو ڇيڙو جنهن تي سجَ اُيرڻ سان اُس جو تڙڪو پوي. (جمع: پوچاندا) |
| پوچڙي: | اسم مؤنث | (1) پچاڙي وارو حصو (2) پُڇڙي مڇيءَ جي پڇ وارو حصو (3) واهہ يا ڪڙئي جي پڇاڙيءَ وارو حصو (4) ننڍو پڇ (5) نانگ بلا جو پڇ وارو پاڱو. (جمع: پوَچڙيون) |
| پُوچَندُ: | اسم مذڪر | پوچَڙُ، ڇيڙو پُڇڙِي. |
| پورارو پوراڙو: | اسم مذڪر | آبي پکيءَ جو هڪ قسم (ڇهنب ڊگهي اڊائي انچ کن، سنهي ڪمان وانگر وريل، درياهہ جي ڪپ تي ويهي کاڌو حاصل ڪري، وڻ تي ڪونہ ويهي). |
| پُورائِڻ: | فعل متعدي | (1) ٻيڙيءَ کي اڳتي هلائڻ، هاڪارڻ (2) دفن ڪرائڻ (3) لَٽائڻ (4) بند ڪرائڻ (در وغيره). |
| پوري سُوري: | اسم مرڪب | مڪمل، سموري، ڪُل، ٽوٽل. |
| پُوزَر: | اسم مؤنث | (1) ڊوڙ (2) وڏائي (3) مستي. |
| پُوزِڪي: | اسم مؤنث | (1) دلاسو (2) ڏاٽو (3) ڪوڙو دلاسو. (جمع: پُوزِڪيون) |
| پوڙي: | اسم مؤنث | مينهِن جي پير ۾ هڏڻ لاءِ رِٽي رسِي، پينجهوڙي (جمع: پوَڙيون) |
| پوسَلَ: | اسم مؤنث | بارش جي موسم ۾ ڳپ ڇڪَ کي چون. |
| پوش پوشان: | اسم مرڪب | ڪنهن شيءِ کي ڍڪڻ ڍوئڻ جو عمل. |
| پوکيءَ کان رائي پلي آهي: | چوڻي | محنت کان اُجرت پلي لڳڻ جي موقعي تي چئبو آهي. |
| پولِڙو پولِٽو: | اسم مذڪر | (1) ليڏوٽو (اُن جو) (2) اُٺ ۽ گڏهہ جي فضلي جو هڪ گهولڙو. (جمع: پولڙا، پولٽا) |
| پولِڙي، پولِٽي: | اسم مؤنث | ٻولڙي، ٻڪريءَ، رڍ وغيره جي فضلي جي هڪ ڳوڙهي. (جمع: پولِڙيون، پولٽيون) |
| پولهہ: | اسم مذڪر | پليون، پڇ وارو حصو. (جمع: پولهتا) |
| پُونءِ: | اسم مؤنث | ٻڪري |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنیٰ |
|---|---|---|
| پوُنڀِلو: | اسم مذڪر | مڇيءَ جو هڪ قسم (بنا ڇلرن، گوشت نرم، قد 4 کان 6 انچ (ہہ قسم هڪ اڇو ۽ ٻيو ڪارو). (جمع: پوُنڀِلا) |
| پُونجي: | اسم مؤنث | (جمع پونجي) گڏ ڪيل، ميڙيل رقم کي چون. |
| پڙَنگ: | صفت مذڪر | سهڻو سنو ڀلو. |
| پُوڻ: | فعل متعدي | پِرَڻ، ٺهڻ. |
| پوٽيلي‌ءَ جو: | اسم مذڪر | پهريون اولاد. |
| پوهُہ: | اسم مذڪر | هڪ مهينو. |
| پوهو: | اسم مذڪر | (1) ڦِهي ڪپهہ جو ٻڙو (2) ڇيٽو. (جمع: پوها) |
| پوءِ ڍائي کان قرض نہ کَڄجي، توٽي لک لُٽائي: | پهاڪو | ڪم ظرف ۽ غير خانداني شخص کان فائدو نہ وٺڻ ۽ اُن جو طعنو ملڻ جي موقعي تي چئبو آهي. |
| پوپاڙي: | اسم مؤنث | سج لهڻ جو وقت، پوڇاڙيءَ شام. (جمع: پوپاڙيُون) |
| پهالَ: | اسم مذڪر | ڏسو "پهاڙ". (جمع: پهالَ) |
| پهاڻُ: | اسم مذڪر | (1) پِهَڻُ، پاهَڻُ (2) ڪڇي ذات (جنهن کي پگهاري پهريائين پالنو لوهہ، پوءِ گهاڙو لوهہ تنهن کان پوءِ رڪ جي صورت ۾ آڻبو آهي). (جمع: پهاڻَ) |
| پُهاٽِي: | اسم مؤنث | پُواڙي دوا طور ڪم ايندڙ ٻج جو هڪ قسم. |
| پهرونو: | صفت مذڪر | پهريون چاول ٻار پِهراتُ. (جمع: پهرونا) |
| پهموندو: | اسم مذڪر | ٻَتَئي ڪرڻ کان اڳ هاريءَ جو گڏيل حصي مان کنيل سارين جو حصو. |
| پِثاڙَ: | اسم مؤنث | پويون حصو (ڍِڳي گاڏيءَ جي قافلي جو پويون حصو). |
| پِثالو: | اسم مذڪر | ٿوري وقت جو ٻاہو ساهِي. (جمع: پِثالا) |
| پئسو پائي: | اسم مرڪب | رقم، ڏوڪڙ، دولت. |
| پئسو پَنَجڙَ (ڏوڪڙَ): | اسم مرڪب | ٿوري گهٽي رقم، دولت. |
| پِئکُڙَ: | اسم مؤنث | پنجوڙي |
| پِڻُون کڻڻ: | محاورو | سُر کڻڻ، ڳالهہ جي شروعات ڪرڻ، ابتدا ڪرڻ. |
| پِڻُوڻ: | اسم مؤنث | (1) اُونهي کَڏَ (2) گهٽتائي، ڪمي (جمع: پِڻُوڻيُون) |
| پِٿِي: | اسم مؤنث | پينتل. |
| پِٿيڪ: | اسم مذڪر | پکِيءَ جو هڪ قسم. |
| پِي: | اسم مذڪر | پيءُ. (جمع: پي) |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنیٰ |
|---|---|---|
| پيتو: | اسم مذکر | ڪرڪٽي ڪوڏ. (جمع: پيتا) |
| پيٽ: | اسم مؤنث | (1) جاءِ، هنڌ، مرڪز (2) سهارو، آڌار. |
| پيٽ پرندي: | اسم مرڪب | ساڙ ڪان يا حسد ۽ ڪاوڙ ڪان ڪنهن تي الزام هڻجي يا ڪا گاله ڪجي، تہ چون: پيٽ پرندي ٿو ائين چوي |
| پيٽ پرندي: | اسم مرڪب | گذران، گذر سفر. |
| پيچارو: | اسم مذکر | مڇيءَ جو هڪ قسم (صفا اڇي، گول ۽ ويڪري، قد 1، 4 انچ). (جمع: پيچارا) |
| پيچي: | اسم مؤنث | ٻيڙيءَ ۾ ٻرمانڻ جي ٻچڙيءَ وارو ڪاٺ جو ٽڪر. |
| پيڊلي: | اسم مؤنث | پنجرو، پاوانجرو. (جمع: پيڊليُون) |
| پيراڱو: | اسم مذکر | پيرن جي لتڙسان ٿهيل واٽ، دڳ، گس، پيچرو. |
| پيرانگو: | اسم مذکر | پيچرو. |
| پيرچو: | اسم مذکر | ٻيڙيءَ جو هڪ حصو. |
| پيسي: | اسم مؤنث | ڪٽلَ جي ڳڙي، ڪجور جي ڳڙي، ڇوهارو. (جمع: پيسيُون) |
| پيڪو: | اسم مذکر | پيچو پٽ، پچر، پويون حصو. (جمع: پيڪا) |
| پينري: | اسم مؤنث | ڏيري (جمع: پينريُون) |
| پينگهہ: | اسم مؤنث | انبلٽ. (جمع: پينگهُون) |
| پينگهو: | اسم مذکر | رسي جو ٽڪر، جنهن ۾ سرڪ سايون پيل هجن، مال جي ڦرن کي ٻڌڻ لاءِ ڪم اچي. |
| پيهڙو: | اسم مذکر | پهيڙو، قاصد، ٽڪر جي وڏي پاٽ. (جمع: پيهَڙا) |
| پيهُون ڏيڻ: | محاورو | چپ ڏيڻ، پيڙون ڏيڻ، زور ڏيڻ، ڳاهٽ ڪرڻ. |
| پيو: | اسم مذکر | اپارو (هُرلي تي). (جمع: پيا) |
| پيُو: | اسم مذکر | پيءُ، والد، پدر. (جمع: پيُو) |
| پيٽرو: | اسم مذکر | گجَ جي هڪ حصي جو نالو پيلو گهوڙو. |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| جائي جُواري: | اسم مرڪب | جُوئر وغيره جي سادي غذا. |
| جُتُ: | صفت مذڪر | (1) گڏُ، ٻيلهڙ (2) جُٽُ (3) ڳنڍيل، وچڙيل، جُتيِ. (جمع: جُتَ) |
| جِتِ لڳي اُت لائجي: | پهاڪو | ڪنهن سان وفا ۽ پيار جي تعلق کي قائم رکڻ جي موقعي تي چئبو آهي. |
| جِتامُ: | اسم مذڪر | ننڍڙو جيٽُ، جِيتامُ. (جمع: جِتامَ) |
| جُتي ٻتي: | اسم مرڪب | پيزار جُتي. |
| جتي ڪيهرن جا ديرا اُتي اُنين جا پيرا: | پهاڪو | ڪيهرن جي اُنن پالڻ جي ڪرت جي اظهار جي موقعي تي چئبو آهي. |
| جتي مِينهن پَون، اُتي چِڪُون بہ ٿين: | پهاڪو | جت فائدا هُجن، اُت ٿورا نقصان بہ ٿين. فائدي لاءِ نقصان جي پورڻ جي تياري رکڻ جي موقعي تي چئبو آهي. |
| جُٽ پُٽ: | اسم مرڪب | لٽ لعنت، گند ڪن، ڪچرو. |
| جُٽ ڪِٽ: | اسم مرڪب | لٽ لعنت، پٽ پاراتو. |
| جَپِ جَپ: | اسم مؤنث | سُکُ، آرامُ، فرحت، ماٺ، سانت. |
| جَجهن جوين گهر نہ هلي، ججهن هارين هر نہ هلي: | پهاڪو | ڪنهن ڪم جي لنڊڻ جي حالت ۾ وڌيڪ ماڻهن جي اختيار استعمال ڪرڻ جي موقعي تي چئبو آهي. |
| جَجهن ڪجي ڇپر بہ ڪجي وڃي: | پهاڪو | ٻڌي ۾ اتحاد جي ترغيب ڏيڻ جي موقعي تي چئبو آهي. |
| جَجهي پارت پٽ جي پيڻ: | پهاڪو | ڪنهن ڪم لاءِ ضرورت مطابق رعايت گهرڻ جي موقعي تي چئبو آهي. |
| جِلَڻ: | فعل متعدي | ڏِجَڻُ. (جلڻو معني ڏجڻو) |
| جَرُ: | اسم مذڪر | لَلُ. (جمع: جَرَ) |
| جَر: | اسم مؤنث | مڇيءَ جي ميڙاڪي کي خاص ڪري مُهاڻا چون، پر عام طرح گهٽي پاڻيءَ کي چيو وڃي ٿو. |
| جَرڪُ: | اسم مذڪر | چراغ (جانور). (جمع: جَرڪَ) |
| جَروٽ: | اسم مؤنث | پوڙهي ڳئون، مينهن وغيره. (جمع: جَروٽُون) |
| جَرِيءِ جِري: | اسم مؤنث | مڇيءَ جو هڪ قِسم (پرن سان، جهرڪي وانگر اڏامندڙ قد 2 کان 4 انچن تائين). |
| جَرِيدو: | صفت مذڪر | ٿيارُ هَڪيو ٿڪيو. (جمع: جرِيدا) |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| | | چون. |
| جوجَهر: | صفت مذڪر | وڏي يا لڙڪيل پيٽ وارو (چوپايو) ڇِڇَرُ. |
| جُودُ: | اسم مذڪر | پيڙهيءَ جي منجهي ۾ ڳَڙي جي وچ وارو واڃهہ جو ٽڪر. (جمع: جُودا) |
| جور جَبَرِ: | اسم مرڪب | زيردستي، طاقت، ڏاڍ. |
| جَوڙَ: | اسم مؤنث | ٻَڪَ، لباڙ. |
| جَوڙِڻ: | فعل لازمي | (1) ٻَڪڻُ (2) ڏنڊين پوڻ، وڙهڻ. |
| جُوسِرو: | اسم مذڪر | (1) ننڍي جُوءِ، سِيم (2) جُوءِ. (جمع: جُوسِرا) |
| جوش خَروش: | اسم مرڪب | جذبو عزم، حوصلو همت. |
| جوڪائِڻ: | فعل متعدي | (1) بخش ڪرڻ، بَخشڻُ (2) وير وٺڻ. |
| جوڳاڻُ: | اسم مذڪر | گهوڙي جي خوراڪ، ڪاڌو قُوتُ (وڪيل گهوڙن کهڙا جوڳاڻ). |
| جونجَهہ: | اسم مؤنث | (1) نظر (2) وَسُ. |
| جوٽِڻ: | اسم مؤنث | ڍِڳي يا پاڏي جي مُنڍيءَ جي شوروي جي (اُٽ ڪي) اوٽِڻي. (جمع: جُوٽِڻون) |
| جُوٽِي: | صفت مذڪر | چوري ٿيل شيءِ جو ڏس ڏيندڙ. |
| جوهَرِ: | اسم مؤنث | بوندِ بوندِ. |
| جوهَرِ: | اسم مؤنث | پاڇاري (هَرَ جي). |
| جَوءِ پَٽُو: | اسم مرڪب | جوءَ جو فصل، جوءَ ۽ ان جي جنس جو فصل. |
| جُوتَر: | اسم مؤنث | ڏاندن جي جوڙي واري پاڇاري |
| جَهلَنگ: | اسم مذڪر | (1) جالنگ (2) جهبلو (ڪپڙو). (جمع: جَهلَنگا) |
| جِتَڏُ: | اسم مذڪر | (1) جِيتُ (2) ساهوارو ڪِيڙو. (جمع: جِتَڏَ) |
| جِيجُو: | اسم مذڪر | (1) اڻ وڻندڙ شيءِ (2) ڏيڻارو خوف (3) جُوجُو ٻائو (جمع: جِيجُو) |
| جينيا، جينڌا: | اسم مذڪر | (1) منجهيل وار (2) ڀِڀُوت وارَ (3) ڇينيا. |
| جِينجَهر، جينجِهري: | اسم مؤنث | سنهي شڪلَ ڍِينگري |
| جيڏا توڏا اوڏا لوڏا: | پهاڪو | فائدن جي برابر خطرا ڪٽڻ جي ترغيب ڏيڻ جي لاءِ چئبو آهي. |
| جيڪا ڏاڏي سان نہ مِڙيءِ سان ريب سان ميڙجي: | پهاڪو | جڏهن ڪو شخص ٿوري گهٽي ترغيب تي صحيح رستي تي نہ اچي، تہ ان موقعي تي چئبو آهي. |
| جيڪو ساڏي سو | پهاڪو | جيڪو شخص جهڙا ڪم ڪري، اُن جا انتظام بہ |

| مکيه لفظ | گرامر | معنىٰ |
|---|---|---|
| واڌي: | | پاڻ ڪري، ته ان موقعي تي چئبو آهي. |
| جيڪي ڳڙ کائيندا سي چوڪڙا به سهندا: | پهاڪو | فائدا کڻڻ جي بدلي ۾ ملندڙ طعنن کي برداشت ڪرڻ جي ترغيب ڏيڻ جي لاءِ چئبو آهي. |
| جيڪي هوندئي ڀاڳ ۾ سو وهي پوندئي ڀاڳ ۾: | پهاڪو | نصيب تي ڀروسو رکڻ جي نصيحت ڪرڻ جي لاءِ چئبو آهي. |
| جيئري ڪونه سليان موئي ڏڙ ٻڙ پٽيان: | پهاڪو | ڪنهن جي زندگي ۾ عزت نه ڪرڻ ۽ وفات بعد قدر پوڻ واري وقت تي چئبو آهي. |
| جيئن ٿڌِ تيئن وڌ: | پهاڪو | ڪنهن شخص پاران تڪليف ۽ سختي ۾ وڌيڪ ڪم ڪرڻ جي موقعي تي چئبو آهي. |
| جهڙا ادائي تهڙا ساڍا به: | پهاڪو | ڪن به ٻن شين جي هڪجهڙي حالت ۾ اثر جي موقعي تي چئبو آهي. |
| جهڙڪڻُ: | مصدر | ٻرڻ، ڀڙڪا ڪرڻ. |
| جهڙو تئي مان تهڙو ئي دانگيءَ مان: | پهاڪو | هڪ ئي مقصد حاصل ڪرڻ واريون به مختلف شين جي هڪجهڙو سمجهڻ جي موقعي تي چئبو آهي. |
| جهڙو مهمان تهڙي مهماني: | پهاڪو | ماڻهوءَ جي اُن جي حيثيت مطابق عزت ۽ ڀليڪار ڪرڻ جي موقعي تي چئبو آهي. |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|

# ڄ

| | | |
|---|---|---|
| ڄاڱُر: | اسم مذڪر | ٻيرن جو هڪ قسم (جي رواجي ٻيرن کان ننڍا ٽين) پهاڙي ٻير. (جمع: ڄاڱُر) |
| ڄانگِهي: | اسم مؤنث | ڪُوھہ مان مِٽِي ڪڍڻ واري ٻيل جي نوڙيءَ جو ٻُڇڙُ. |
| ڄاڻ ٻاڻ: | اسم مرڪب | معلومات، علم، ادراڪ. |
| ڄَرِ ٻاھہ (ڪام): | اسم مرڪب | ساڙ جوت، باھہ. |
| ڄَرَ ٻَرَ: | اسم مرڪب | جيپي، جاھہ جي ڄُر. |
| ڄَرَ: | اسم مؤنث | (1) باھہ جي تپش (2) جور. |
| ڄر کان اڳ لُر: | پهاڪو | اثر ۽ سبب جي اڳ پُٺ واري موقعي تي چئبو آهي. |
| ڄَرڪي جو ٻوڙ ڪاٺ جي هونڌل: | چوڻي | ٻئي پاسا هڪجهڙا هئڻ جي موقعي تي چئبو آهي. |
| ڄَرَڻ: | فعل متعدي | ڏڪ يا چماٽ سان بيحال ڪرڻ. |
| ڄُڪَ: | اسم مؤنث | ٻڙھہ، ڇَپُ، ڏَت، ماٺِ، چانهرِ، سُڪُوتُ، ڇُپِ، خاموشي، سانت. (جمع: ڄُڪون) |
| ڄُنڊِ: | اسم مؤنث | ڏُنڊِيءِ ڏُنڊِ، ڏانڊي (جمع: ڄُنڊيُونُ) |
| ڄُنڊڙو: | اسم مذڪر | مڇيءَ جو هڪ قسم (سِيم، جهڙيءِ رنگ سائيرڙو قد 4,2 انچ). (جمع: ڄُنڊِڙا) |
| ڄَنڊُورو: | صفت مذڪر | منجهيل وارن وارو. (جمع: ڄَنڊُورا) |
| ڄُونيِئِي: | اسم مؤنث | ڪَکَرِ. (جمع: ڄُونيِئِيُون) |
| ڄيرا ڄگرا: | اسم مرڪب | پکيءَ جو قسم، روي سديءِ زرا پرزا. |
| ڄيرو ڄَمرو (شيرو): | اسم مرڪب | پکيءَ جو قسم، ڪنو سنو گنڏو گدلو. |
| ڄيرو نہ ماريءِ پر ڄَرَ ماري: | چوڻي | فائدي واري شيءِ خراب نہ هوندي آهي، پر اُن جي حاصلات ۾ ڪي شيون مشڪلات پيدا ڪنديون آهن. |
| ڄَيُون: | اسم مؤنث | سنهيون جئون (جُيون). |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنىٰ |
|---|---|---|

# جھ

| | | |
|---|---|---|
| جهاپ: | اسم مؤنث | ڇٻي، ڇڪ (لغام کي)، ٽٽ ڇڙٻي. (جمع: جهاپون) |
| جهاپ: | اسم مؤنث | ڦُڙ ڦُڙ، ٻُوند. (جمع: جهاپون) |
| جهالَ: | اسم مؤنث | کوھ جي منهن تي ٺهيل ڍڪي جنهن تي ٻوڪي وغيره مان پاڻي هارجي. |
| جهامُوڙجڻ: | فعل متعدي | وڙهڻ لاءِ ٻکين پوڻ |
| جَهانِ هٽي جَهنگرَ اسان وٽا پري پيون: | چوڻي | وڏا تڪليفون سهڻ ۽ ننڍيا فائدا حاصل ڪن، تہ اهڙي موقعي تي چئبو آهي. |
| جهانءِ: | اسم مؤنث | مينهَن جي آوتِ. |
| جهانپو: | اسم مذکر | لوڙهي جو دوڙ. (جمع: جهانپا) |
| جهاجهوڙڻ: | فعل متعدي | ڏاندولڻ، سختيءَ سان لوڏڻ. |
| جهانڪڻ: | فعل متعدي | (1) جهوڪڻُ (2) لِڪي لڪي ڏسڻ. |
| جهانگرو: | اسم مؤنث | ٽڏِ. |
| جهاوا وجهڻ: | محاورو | واجهائڻ، جهپا هڻڻ، ڪنهن شيءِ کي هٿ ڪرڻ لاءِ قدم کڻڻ. |
| جهائُوئو: | اسم مذکر | جهَٽ، جهَپ. (جمع: جهائُوئا) |
| جِهبي: | اسم مؤنث | وهٽ جي لغام کي اوچتي ڇڪ ڏيڻ. |
| جَهٽِ جَهٽان: | اسم مرڪب | پڪڙ پڪڙان، ڇينا جهپٽ |
| جَهپ: | اسم مؤنث | گهاتا وارَ جهَپ |
| جَهپٽي: | اسم مؤنث | گاھ جو هڪ قسم. |
| جَهپي نہ لَهي سا جهيڙي لَهي: | پهاڪو | حق لاءِ وڙهڻ جي ترغيب ڏيڻ جي موقعي تي چئبو آهي. |
| جُهر: | اسم مؤنث | (1) غارِ (2) ڇُرِ. (جمع: جهُرون) |
| جَهرڻ: | فعل متعدي | (1) مارڻ، ڪُهڻ (2) قتل ڪرڻ (3) تکي اوزار سان سِسي لاهڻ. |
| جِهرِڪِٽي: | اسم مؤنث | مڇيءَ جو هڪ قسم (چلرن سان، پنيءَ ۾ هڪڙو ڏِگهو پکُ، قد هڪ کان ڇئن انچن تائين، کاڌي ۾ لذيذ)، جهرڪي. (جمع: جهرِڪِٽيون) |
| جُهرڻُ: | اسم مذکر | پيچي پوڻ، ڍور ڪري پوي تہ اُن کي بہ جُهرڻ چون. |
| جَهرڻ: | فعل لازمي | جنسي جذبي کان پچرڻ. |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنىٰ |
|---|---|---|
| جَهڙَ: | اسم مؤنث | هلڻ ۾ پيرن جي وچڙڻ سبب مُرئي ۾ لڳل ڏَڪُ. (جمع: جهَڙُون) |
| جَهڪاڻ: | اسم مؤنث | هيناهين. |
| جُهڪو: | اسم مذڪر | وٽن جو جهُڳتو (جمع: جهڪا) |
| جَهڪور: | اسم مؤنث | (۱) سخت برسات، لاڳيتو مينهن، جهڙ، شغل، تماشو مانَ ڪُٽ (2) تمام گهڻو کائڻ، پيٽُ ڀرڻ (3) ڪير مسلسل ڳيچ ڳائي ۽ ساهي نہ پٽي (ڳيتن جي جهڪور ڪٽي لاٽي آهيس). (جمع: جهڪورون) |
| جَهڳ: | اسم مؤنث | (۱) اجايو وات ڪرڻ واري حالت، ٻڪِي، لَباڙ ٻڪ، وِلوڙُ جهوڳ، لُٻ (2) ڏُڏُ (3) وِلوڙڻ واري حالتِ |
| جُهڳاءُ: | اسم مذڪر | رَڇ جو قسم. |
| جَهڳِي: | اسم مؤنث | (۱) ٻڪ، بڪواس، ٻخي (2) وِڦل (3) ٻهُوڙَ (4) اجايو ڳالهائڻ. (جمع: جهَڳيُون) |
| جَهل پَچ: | اسم مرڪب | |
| جُهلائِڻ: | فعل متعدي | لوڏڻ، لرزائڻ، اڳتي پوئتي ڪرڻ. |
| جِهلَ: | اسم مؤنث | هڪ ٻوٽيءَ جو قسم جنهن ڪي مال بہ کائي ۽ دوا طور بہ ڪم اچي. |
| جِهلَڻ: | فعل متعدي | وهنجڻ، ڌائڻ، غسل ڪرڻ، سنان ڪرڻ. |
| جَهلو: | اسم مذڪر | ڪانڌپو. |
| جِهمائِڻ: | فعل متعدي | (۱) ڏنگو ڪرڻ (2) جهُڪائڻ، نمائڻ (3) تِمائڻ (پاڻيءَ مان) (4) ٻسائڻ، آلو ڪرڻ (5) ڳِهہَ ۾ تر ڪرڻ، پڪوان ڪارائڻ، ڪانو ڪارائڻ. |
| جِهمِڪڻ: | فعل متعدي | اکيون ڇنيڻ، روئڻ. |
| جُهمڪڻ: | فعل متعدي | پکين جو وڻ تي ڪِرڻ ۽ وري اُڏامڻ. |
| جِهمَڻ: | فعل لازمي | جُهڪڻ (وڻ جا وڏا ڏار جهمي پون ٿا). |
| جُهنبَڻ: | فعل لازمي | جُهتي وڃڻ، چنبڙي وڃڻ، لڳي وڃڻ، جُنبِي وڃڻ، جَمي وڃڻ، جُنبَڻُ. |
| جِهنجُهہ: | صفت مذڪر | ڀرپُور ڀريل، تِمتار (ميون سان وڻ). |
| جُهنڊ هَٽڻ: | محاورو | ڪيڙي سان مُنهن ڍڪڻ. |
| جَهنڊِ: | اسم مؤنث | ٻار جا ڀهريان مٿي جا وار. |
| جُهنڊِ: | اسم مؤنث | مڇرن جو وَلَرُ. |
| جَهنڊُولو: | صفت مذڪر | گهڻن وارن وارو. |
| جُهنڊِي: | اسم مؤنث | ڌنارن جي هڪ راند (جنهن ۾ هڪڙي ٽولي ٻي کي |

| مکيه لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| جهيڪَ: | اسم مؤنث | اُتَ جو ڏاچيءَ تي چڙهڻ، ڪَڏي هيٺاهين. |
| جهيڪارَڻ: | فعل متعدي | ويهارڻ (اُٺ). |
| جِهيلارَ: | اسم مؤنث | (1) آهستگي (2) ڳالهائڻ ۾ آواز کي هيٺ ڪرڻ جي حالت (3) زيلا (4) اُٺ جو ساز سينگار. |
| جهيلاڙو: | اسم مذڪر | تُرُ غسل، سَنانُ، وهنجَڻ. |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|

# چ

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| چاٻ: | اسم مؤنث | جهٽڪ، ڇينڀ، ڌڙڪو ڇڙٻ. (جمع: چاٻون) |
| چاپڙُ: | اسم مذڪر | (1) چاپوڙو (2) آلي مِٽيءَ مان ٺهيل لپوڙو مِٽيءَ مان ٺهيل گُنديءَ جو پُڙ يا ڍَڪُ. (جمع: چاپڙا) |
| چاپِڙ: | اسم مؤنث | لوهارڪي ڪم جو هڪ اوزار جنهن سان اوزارن کي "ماٽِ" ڏبي آهي. |
| چاڏو: | اسم مذڪر | (1) ٺِڪر جي وڏي دکي (2) ڪُنو مٽڪو. (جمع: چاڏا) |
| چارا: | اسم مذڪر | ڇپارا، اهلون، نقل. |
| چارو: | اسم مذڪر | رستي پر پاڻيءَ وارو ٺُڪر. (جمع: چارا) |
| چارِي: | صفت مذڪر | (1) پهريدارُ (2) محافظ (3) مالَ چارِيندڙُ (4) نگهبانُ (5) راڪو (6) جاسوس. (جمع: چارِي) |
| چاڙ: | اسم مؤنث | زناني چولي جي پُٺن کان ڏنل ڪپڙي جي پٽي. |
| چاڙُ: | اسم مذڪر | چاڙُهہ. (جمع: چاڙ) |
| چاڙُهہ: | اسم مذڪر | ڏِٺو رِماڙُ. (جمع: چاڙها) |
| چاڦو لُوڙَ: | اسم مذڪر | مڇيءَ جو هڪ قسم. |
| چاڪاسِي: | صفت مذڪر | چڪاس ڪندڙ شهر خبرو خابِرُ مُخبر. |
| چاڪُو: | اسم مذڪر | مڇيءَ جو هڪ قسم (چِلُرن سان، پيٽ سنهون، چاڦُونءَ جي ڦَر وانگر، پُٺ ويڪري ۽ ڊيگهہ هڪ کان چار انچ). (جمع: چاڪُو) |
| چاڪِي: | اسم مذڪر | اهو ماڻهو جو گهاڻو واهي ۽ تيل پِيڙي، تيلِي (چاڪِي ڏاند وڃايا، ڦِر ڦِر گهاڻي آيا). (جمع: چاڪِي) |
| چاڳُ: | اسم مذڪر | ڏاٽِيءَ جو گهنگهرو. (جمع: چاڳَ) |
| چالارُ: | اسم مذڪر | (1) چاڙُهہ (آڏَ، ڪَسيءَ وغيره جو) (2) مٿانهين (3) ٽيڪو (4) پُنيرائي. |
| چامِلو: | صفت مذڪر | چَمر جو ٺهيل (حقو وغيره). (جمع: چامِلا) |
| چانُ: | اسم مذڪر | مڇيءَ جو هڪ قسم (رنگ ڪارو چِلرن سان، ڊيگهہ ٻن فوٽن تائين). (جمع: چانَ) |
| چانپ ڪڏو: | اسم مرڪب | گوڙ ۾ راند، ٽِپو تاڙ ۾ ڪُڏڪارو گهڻو ڪري ٻارن کي فهمائش ڏيندي چئجي. |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| چانيُورتجڻ: | فعل لازمي | (1) جانيوتجڻ (2) رانيوتن ۾ پوڻ. |
| چانپڻ: | فعل متعدي | (1) لتاڙڻ (2) چپڻ (3) پيچاڻڻ (4) چِٽڻ. |
| چانتِ: | اسم مؤنث | ڪنهن سان ڪيل حرڪت، شرارت، چالاڪي. |
| چانٺ: | اسم مؤنث | چانٺِ، دروازي جي چوکٺ جي هيٺين ڪاٺي. (جمع: چانٺون) |
| چانچ: | اسم مؤنث | گهوڙي جي پنڌ جو هڪ قسم (جنهن ۾ گهوڙو ڊانبريندو ويندو آهي ۽ سوارُ هيٺ مٿي ٿيندو ويندو آهي). |
| چانگو: | اسم مذڪر | اُٺُ، جانگهو. (جمع: چانگا) |
| چانوَريو: | اسم مذڪر | اڇي پڇ وارو (جانور). (جمع: چانوريا) |
| چانئُٺ: | اسم مؤنث | دروازي جي چوکٺ جي هيٺين ڪاٺي. (جمع: چانئٺون) |
| چانئِڙ: | اسم مذڪر | وڻ جو هڪ قسم. |
| چاڻِڪ: | اسم مذڪر | طعنو تنڪو ۽ ميهڻو (اهڙو طعنو جو اڳلي کي تمام ڏکيو لڳي). |
| چاهِ: | اسم مؤنث | مڇيءَ جو هڪ قسم. |
| چائين: | اسم مؤنث | چانهه (پکي). چانهه جي رنگ واري |
| چِبِي: | اسم مؤنث | چَبَ، ڪُپت، گِديءِ، چِپي، لالچ. (جمع: چبيُون) |
| چِبڙُ: | صفت مذڪر | (1) چيڙهو چيڙهالو (2) چاهون. ڪاٺ ۾ گهٽا چاپا ڏياريندڙ رهڙي |
| چُبڙٽو: | اسم مذڪر | دڙڪو چِڙپ. (جمع: چُبڙٽا) |
| چَپو: | اسم مذڪر | وَجهه، بهانو مسخري. (جمع: چَپا) |
| چِتالُ: | صفت مذڪر | (1) چِتايلُ (2) پسند ڪيل (3) وڻندڙ ناهوڪو سهڻو. |
| چِتيڙ: | صفت مذڪر | چتين وارو. (جمع: چِتيڙ) |
| چَتورَڻ: | فعل متعدي | ڏُتارڻ، ريبڻ، مِنيُون مِنيُون ڳالهيون ڪرڻ. |
| چِٽِر: | اسم مؤنث | ٽُڪرو ڪنهن ٿانءَ يا شيشي جو ڪو حصو پٽجي پوي ته ان کي "چِٽِر" لهڻ چون. |
| چَٽِر: | اسم مؤنث | مسخري، ٺٺولي. |
| چِٽا: | اسم مذڪر | سِڙهه ويڙهي ان کي جيڪو ڪچو پنڌ ڏين. ڪاري جا ماٺهوان کي چِٽا چون. |
| چِٽاڻو: | اسم مذڪر | (1) چِٽي يا صاف روشني (2) سهائي، چاندوڪي. (جمع: چِٽاڻا) |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| | | جيڪا مڇي مري، تنهن کي "لوهين" چون. ان ۾ چلهڙ جي بدبوءِ ٿئي ٿي. |
| چِلهڻ: | اسم مؤنث | ڇِڪ، گَپ. |
| چَماٽو: | اسم مذڪر | (1) ٽماٽو (2) هڪ ڀاڄيءَ جو قسم. (جمع: چَماٽا) |
| چِمِرڪو: | اسم مذڪر | ڇُهنبڙيءَ ۾ ٿورو حصو آڱرين جي وچ ۾ اچي ٿو پر چمرڪي ۾ گهڻو حصو اچي ٿو. |
| چَمُون: | اسم مؤنث | ڏاچيءَ کي ڳِيِيرڻ ۾ ٿيندڙ هڪ بيماري جنهن ڪان ڏِکي نہ ٿئي). |
| چِندَ: | اسم مؤنث | مڇيءَ جو هڪ قِسم (پُنيءَ تي گهوڙي وانگر ٻُشڪون، پُڇَ جي چوٽي سنهي، ڏند تِکا ۽ ڊيگهہ هڪ ڪان پنج فوٽ). |
| چِندا ڪرڻ: | محاورو | ڪٺونس ڪرڻ. |
| چُنگ: | اسم مؤنث | چُونگ، چوڪَ، ٿورو ذرو. (جمع: چُنگُون) |
| سوٽَڻ: | فعل متعدي | (1) سڃاڻڻ، سِهي ڪرڻ (2) ڳولڻ، لهڻ (3) مکيارو ڪرڻ (4) مقصد سان سڌو ماڳ تي وڃڻ. |
| سوڄَڪي: | اسم مؤنث | هي لفظ سوڄاڳي جي بگڙيل صورت آهي يعني سويري (گهڻو ڪري عورتون ڳالهائين). |
| سوڄهاڪو: | اسم مذڪر | اُجالو. (جمع: سوڄهاڪا) |
| سوچ ڪَرَڻ: | محاورو | طهارت ڪرڻ، صفائي ڪرڻ، اِستنجا ڪرڻ. |
| سوچاڪِي: | اسم مؤنث | (1) ماڪوڙي جهڙو ننڍڙو ڏنگيندڙ جيت، ڏڪهائي، ڏڪراٽي (2) سيڪوئي. (جمع: سوچاڪِيُون) |
| سودو سَلَف: | اسم مرڪب | (1) ريزڪي سيڌو ريزڪي سامان (2) ڪائڻ پيئڻ جي شيءِ خريد ڪيل بازاري شي (3) سيڌو پاڌو. |
| سُوڌلُ: | اسم مذڪر | (1) سِڌو سنئون، سُوڌو درست، ٻجا، صحيح، ٺيڪ (2) سچو سپتيو ايماندار سچار. (جمع: سُوڌلَ) |
| سوڌِلُ: | صفت مذڪر | سودِو دوست، محبوب، يار، دلبر. (جمع: سوڌِلَ) |
| سُوَرَ: | اسم مذڪر | سُوئَر (جانور). (جمع: سُوَرَ) |
| سورانگِڙَ: | اسم مؤنث | سوڙ رضائي، لِحاف. (جمع: سورانگڙُون) |
| سُورايَل: | اسم مذڪر | دردن وارو ڏکن وارو سُوريتو درديلو. (جمع: سُورايَلَ) |
| سُورِتي: | اسم مؤنث | شرط لاٽري، قسمت آزمائي. (جمع: سُورتِيُون) |
| سَورَنيِ: | اسم مؤنث | مزو لطف، ساءُ. (جمع: سَورَنيُون) |
| سُورَڻُ: | اسم مذڪر | چوپائي مال کي ويامڻ وقت ايذاءُ اچڻ، درد ٿيڻ، سُور لڳڻ. (جمع: سُورَڻَ) |
| سورَڻِ: | اسم مؤنث | وارن لاهڻ جو اوزار، پاڪي، اُسترو. (جمع: سورڻِيُون) |
| سُوَرو: | اسم مذڪر | سُبتو ساڄو پاسو سنئون پاسو سُوڌو پاسو ساڄو هٿ. (جمع: سُوَرا) |
| سُورياڻي: | اسم مؤنث | ٻار ڄڻائڻ واري، دائي. (جمع: سُورياڻيُون) |
| سورينڌلُ: | اسم مذڪر | سوريندڙُ ريڙهيندڙُ ريڙهو ڪندڙ سيرو ڪندڙ. |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنیٰ |
|---|---|---|
| | | (5) ٽڪڻ، جاچڻ، ڏسڻ، پَسڻ، نهارڻ (6) ارادو ڪرڻ، نيت ڪرڻ، خيال ڪرڻ، ويچار ڪرڻ (7) اميد ڪرڻ، آسرو ڪرڻ (8) اختيار ڪرڻ، وَسُ ڪرڻ (9) پسند ڪرڻ، قبول ڪرڻ (10) خريداريءَ وقت ڪجھہ رقم اڳواٽ ڏيڻ، سُوٽي ڏيڻ، ٻيانو ڏيڻ، پيشگي ڏيڻ. |
| سُونٽو: | صفت مذڪر | سونهون، واقف، ڄاڻو سُڃاڻو واقفڪار ڀُومو. (جمع: سُونٽا) |
| سَونٽو: | اسم مذڪر | ڏُڪو ڏنڊو سوٽو ٿلهي لٺ، ٻانٽو سؤنو. (جمع: سَونٽا) |
| سَونٽو: | صفت مذڪر | ٿلهو متارو ڏُدَستو منڪو. (جمع: سَونٽا) |
| سَوَنٽِي: | اسم مؤنث | نڪ جو سوراخ، ناڪوٽي، چونٽي، ناس. (جمع: سَوَنٽِيُون) |
| سُونجِڙو: | صفت مذڪر | (1) ڳجهيءَ طرح ملڪيت گڏ ڪندڙ لِڪَ ۾ مايا ميڙيندڙ ڳجھڙو (2) ڪنجوس، مکيچوس، ڇَمچُوس، بخيل (3) واڍڪي اوزار جو هڪ قسم، ننيڙي ڪارائي (4) وڻ جو هڪ قسم، سُڻانجڙو سُهانجڙو. (جمع: سُونجڙا) |
| سُونڊو | | سُهو |
| سَونڄَ: | اسم مؤنث | (1) ٺورو آواز ڀَٽڪار ڀَٽڪاٽ (2) ڪَڙَ. (جمع: سَونڄُون) |
| سُونڊَڻ: | فعل لازمي | واپس اچڻ، وري اچڻ، موٽڻ، ورڻ، موٽي اچڻ، واپسي ڪرڻ. |
| سُونڊو: | اسم مذڪر | پکيءَ جو هڪ قِسم، ڳِجهہ (جمع: سُونڊا) |
| سُونڊِلو: | اسم مذڪر | لَٺِي يا ڄار جي سنهين ڪاٺين مان ٺهيل ڪارو ٺوڪرو ڇبلو ڇبو ڏَلهو ٺُبِٽو. (جمع: سُونڊِلا) |
| سَؤنرو: | صفت مذڪر | (1) چڱو ڀلو تندرست، نيڪ، جوڀُ، ڇاقُ، تازو توانو (2) طاقتور ٻَلِي، زوراوَرُ بهادر (3) هوشائتو هوش ۾ سالِمُ. (ضد: آونرو = ڏنگو). (جمع: سَؤنرا) |
| سُونگِڙي: | اسم مؤنث | ڪپھہ نِڪتل گوگڙو سونگري ڪپھہ جي پوٽي. (جمع: سُونگِڙيُون) |
| سُونگَڻ: | فعل لازمي | (1) سَونگهڻ (2) سِنگهڻ، ٻُوءِ وٺڻ، نَڪَ سان واسُ وٺڻ. |
| سُونگِيءَ ساٽُ: | اسم مذڪر | شاديءَ جي هڪ رسم، گھوٽ ۽ ڪنوار اڳيان دېليءَ رکڻ ۽ ڳائڻ جو هڪ ساٽُ. |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنیٰ |
|---|---|---|
| سونَڻ: | فعل متعدي | (1) سواد وٺڻ. ذائقو وٺڻ. چکڻ (2) فال وٺڻ. سَوڻ ڪرڻ. شگُڻُ ڪرڻ. |
| سُونٺالو: | صفت مذڪر | سرسيرو. وڏيڪ. ٿورو زياده. (جمع: سُونٺالا) |
| سوهَمُ: | اسم مذڪر | ڏک. تڪليف. مصيبت. ڏاکڙو جاکوڙ ڪشالو ڏک. پيڙا. آزارُ. (جمع: سوهَمَ) |
| سُوئِڻُ: | اسم مذڪر | ڪيٽي بندر طرف ٿيندڙ گاهہ جو هڪ قسم. سونهڙ. |
| سوئِڻِي: | اسم مؤنث | تُرّ ۾ سوراخ ڪيڻ جو ڊگهو ڳَزُ. (جمع: سوئِڻِيُون) |
| سُهاڳو: | اسم مذڪر | ڪاٺَ جي تَرُ کي چون جيڪو زمين جي سِڌائي طور ڪم اچي. |
| سُهجاڻِي: | اسم مؤنث | (1) سڃاڻپ (2) نشاني. (جمع: سهجاڻيون) |
| سَهَجو: | صفت مذڪر | سنئون سڌو شِپٽيو ڪار وَهنوار وارو. (جمع: سَهَجا) |
| سَهَڙُ: | اسم مذڪر | (1) سهو خرگوش. سيهڙ (2) سَيهڙ. (جمع: سَهَڙَ) |
| سُهِڙي: | اسم مؤنث | (1) سوپاري ڀڃڻ جو ننڍو اوزار (2) سُئِڙِي. سُونڙي (جمع: سُهڙيُون) |
| سَهَلَڻ: | فعل متعدي | (1) سامت ۾ اچڻ. هوش ۾ اچڻ (2) پاڻ جهلو ٿيڻ. |
| سُهمَن صَدمَن: | اسم مرڪب | ڏکن سُکن. تڪليفن آسانين. |
| سُهو: | اسم مذڪر | هلڪي پوک. نِست پوک. (جمع: سُها) |
| سَهيرو: | صفت مذڪر | (1) وڏو ڪشادو (2) زياده. سَرس. گهڻو (3) افضل. (جمع: سَهيرا) |
| سِيئالُ: | اسم مذڪر | سِيئارُ سِيارُ. (جمع: سِيئالَ) |
| سَيِڃو: | صفت مذڪر | (1) سهنجو سولو (2) سوڌو سئون سڌو سادو غريب (3) ڏيٽي ليٽيءَ جو سوڌو (4) سَيجو. (جمع: سَيِڃا) |
| سَئُنترڻ: | فعل لازمي | سڌرڻ. وَرڻ (بدن ۾) متارو ٿيڻ. |
| سَئُنڪو: | اسم مذڪر | اُبڪو ڊَپ. ڊاءُ. ڏَرُ خوف. هراس. (جمع: سَئُنڪا) |
| سَئو جي سَٿِ ڏنڏي ۾ هَٿِ: | پهاڪو | ڪنهن جي نصيب ۾ قسمت کلڻ جي موقعي تي چئبو آهي. |
| سَئو سانگا ڦوت جا تہ هڪ سانگو موت جو ڪجي: | پهاڪو | زندگي لاءِ پلي هٿ پير هڻجن. پر موت ۽ آخرت جو فڪر بہ ڪرڻ گهرجي. |
| سَئوڙي: | اسم مؤنث | ڪاٺ جي ڏنڊيءَ ننڍي لَٺِ. سَونٽِي. سَوِٽي. ڏانگ |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|

# ش

| | | |
|---|---|---|
| شاڪِرُ: | صفت مذڪر | مُنڊيو مُڪر، پرڪلو (جمع: شاڪِرَ) |
| شال ٻال: | اسم مرڪب | لوئي، کٿو ٻاروڙي |
| شامَ: | اسم مؤنث | جنازي لاءِ ورهايل ڪارڳون. (جمع: شامُون) |
| شامَ ٻامَ: | اسم مرڪب | شام جو وقت، دير سوير، شام واري تقريب. |
| شامور: | صفت مؤنث | سڄي، سموري، ثابت. (ڳابو ڏڳيءَ ڪي شامور پيو ڏاٺي). |
| شانِي شرِيڪ: | اسم مرڪب | مائٽ، عَزيزُ. |
| شانگُولَ: | صفت مذڪر | ڦداوڻ ڊگهو لنبو. (جمع: شانگُولَ) |
| شاهبندر ڦِٽو چوهڙ وُٺو: | چوڻي | شاهبندي جي بربادي ۽ چوهڙ جي آباديءَ جي لاءِ چئبو آهي. |
| شاهَدِ گوُاٽِ (ٻاٽِ): | اسم مرڪب | گواهي ڏيندڙ شاهد. |
| شاهوڙ: | صفت مذڪر | شاهي، وڏو (شاهوڙ نانگ). |
| شپُ: | اسم مذڪر | مُنهن، بوٿ، شڪل. (جمع: شپَ) |
| شپاڪو: | اسم مذڪر | (1) پکيءَ جو هڪ قِسم (2) چاپاڪو. (جمع: شپاڪا) |
| شڏُ: | اسم مذڪر | مٽيءَ جو هڪ قسم (اڪثر نٽُن ۾ ڪم ايندڙ سائي رنگ جو موتي). (جمع: شڏَ) |
| شرو: | اسم مذڪر | هُل، فساد، جهڳڙو جنجال، ڪِتراڳُ. (جمع: شرا) |
| شرو فساد (ٻرو): | اسم مرڪب | جهيڙو جهٽو ڦڏو فساد. |
| شِڪاريءَ جي لاهجي پنهِنجي چاڙهجي: | پهاڪو | شڪارين جي نڪاٽن تي اعتبار نہ ڪجي، پنهنجي مدد پاڻ ڪجي. |
| شَلَ آن (اوهان) ۾ هُجي ٿانءَ ۾ ٿي پوندو: | پهاڪو | ڪا شيءِ موجود هجي، تہ پاڻهي ملي پوندي |
| شوشُ: | اسم مذڪر | شڪ، گُمان، وَسوِسو. (جمع: شوشَ) |
| شُوڪڻ: | فعل متعدي | (1) گهنڊ پائڻ، شوخي سان ڏسڻ، ڪرڙائي سان ڏسڻ، گهُورَ ڪري نهارڻ (2) شُوڪات ڪرڻ (بلا وغيره جو) شُون شُون ڪرڻ، آواز ڪرڻ (3) زور |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| | | سان لنگھڻ، ڏوڪڻ، هَلان ڪرڻ. (پاڻي شوڪيندو اچي). |
| شُونشڻ: | فعل متعدي | سُونگھي ڪا شيءِ لهڻ، ڳولڻ. |
| شُونڪڻ: | فعل متعدي | (1) شونگهڻ (2) بانس ڪرڻ (3) نهارڻ (4) پچا ڪرڻ. |
| شهيدَن ڪي ڪِھڙا غُسُلَ: | چوڻي | چڱن جي چڱائي لاءِ دليل جي ضرورت نہ هوندي آهي. |
| شيءِ شِيگَل: | اسم مرڪب | شيءِ چين وڪر. |
| شِير شڪر: | اسم مرڪب | (1) کير کنڊ، مِٺا موچارا (2) گهَرو هِريل مِريل (3) هَمدم جاني يارُ. |
| شِيرو: | صفت مذڪر | مٺائيءَ جو هڪ قِسم سيرو حلوو. (جمع: شِيرا) |
| شِيڪرجَڻ: | فعل لازمي | (1) ڪاوڙجڻ غصو ڪرڻ (2) ڏند ڪيڙڻ. |
| شِيڪو: | اسم مذڪر | (1) نَفرَت، ڪراهت (2) اجايو ضد (3) بيفائدو هَٺُ (جمع: شِيڪا) |
| شِينهَن جي ڳن مان ڪير مر ڪڍي: | چوڻي | طاقتور ماڻهوءَ کي ڪير چوي يا اشارو ڪري يا ان جي اصلاح ڪري نہ سگھڻ جي موقعي تي چئبو آهي. |
| شِيوهاڪُ: | اسم مذڪر | سنهو لڪڻ، چهبڪ، چابڪ، چابڪ. (جمع: شِيُوهاڪَ) |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|

# ص

| | | |
|---|---|---|
| صُبُحاڻِي: | ظرف زمان | صُبح جو. |
| صُبحاڙِي: | ظرف زمان | صبوح جو. |
| صَبرَ جِني ساڻ اوکي نہ پوي اُنهن کي: | پهاڪو | صبر جي اهميت ظاهر ڪرڻ لاءِ چئبو آهي. |
| صَبران جيڪو مِلي سو ٽڪرّان نہ مِلي: | پهاڪو | صبر جي فائدي ۽ تکڙ جي نقصان کان آگاهہ ڪرڻ لاءِ چئبو آهي. |
| صَدَق سَڙي: | اسم مرڪب | سچ، سُنائي. |
| صلاحَ صُولي: | اسم مرڪب | صلاح مشورو. |

# ض

| | | |
|---|---|---|
| ضَرُورَت زَڙي: | اسم مرڪب | گهرج، ڪپت، طلب. |
| ضَرُوري پڙوري: | اسم مرڪب | گهربل، ڪپت ۾ آيل، طلب ڪيل. |

# ط

| | | |
|---|---|---|
| طاقُ: | اسم مذڪر | ڏنگو پيچرو. (جمع: طاقَ) |
| طائِي عطائِي: | اسم مرڪب | سخي غير سخي. |
| طَبَقُ: | اسم مذڪر | ڏسِ، طرف، پاسو. (جمع: طَبَقَ) |
| طِبو: | اسم مذڪر | علاج، دوا، درمل، ڦڪي، ٻڪي، ٻلو حيلو. (عشق جي آزار جو ويڇن نہ ڪئو تازم طبو). (جمع: طِبا) |
| طبيب طَرّو: | اسم مرڪب | حڪيم، ويج |
| طُرو ٻُرو (مُرو): | اسم مرڪب | چڱو ترهو. |
| طَعنو ٽُنڪو (ميهڻو): | اسم مرڪب | ميهڻو طنز ڪرڻ. |
| طوطو مِينا: | اسم مرڪب | ٻہ پکي. |
| طُهر ٻُهر: | اسم مرڪب | ختنو وغيره. |
| طَيِّب طاهِر: | اسم مرڪب | پاڪ پويتر. |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنئ |
|---|---|---|

# ظ

| | | |
|---|---|---|
| ظُلمِي پلمِي: | اسم مرڪب | ظالم، جابر، ڏاڍو. |
| ظَن گُمان: | اسم مرڪب | وهم، وسوسو. |

# ع

| | | |
|---|---|---|
| عَاجِزه: | اسم مؤنث | عورت، ناري، زال. |
| عالِي مَوالِي: | اسم مرڪب | چڱا خراب، سُنا مَنا. |
| عَجَبُ: | صفت مذڪر | اڳ نہ ڏٺل، نادِرُ نئون، عجيب و غريب. (جمع: عَجَبَ) |
| عَجبِڙِي: | اسم مؤنث | فراسيءَ جي ڇٽن جو هڪ قسم (مهيري). (جمع: عَجبِڙيُون) |
| عَطا: | اسم مؤنث | خدا جي طرفان مليل ڇوٽڪارو معافي. (جمع: عَطائُون) |
| عَقلُ جو تہ ڪاڪو آچار آهِين: | چوٽي | ڪنهن شخص پاران عقل وارو ڪم ڪرڻ جي موقعي تي چئبو آهي. |
| عَلامت: | اسم مؤنث | مصيبت، ڏک، اذيت. |
| عِلَت: | اسم مؤنث | بدعادت، سستي. |
| علَت پلَت: | اسم مرڪب | سبب، بيماري، عذر. |
| عُمَر پُمَر: | اسم مرڪب | جمار، عمر، زندگي جا ڏينهن. |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنیٰ |
|---|---|---|

# غ

| | | |
|---|---|---|
| غُسُلُ: | اسم مذکر | ٽٽ، جهيلاڙو. (جمع: غُسلَ) |
| غَريب ٿِيِ مري، تہ ڪانڌي ويجي ڪونہ ڪو: | پهاڪو | غريب ۽ مفلس جي مدد نہ ڪرڻ جي موقعي تي چئبو آهي. |
| غريب جي آهہ عرش ڏاري (اُپ ڏاري): | پهاڪو | غريب جي بد دعا جي اثر جي اهميت جي موقعي تي چئبو آهي. |
| غريب جي مار خبر نہ ڪا چارَ: | پهاڪو | غريب ۽ مفلس جي سختي جي گهٽ اثر کي ظاهر ڪرڻ لاءِ چيو ويندو آهي. |
| غريب يار تہ الله جي آڌار: | پهاڪو | غريب ۽ مفلس جي صُحبت جو فائدو گهٽ هئڻ جي موقعي تي چئبو آهي. |
| غَشو: | اسم مذکر | ڪنهن کي ٺلهو ڪوڙهٽي ٺاري چڏڻ. |
| غَنيم شَنيم: | اسم مرڪب | ڏاڙيل، چور، لوفر. |
| غُوچاٽِي: | اسم مؤنث | گوندو. (جمع: غُوچاٽِيُون) |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنىٰ |
|---|---|---|

# ف

| | | |
|---|---|---|
| فانُوسُ: | اسمر مذڪر | هَنڊِيہ (جمع: فانُوسَ) |
| فِترو پِترو: | اسمر مرڪب | ڪوڙ سوڙ ڏور بدوڙ. |
| فَترو: | اسمر مذڪر | ڪوڙو الزام مڙهڻ. هي لفظ خاص ڪري ماجر طرف ڳالهائجي. |
| فَچِيتو: | اسمر مذڪر | ڦڏو فساد. (جمع: فَچِيتا) |
| فقيرن پِنَنديہ ڪُتن ڀهندي ورهہ گُذري ويا: | چوڻي | فقيرن ۾ ڪُتن جي حالت نہ بدلجڻ جي موقعي تي چئبو آهي. |
| فَقِيرَن جي ٻار ڪي پنَڻ تي ڪِهڙو شرمَ: | پهاڪو | اولاد پاران والدين جو ڌنڌو جاري رکڻ جي موقعي تي چئبو آهي. |
| فَقِيرَن جي گودڙي پنچَن ۾ بہ پِڌَرِي: | پهاڪو | فقير جي ڳوٿري جي گهٽ اهميت ظاهر ڪرڻ جي موقعي تي چئبو آهي. |
| فَقِيري تہ پوءِ ڪِهڙي فل گِيرِي: | پهاڪو | فقير کي ناز نخرو ۾ وڏائي نہ ڪرڻ جي نصيحت ڪرڻ جي لاءِ چئبو آهي. |
| فقيري فڪر ۾ فاقو تنهن مان ڪُجا چاڻي ڪاڪو: | پهاڪو | فقير جي ڪم ۾ ڌنڌي تي ڪنهن جي نظر نہ هئڻ جي لاءِ چئبو آهي. |
| فَڪرُ فاقو: | اسمر مرڪب | ڳڻتي، سوچ ويچار. |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|

# ڦ

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| ڦَاپ: | اسم مؤنث | رَنبِي، رانبي. (جمع: ڦاپُون) |
| ڦاپوٽي: | اسم مؤنث | ڪاٺ جي ڏاند پڇي ڇپر، ڪاٺ جي ڇيٽي، ڪاٺ جي ننڍي رنبي. (جمع: ڦاپوٽي) |
| ڦَاٽڪ: | اسم مذکر | دَرُ گهٽُ، اوڪار اوڪاس. (جمع: ڦَاٽڪ) |
| ڦاڙَ: | اسم مؤنث | مينهن جو هڪ قسم (جنهن جا سڱ پاسي تي)، ڦاڙِي (سِڱ موڪرا ۽ پاسي تي وريل) ڏهي. (جمع: ڦاڙُون) |
| ڦارِهيو: | اسم مذکر | پٽڪو پَڳ ڦينٽو. (جمع: ڦارِهيا) |
| ڦاري: | اسم مؤنث | سُٽ جي ويڙهي، ڦوري (جمع: ڦارِيُون) |
| ڦارِيو: | اسم مذکر | مٿي تي وَرَ ڏيئي ٻَڌڻ جو ڊگهو ڪپڙو پٽڪو پڳڙ، ڦارهيو ڦينٽو. (جمع: ڦاريا) |
| ڦاڙهو ڄِتي ڪائي، اُوجهہ بہ اُتي ڏئي: | پهاڪو | خطرناڪ شيء جي نقصان جي موقعي تي چئبو آهي. |
| ڦَانجِهروٽو: | اسم مذکر | وڻ جو سنهو سڪل ٽارو ڦينجهو ڇينيو. (جمع: ڦَانجِهروٽا) |
| ڦانڦو: | اسم مذکر | تڪليف، اهنج، ايذاء، درد، ڏاڪڙو. (جمع: ڦانڦا) |
| ڦانُڪ: | صفت مذکر | غريب، محتاج، مسڪين، سچو ڪنل، ڪنگال، مفلس، پينگيو. (جمع: ڦَانُڪ) |
| ڦانهُن: | صفت مذکر | ٺَڪلُ، ڦان. |
| ڦِٽائي نہ ڪِڪ سان متان اُڪامي اڪ ہر پوي: | پهاڪو | ڪنهن بہ معمولي شيء جي اهميت، جي اندازي هُئڻ جي لاء چئبو آهي. |
| ڦَتَڪِجَڻ: | فعل لازمي | (1) نا چڱو ٿيڻ (2) رستي کان باهرَڄڻ، رستي کان تِوائي ٿيڻ، آوَ جهڙ وڃڻ. |
| ڦِٽوهَڙُ: | صفت مذکر | ڦيتاڙُ ڦيٽهَڙُ. |
| ڦِٽيء تي ڏِلَ نہ پنچري: | پهاڪو | خراب ٿي ويل شيء تي ڪوٺيڪس نہ لڳندو آهي. |
| ڦُرِڪ: | اسم مؤنث | هوا جو جهوٽو جهونڪو لهر. (جمع: ڦُرڪُون) |
| ڦِرڪِڙو: | اسم مذکر | (1) واء (2) نمونو ڍول، ريت، ڍنگ (3) ڦِرڪو. (زماني جو ڦرڪڙو اهڙو ڦري ويو آهي جو الامان). |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنیٰ |
|---|---|---|
| | | (جمع: ڦرڪڙا) |
| ڦرڪي: | اسم مؤنث | گهٽي سيءَ سبب ڏکٽي، رڦٽي، هڙڪي. (جمع: ڦرڪيون) |
| ڦرو: | اسم مذڪر | (1) رڃ جي اکين ناهڻ لاءِ سوئي جو هڪ قسم (2) ڪم ايندڙ سوئو. (جمع: ڦرا) |
| ڦروٽ: | اسم مذڪر | ننڍي عمر جو چوپايو (مينهن ڍڳي ٻڪري جو) ڦر. (جمع: ڦروٽ) |
| ڦروڙي: | اسم مؤنث | ننڍو ڦٽ، ڦرڙي (جمع: ڦروڙيون) |
| ڦروسي: | اسم مؤنث | ٻلي، ڦوسڙي. (جمع: ڦروسيون) |
| ڦرهوڙي: | اسم مؤنث | (1) ڦرڙي، ڦروڙي (2) ڦوڙي (جمع: ڦرهوڙيون) |
| ڦرئي ڪان پوءِ ڏپ ڪونهي، لٽي ڪان پوءِ آوير ڪانهي: | پهاڪو | نقصان ٿي وڃڻ کان پوءِ سڄ لهي وڃڻ ڪانپوءِ افسوس ڪرڻ اجايو هوندو آهي. |
| ڦريو: | اسم مذڪر | ٻهارو. (جمع: ڦريا) |
| ڦڙدوايو: | صفت مذڪر | (1) ڳالهہ مخفي نہ رکي سگهندڙ وات ڦاڙوڙو (2) آوايو. (جمع: ڦڙدوايا) |
| ڦڙڪو: | اسم مذڪر | گهوڙي جي نڪ مان ڦر ڦر جو ڪيل آواز ڦونگارو. (جمع: ڦڙڪا) |
| ڦڙڪو: | اسم مذڪر | پٽڪو ڦينٽو. (جمع: ڦڙڪا) |
| ڦڙڪو لاهڻ: | محاورو | (1) دڙڪو لاهڻ، ڏپ لاهڻ (2) ليکو چوکو چڪتو ڪرڻ. |
| ڦڙهہ: | اسم مؤنث | ڌڪ، سٽ، ضرب، چوٽ. (جمع: ڦڙهون) |
| ڦسو: | صفت مذڪر | بي همت (گار آهي). |
| ڦش: | اسم مذڪر | تورو ياڳُو زرو تڪرو توتو. (جمع: ڦش) |
| ڦشڪار: | اسم مؤنث | ٻليءَ کي هڪلڻ جو آواز هش. (جمع: ڦشڪارون) |
| ڦڪرو: | صفت مذڪر | تازو ساجو چاڪ. (جمع: ڦڪرا) |
| ڦڪرو: | صفت مذڪر | سخت (پيت) (ضد: پتڙو). |
| ڦڪري: | اسم مؤنث | مڱن جي اُها دال جيڪا خُشڪ رڌي وڃي. |
| ڦڪريو: | اسم مذڪر | چوپاين جانورن جي بيماريءَ جو هڪ قسم (جنهن ۾ ڳئون، مينهن جا ٿڻ سُڪي ويندا آهن ۽ کير ڏيڻ بند ڪري ڇڏين). |
| ڦڪڙي: | اسم مؤنث | بيعزتيءَ جهڙي صورتحال پيدا ڪرڻ، هرويرو ڪنهن لاءِ مشڪلات پيدا ڪرڻ، غير مناسب |

| مکيه لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| لِيلِڙو: | صفت مذڪر | تمام سنهو سنهڙو. (جمع: لِيلِڙا) |
| ليلُ: | اسم مذڪر | وڏو ٿالهه، وڏي پاٽ، ٿيلهه (جمع: ليلَ) |
| لِينڪارِي: | اسم مؤنث | ٿيڪاري، لومڙي (جمع: لينڪارِيُون) |
| ليئي: | اسم مؤنث | پوک ۾ ويهي پکين هڪلڻ لاءِ ٺاهيل چنو ٻيهِي، ٻيهو. (جمع: ليئيُون) |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنیٰ |
|---|---|---|

# ق

| | | |
|---|---|---|
| قالُ: | اسم مذڪر | (1) ڳالهائڻ (2) خدا تعاليٰ جو قول يا ڪلام. (جمع: قالَ) |
| قالبُ: | اسم مذڪر | جتين ٺاهڻ لاءِ لوهہ يا ڪاٺ جو ماپو بدن، جسم، بُت. (جمع: قالِبَ) |
| قالِي: | اسم مؤنث | جبل. |
| قبضو: | اسم مذڪر | ڪمان جو هٿيو يا مُٺ. (جمع: قبضَا) |
| قَدامُ: | اسم مذڪر | (1) جهونائي (2) قدم، پرانگهون. (جمع: قَدامَ) |
| قَدَحُ: | اسم مذڪر | وڏو وٽو جنگو. (جمع: قدَحَ) |
| قَرارُ: | صفت مذڪر | زور وارو ڪراڙو زبردست، غالب. |
| قُربُ ڪارِي: | اسم مؤنث | قربداري، اثرائتي محبت، پوري پوري محبت. |
| قُرصُ: | اسم مذڪر | سج يا چنڊ جي ٽڪي. (جمع: قُرصَ) |
| قَرضُ بي غَرَضُ آهي: | چوٽي | قرض يا اڌار جو ڪو فائدو نہ هوندو آهي. |
| قَرِينو: | اسم مذڪر | (1) ويجهائي، نزديڪي (2) پيار پريت، محبت (3) عزازت، قرابت (4) وڙ احسان، پلائي، ٽورو. (جمع: قَرِينَا) |
| قِصاصُ: | اسم مذڪر | چٽي، ڏنڊ. (جمع: قِصاصَ) |
| قَصرَ ڪوٽُ: | اسم مرڪب | قلعو محل، ماڙي. |
| قَضا قُدرَتُ: | اسم مرڪب | طاقت، قدرت، نصيب، قسمت. |
| قَضِيو: | اسم مذڪر | واقعو واردات، جيڪي ٿي گذريو. (جمع: قَضِيا) |
| قَطِيفِي: | اسم مؤنث | عمدي ڪپڙي جو هڪ قسم، اطلس، بخمل. (جمع: قَطِيفِيُون) |
| قَناتُ: | اسم مؤنث | طنبوءَ جو پردو. (جمع: قَناتُون) |
| قَندِيلُ: | اسم مذڪر | ڪِشتو ڪچڪول، ڪشڪول، زنبيلُ. (جمع: قَندِيلَ) |
| قُوتُ: | اسم مذڪر | گذران، کاڌو پيتو هر ڀر گهوبي يا چوني جي ڳن پوڻ وارو سوراخ، ڪوٺُ. (جمع: قُوتَ) |
| قُوت قَرار: | اسم مرڪب | کاڌو پيتو کاڌو خوراڪ، کاڌوءِ نڪاٽو. |
| قَوص قَزَحَ: | اسم مرڪب | اندلٺ ڏانگڙو. |
| قَهرَ نہ ڪر پيٖن جي | چوٽي | ڪنهن معصوم شيءِ جي جبر ۽ ڏاڍ نہ ڪرڻ جي |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنیٰ |
|---|---|---|
| نکِري آهي: | | لاءِ چئبو آهي. |
| قَهِري: | صفت مذڪر | معشوق. (جمع: قَهري) |
| قَيصرَ: | اسم مذڪر | جانورن جو بادشاھہ (شينهن)، شير. (جمع: قَيصرَ) |
| قِيلَ مقالَ: | اسم مرڪب | (1) گفتگو (2) ڳالهہ ٻولهہ (3) بات چيت (4) ريجهہ رهاڻ (5) رد ڪدُ، بحث. |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| ڪاڳر: | اسم مذڪر | ڪاغذ. |
| ڪالَ: | ظرف زمان | ڪالهہ |
| ڪالُوڙو: | اسم مذڪر | ڪاٺ جي وڏي پاٽ، پاتوڙو. (جمع: ڪالُوڙا) |
| ڪالوٺو: | ظرف زمان | ڪالهوڪو. |
| ڪامُر گنجا: | اسم خاص | ڳاڙهن چانورن جو هڪ قسم. |
| ڪامِي ڪُڙمي: | اسم مرڪب | هاري مزدور، هاري ناري |
| ڪاميٺُ: | اسم مذڪر | رڇ جو هڪ عضوو. (جمع: ڪاميٺ) |
| ڪاميٽِ: | اسم مذڪر | جلا وطني، شهر نيڪالي. (جمع: ڪاميٽ) |
| ڪاميٽِڪيو: | اسم مذڪر | بي شرم، بي حيا، بي ديدو. (جمع: ڪاميٽِڪيا) |
| ڪانبَ: | اسم مؤنث | واهڻ جي تري مان ڪاڏل ڪپ، واهي جي وانجهري ڪنڊ، ڪسي جو ڪاڏل اندريون ڪنارو. (جمع: ڪانبُون) |
| ڪانٽِريو: | اسم مذڪر | (1) ڪاري جي ٻيڙيءَ جو هڪ عضوو (2) ٻيڙيءَ جي پويان ٿلهي وٽ، پاٽيءَ جي آڏ واري طرف وارو حصو. (جمع: ڪانٽِريا) |
| ڪانٽو: | اسم مذڪر | (1) ريل گاڏيءَ جي پٽي جي جوڙ جو نشان، ريلوي لائين جي گڏجڻ جو هنڌ (2) چور، ڪاٽڪو. (جمع: ڪانٽا) |
| ڪانجهانِي: | اسم مؤنث | رَسَوَلَ، مصري ۾ اَمَلَ ڪي گڏي ٺاهيل اکين جو دَپُ، اکين جو ڦڙو. |
| ڪانجهو: | صفت مذڪر | ڪنجهي مان ٺهيل ٿانءُ، ڪنجهي وارو ٿانءُ، پسيءَ جو ٿانءُ. (ان پٽن منجهہ پئي، تي ڪٽڪيس ڪانجهي رَڇ جيئن). (جمع: ڪانجها) |
| ڪانڊو: | اسم مذڪر | (1) سَرهو بهتر، بهترين (2) ڪرائي (3) سگهو، زور وارو همٿ ڀريو. (جمع: ڪانڊا) |
| ڪانڊيرو: | اسم مذڪر | نوڙيءَ ۾ ڪنڊن مان ڦَر لاءِ ٿُوري ناهڻ، جئن ڏائي نہ سگهي. |
| ڪانڊَڻ: | فعل متعدي | (1) شادي وغيره جي مقرر تاريخ لاءِ سڏڻ، دعوت ڏيڻ، ڪونڊ، نينڊَ ڏيڻ، دعوت مُڪائڻ (2) ڪم ڪار لاءِ سڏڻ. |
| ڪانڙو: | اسم مذڪر | ٻڪريءَ جو بلڪل ننڍو ڦر. (جمع: ڪانڙا) |
| ڪانڙي: | اسم مؤنث | پرت جو هڪ قسم. |
| ڪانگڙَ: | اسم مذڪر | ناڙي واري زمين، هڪ فصل ڪٽي وري انهي زمين ۾ پٺي پوڪيل فصل تي پيل ڏِلَ. (جمع: ڪانگڙَ) |
| ڪانگِٽِي: | اسم مؤنث | وَل جو هڪ قسم رتي. (جمع: ڪانگِٽِيُون) |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| ڪانھيو: | اسم مذڪر | ڇڙو اڪيلو هيڪلو. (جمع: ڪانھيا) |
| ڪانوري: | اسم مؤنث | ڳئون جي رنگ جو هڪ قسم (پيلي رنگ ڪان وري ڳاڙهي رنگ تي آيل). (جمع: ڪانوريون) |
| ڪانيرڻ: | اسم مؤنث | ڪاٺ ۾ تمام ننڍا سوراخ ڪندڙ ڪاٺ جي رنبيءَ جو هڪ قسم. واڍڪي اوزار جو هڪ قسم. (جمع: ڪانيرڻيون) |
| ڪانيھو: | اسم مذڪر | قاصد. پيامبر. پيغام پهچائيندڙ پيغامي. نياپو رسائيندڙ ٽپالي. (جمع: ڪانيھا) |
| ڪاٺاھ: | اسم مذڪر | تيل وغيره تپائڻ لاءِ لوھ جو وڏو ٿانءُ. وڏي ٽئي. ڪڙهو ڪڙاھ. (جمع: ڪاٺاھا) |
| ڪاوڙو: | اسم مذڪر | محنت. تڪليف. سور. درد. ڪشالو جاکوڙو ڏاکڙو. (جمع: ڪاوڙا) |
| ڪاهي ٽڪيو: | اسم مذڪر | (1) بداخلاق. بي حيا. بي شرم. نِرڄو بي لڄو (2) بيڪار بيڪمو نڪارُ نِڪمو اجايو رائيگانُ. |
| ڪائو: | اسم مذڪر | پاڻيءَ جي ڇڇڻ واري حالت. پاڻيءَ جي لاٽ. |
| ڪائينَلُ: | اسم مذڪر | هڪ پکيءَ جو نالو. (جمع: ڪائينَلَ) |
| ڪپ: | اسم مؤنث | (1) بهانو ٺارو عُذرُ (2) نٽ نٽاءُ. گَس گُساءُ. گوٺنات (3) ڏپ. ڀؤ خطرو. (جمع: ڪپون) |
| ڪپو: | اسم مذڪر | پاڙو ٺورو ڪسارو. (کوھ تازو ٻڌل آهي. انهيءَ ڪري پاڻي ڪپو ٿي پيو آهي). (جمع: ڪپا) |
| ڪپوهڙي: | اسم مؤنث | گھڻن رنگن واري. چتڪبري. چِتڪمري. رنگين. (جمع: ڪپوهڙيون) |
| ڪِتِ: | اسم مؤنث | (1) بدن تي نڪتل سنها پورا وار (2) راءِ جا داڻا داڻا (3) بدن کي کائيندڙ ذرڙا. ننڍڙي زهريلي جيت جو هڪ قسم. مڇر جو هڪ قسم. (جمع: ڪِتون) |
| ڪِتِ ڪِتِ ڪرڻ: | محاورو | (1) ڪِتڪِتاڙي ڪرڻ. گُدگُدي ڪرڻ (2) ڪنهن جانور جون رڳو ٽنگون آهستي آهستي زمين تان گھلڻ. |
| ڪٽ: | اسم مذڪر | زمين ۾ ڪوڏر وغيره سان ڏڪ ڏڪ هٽي نشان ڪري ڇڏڻ. ڏاڙهيءَ جا ڪٽ وٺائڻ. |
| ڪُتِ: | اسم مؤنث | سنها جيت. جيڪي چڪ پائين. |
| ڪتِ: | اسم مؤنث | ڪُتيءَ ۾ لڳ جي خواهش. |
| ڪُتائو: | صفت مذڪر | ڪتن جو وڃايل. |
| ڪُترِڪو: | اسم مذڪر | بي ڏِوَلو بدشڪلُ بڇڙو بدصورت. (جمع: |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنیٰ |
|---|---|---|
| | | ڪتِرِڪا) |
| ڪتِرو: | اسم مذڪر | رَڃ جو نالو جيڪو وڏين مڇين مارڻ جو وڏي ۾ وڏو رَڃ جنهن کي چاليهہ پنجاهہ ماڻهو ڇڪين. |
| ڪتِريو: | اسم مذڪر | ڪڙهي جو پيرُ، سَنجو. (جمع: ڪتِريا) |
| ڪتولي: | اسم مؤنث | تمام ننڍڙي ننڍي چوٽي. (جمع: ڪتوليُون) |
| ڪتي محمد خان مختيارڪار ڪتي مڙن جي دال: | پهاڪو | ڪنهن ماڻهوءَ جي اچانڪ ترقيءَ جي حوالي سان چيو ويندو آهي. |
| ڪٽُ: | اسم مذڪر | پپر جي پوريءَ جو رنگ (جمع: ڪٽَ) |
| ڪِٽ ڪُميٽُ: | اسم مذڪر | بداخلاق، بدلچڻ، واهيات، بي فضيلتو. |
| ڪٽا: | اسم مؤنث | رهڻ جي جاءِ، جهوپڙي، ڪکائين جاءِ، پونگي، گهر. (جمع: ڪٽائُون) |
| ڪٽَرَ پوڻ: | محاورو | دل ۾ غير اچڻ، ويڇو پوڻ، شڪ پوڻ. |
| ڪِٽِڪ: | اسم مؤنث | ٻن لارن سان ننڍڙو ميٽر، گهنڊٽي، ڇڙيءِ ٽلي. (جمع: ڪِٽِڪُون) |
| ڪٽَنَ ڪوٽار: | اسم مرڪب | |
| ڪٽو: | صفت مذڪر | (1) دِل تي ڪٽ چڙهيل (ماڻهو)، ڪافر، سخت، پڪو رُڪُ، ڪاري رنگ جهڙو ڪارو (2) صفا، بنهين، ماڳهين. (جمع: ڪٽا) |
| ڪٽورو: | اسم مذڪر | جَمڻُ، جنگو. (جمع: ڪٽورا) |
| ڪِٽوڙو: | اسم مذڪر | لوهہ کي ڳارڻ وقت ڪوري جي ٽري ۾ مٽي سان پڌجي ويل ڪِٽُ، ڪٽُ، ڪٽس، زَنگ، زنگارُ. (جمع: ڪِٽوڙا) |
| ڪٽي: | اسم مؤنث | ناسازي، جدائي، ڪلفت، قطع تعلقات، اٽبٽُ، غصو چڙ، ناراضگي. |
| ڪٽيُون ڪائڻ: | محاورو | (1) ڪاوڙ ڪرڻ (2) رهيل مٽي، آخرُ، ٽرو (3) ڪارخاني يا گهر ۾ پاڇي ڪيل، ناٽو بچت. |
| ڪٽ: | اسم مؤنث | نڙءِ الغوزن جي هڪ ڦوڪ. |
| ڪٽارُ: | صفت مذڪر | (1) وڏو (2) طاقت وَرُ زبردست، جبرو طاقتمند. (جمع: ڪٽارَ) |
| ڪلِمنائي: | اسم مؤنث | گهٽتائي، اٽاٽ، ڪوٽ، قلت، لاٽ، لاچاري (جمع: ڪلِمنائيُون) |
| ڪَلرُ: | اسم مذڪر | غيرآباد ملڪ، سُڃو ويرانُ، برپٽ، پوٺو بيابان. (جمع: ڪلرَ) |

| مکيه لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| | | (جمع: ڪِڏي) |
| ڪُرُ: | اسم مذڪر | دُرَ. (جمع: ڪُرَ) |
| ڪُرِ: | اسم مؤنث | (1) جاءِ (2) ڪنڊ. (جمع: ڪُرُون) |
| ڪِرِ: | اسم مؤنث | (1) چُلهه جي مٽي، راک، ڦليان ڪيري، رَکَ، خاڪ، ڇاڻ ڦلهير (2) مٽيءَ جي داڻ داڻ، ڳُئا ڪِر. (جمع: ڪِرُون) |
| ڪَرَ: | اسم مؤنث | منگر مڇيءَ جو هڪ قسم (بدن ڪارو رڀئي جيڏا ڪارا ٽڪا، منهن گول، ڏند تکا، اکيون وڏيون، گوشت بي ڪمو جيري مان گهڻو تيل نڪري جو بيڙين کي هڻڻ لاءِ ڪم اچي، قد 12 فوٽ پڻ مٿي). (جمع: ڪَرون) |
| ڪَرَ: | اسم مؤنث | وڻن جي قطار. (جمع: ڪَرون) |
| ڪَراٽ: | اسم مذڪر | آڇن ۾ ڪارن وارن وارو ماڻهو ڪرڙاٽ، ڪرڙوڏ، اڏڙوٽ. (جمع: ڪَراٽ) |
| ڪَراڙي: | اسم مؤنث | گوڏي ۾ ڏِڏِ جي وچوارو هڏو. (جمع: ڪَراڙِيُون) |
| ڪِراني: | اسم مؤنث | (1) ٽانڊين تي پچايل ماني (جنهن ۾ آڱرين سان سوراخ ڪجن) (2) ڪوڪِي، روٽلو ڍوڍو روٽ. (جمع: ڪرانيُون) |
| ڪُرباڻِ: | فعل متعدي | ناپسند ڪرڻ، ڪيبائڻ. |
| ڪَرپُ: | اسم مذڪر | تکو ڏند، نيشُ. (جمع: ڪَرپَ) |
| ڪِرٽ: | اسم مؤنث | خوش طبعي، کل ڀوڳ، چرچو مذاق، ڀوڳ. (جمع: ڪِرِٽُون) |
| ڪرٽڻ: | فعل متعدي | خوش طبعي واري ويڙهه ڪرڻ، وڙهڻ، مذاق ۾ وڙهڻ. |
| ڪِرِچڙي: | اسم مذڪر | فراسيءَ جي چِٽن جو هڪ قسم. (جمع: ڪِرِچڙيُون) |
| ڪُرَڇٽ: | اسم مؤنث | سُڪي زمين ۾ سارين جي ٻجَ جي ڇٽ، ڪوراڙ ڪوڙ (پوءِ مٿان پاڻي ڏبو آهي). (جمع: ڪُرَڇَٽُون) |
| ڪُر ڇَٽ: | اسم مؤنث | پاڻي نه هئڻ جي صورت ۾ هاري سُڪي زمين کي کيڙي ان ۾ ٻج ڇٽين ان کي ڪُرڇٽ چون. |
| ڪَرَڙ: | اسم مذڪر | ٻاجهري ۾ ڪٽڪ اڏو اڏ، ڳاڏڙ ڳڏ (ضد: نِجُ). (جمع: ڪَرَڙ) |
| ڪُرِسَ: | اسم مؤنث | (1) ٻيڙيءَ کي ٻڌڻ جي ڪاٺي (2) ٿر جي ماڻهن جي هڪ رسم، شادي يا ڄڃَ جي وقت پاڻي ڀيل ۾ مٿان |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنیٰ |
|---|---|---|
| کِکِراٽ: | اسم مذکر | ڪيڪڙاٽ، ڪِيڪَ، رَڙ دانهن، گُوڪَ، ٻاڪاڻ واڪو رِيهہ، چنگهاڙَ (جمع: کِکراٽ) |
| کِکِرَڻ: | فعل لازمي | اٽڪڻ، ڦاسڻ، روڪجڻ، رنڊجڻ، ٻڌجڻ (پاڻي کَسِي ۾ کِکِري پيو جو پوري ڪاٽي ڪنيل نہ هُئِي). |
| کِکِرٽي: | اسم مؤنث | ڏاندن جا ڏندا تکي ڪرڻ جو رُڪَ جو اوزارُ رواتي، سُونهڻ، تڪوري (جمع: کِکِرٽيُون) |
| کُکِرو: | اسم مذکر | آڏَ، نائڪو (جمع: کُکِرا) |
| کِکِرو: | اسم مذکر | (1) پٿر جي پورَ سنگرين پٿري پٿَر، رُهڙي، رائو سنهي پهڻي، اُپو (2) زمين ۾ ايترو اونهو نہ ويندڙ هَرُ، مُڏهَرُ، زمين ۾ چڱي طرح نہ ويندڙ هَرُ. (جمع: کِکِرا) |
| کُکِري: | اسم مؤنث | بيل گاڏيءَ جو هڪ عضوو ڏاند ٻڌڻ وٽ ڏورٽن جي پچاڙيءَ ۾ وِڏل ننڍي چهنبدار ڪاٺي، سَلِي. (جمع: کُکِريُون) |
| کُکڙ ڏُکڙ: | اسم مرڪب | ڪنڪريون، پٿر پتر. |
| کِکولو: | اسم مذکر | انب جي کِکڙي، ڪورَ. (جمع: کِکولا) |
| کَکُ: | اسم مذکر | بيماريءَ جو هڪ قسم (بدن تي سوڄ ۽ ڦُرڙيون تي پوَن ۽ رڳو گند وهي). (جمع: کَکَ) |
| کُکَر: | اسم مؤنث | مڇيءَ جو هڪ قسم. |
| کُلاٽا: | اسم مؤنث | (1) راند (2) حملو ڪاهہ، جُلهہ |
| کلانبو: | اسم مذکر | (1) گهمرو ڦيرو دفعو پيرو (2) ورزش جو هڪ رڪن، پيچريءَ کي سنئين چڪَ هيٺان مٿي کٽي وري هيٺ ڪِرڻ واري حالت. (جمع: کلانبا) |
| کِلائِڻ: | فعل متعدي | سارين ۽ چانورن کي ڇڄ سان ڇَنڊي ڏار ڪرڻ. |
| کلائِڻ: | فعل متعدي | وهنجارڻ، سنان ڪرائڻ، تڙُ ڪرائڻ. |
| کلڙو: | اسم مذکر | ننڍو ٻچو معصوم ٻار ابهَمُ ٻارڙو گينگو صغير، ٻالڪ، کلهو. (جمع: کلڙا) |
| کلِفڻ: | فعل متعدي | (1) کلف ڏيڻ، شوخ ڪرڻ، ڪڙڪ ڪرڻ، ڪڙڪيدار ڪرڻ، ٿاٺ ڪرڻ، آهرڻ، سخت ڪرڻ، پيڻ ڏيڻ (ڪپڙي وغيره کي) (2) رنگڻ، رنگ ڏيڻ. |
| کلَڻ: | فعل متعدي | (1) وهنجڻ، غسل ڪرڻ، سنان ڪرڻ، تڙ ڪرڻ، مٿو ڌوئڻ. (اٽي کي) اٽلائڻ، مارڻ، ڳوهڻ، کلَ ڏيڻ، مِٽيءَ کي ڳوهي پُوريءَ سختيءَ تي پهچائڻ، ڪنير |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| | | حِصو. (3) ڪُنڊِ، ڪُڙڇ. (جمع: ڪوڪِيُون) |
| ڪولَ: | اسم مذڪر | فراسيءَ جي ڇٽن جو هڪ قسم. |
| ڪولانبو: | اسم مذڪر | وارو ڦيرو، گهمرو، چڪر، وار. (جمع: ڪولانبا) |
| ڪولهو: | اسم مذڪر | (1) ڪَنُ وڍيل، ٻُتو ڪُرو (2) ڪُلهو ڪيڍي هلندڙ (مرد). (جمع: ڪولها) |
| ڪولُو: | اسم مذڪر | ڪن ڪپيل يا ڪن وڍيل جانور، ڪُرو. (جمع: ڪولُو) |
| ڪُوماٽ: | اسم مؤنث | گُلن وغيره جي ڪومائجڻ واري حالت. (جمع: ڪُوماٽُون) |
| ڪُونتَلُ: | اسم مذڪر | بنا لغام جي وَهٽُ. (جمع: ڪُونتَلَ) |
| ڪُونٽِ: | اسم مؤنث | ماٺهو يا ڏِڳيءَ جي ڪياڙي |
| ڪُونٽو: | صفت مذڪر | بنا سِڱن جي وِهٽ، موڙو. (جمع: ڪُونٽا) |
| ڪُونڇِي: | اسم مؤنث | پرت جو هڪ قسم. (جمع: ڪُونڇِيُون) |
| ڪُونڇلو: | اسم مؤنث | ڇِٻو ڦِڏو. (جمع: ڪُونڇلا) |
| ڪُونڙ: | اسم مذڪر | تيل وجهڻ جو برتن، تيلاتي. (جمع: ڪُونڙ) |
| ڪونهي مُڙس مُلڪ ۾ ٿڏهن وانڍِيُون ٽيون وَس چَرن: | پهاڪو | ڪنهن سرزمين ۾ نيچ ماڻهن پاران اختيار استعمال ڪرڻ جي حوالي سان چئبو آهي. |
| ڪُونئرو: | صفت مذڪر | (1) نرم (2) ڪو ماڻهو ضد ڇڏي پوري پير تي اچي تہ چون: هاڻي ڪونئرو ٿيو آهي. |
| ڪُونئِل: | اسم مؤنث | رَسالِ، نرم زمين. |
| ڪُونئِي: | اسم مذڪر | مڇيءَ جو هڪ قسم. |
| ڪوهَڙُ: | اسم مذڪر | ڪوهہ جي منهن تي پوڻ ڪي جهلڻ لاءِ لڳل پسانگي ڪاني. (جمع: ڪوهَڙَ) |
| ڪُهڪاءُ: | اسم مذڪر | ڪُهڪُ، ايذاءُ، ڪهل، خيال، ويچار. (جمع: ڪُهڪاءَ) |
| ڪُهلجَڻ: | فعل لازمي | ڪاوڙجڻ، ناراض ٿيڻ، ڏمرجڻ. |
| ڪُهَمَڪَ: | اسم مؤنث | (1) اُبهرائي، تڪڙ، وٽ پڪڙ، تاهوت، آترويلا، ڪاهہ، جُلهہ، رومڙ، حَملو (2) زبردستي. (جمع: ڪُهَمَڪُون) |
| ڪُهَڻُ: | اسم مذڪر | اُٺ جي بيماريءَ جو هڪ قسم، اُٺ کي ڪنڌ ۾ تيل ڳنڍيو يا ڳوڙهو. |
| ڪُهِہ: | اسم مؤنث | (1) مڪڙن جا بي شمار ٻچا (جي اُڏامي نہ سگهن) (2) اثر، تاثير. |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| ڪهو: | اسم مذڪر | (1) ننڍڙو ٻچڙو ڪلهو پهو (2) ٻير جي وڻ جي پهرئين ٻورَ ۾ ٻيٺل سنهڙا پلڙا (3) وٽ ڏنل ۽ اڳڙي وغيره سان صاف ڪيل سُٽُ. (جمع: ڪها) |
| ڪهُون: | اسم مؤنث | اڳٽ، ناڙو ڪمربند. (جمع: ڪهُون) |
| ڪهيو: | اسم مذڪر | پيغام، سنيهو نياپو. (جمع: ڪهِيا) |
| ڪئين: | اسم مذڪر | ڪيڪڙو. |
| ڪئُنڪاٽُ: | اسم مذڪر | ڪُتي کي ڌڪ لڳڻ تي ايذاءُ کان ڪيل آواز ڪيڪڙاٽُ، ڪئُون ڪئُون، ٻئُن ٻئُن. (جمع: ڪئُنڪاٽُ) |
| ڪيچِڙ: | اسم مؤنث | گهٽ، گهٽائي، زيادتي، جَهجهائي. |
| ڪِيرُو: | اسم مذڪر | دريائي مڇي. (جمع: ڪِيرؤ) |
| ڪِيسَ قَهرَ: | اسم مرڪب | ظلم، جبر، ڏاڍ. |
| ڪيسِريو: | اسم مذڪر | (1) زعفراني رنگ تي شاديءَ جو ڪپڙو (2) گهوٽُ، وَنو دولهو. (ڪيسِريئي جو لايو ٽيو سجايو البيلو لاڏلو آيو). (جمع: ڪيسِريا) |
| ڪِيڪِراڻِي: | اسم مؤنث | سنهي آواز سان رڙ ڪِيڪ، ڪِيڪڙاٽ، چيڪاٽُ، ڪِيڪاٽُ. (جمع: ڪِيڪراڻِيُون) |
| ڪِيلِي: | اسم مؤنث | چار يا ٽِم جي پٽن مان ٺاهيل ملم جو هڪ قسم. (جمع: ڪِيلِيُون) |
| ڪِينارو: | اسم مذڪر | ڍنڍ جي پکيءَ جو هڪ قسم. (جمع: ڪِينارا) |
| ڪِينجَهر: | اسم مؤنث | ڪنهن شئي جي گهٽائي. (شڪر آهي ڪير ۽ آن جا ڪينجهر لڳا پيا آهن). |
| ڪينرو: | اسم مذڪر | ساز جو هڪ قسم، سُرندو. (تون سپڙ آءُ سيڪڙو تون ڏاتار آءُ ڏُڏَ. سُٽِي تنهن جو سڏ. ڪُلهي پاتم ڪينرو). (جمع: ڪينرا) |
| ڪِيٽاڻِي: | اسم مؤنث | ڍنڍ جي پکيءَ جو هڪ قسم. |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنیٰ |
|---|---|---|

# ک

| مکيہ لفظ | گرامر | معنیٰ |
|---|---|---|
| کاپ: | اسم مؤنث | (1) پٽکي جو ٻلاند کاڏيءَ هيٺان ورائي ٻڌل (2) هَرِنهِن ۾ ڪُتِرهہ (هَرُ) مضبوط ڪرڻ لاءِ چَپَر، ڄاڙي (جمع: کاپُون) |
| کاپَ ٻڌَڻ: | محاورو | پٽکي جو ٻلاند کاڏيءَ هيٺان ورائي ٻڌڻ، ٻوڪاني ٻڌڻ. |
| کاپاڙَڻُ: | فعل متعدي | خراب ڪرڻ (خاص طور زمين ۾ مال چَرائي ڪري تہ ان وقت چون). |
| کاٽ: | اسم مذڪر | گهر ڀڃي، کوٽي چوري ڪرڻ. |
| کاٽائو: | صفت مذڪر | کٽي کارائيندڙ (کاٽائو پُٽَ). |
| کاٽِيو: | اسم مذڪر | ٽومالو. (جمع: کاٽِيا) |
| کاڄ: | صفت مذڪر | گهٽ، کانچ. (جمع: کاڄ) |
| کاڏَڻ: | فعل متعدي | چپ جهلي چوپائي کي اوت ڏيڻ. |
| کارِ: | اسم مؤنث | لاٽي جي ٻوٽي کي ٿهڪائي اُن مان کار ٺاهين جيڪا ڪپڙن ڌوئڻ جي ڪم اچي. |
| کارائِي: | صفت مذڪر | کاري جو کاري جو رَهاڪو. (جمع: کارائِي) |
| کارو لِٽو ڳاڙهو وُٺو: | چوٽي | کاري جي برباديءَ ۾ ڳاڙهي جي آبادي جي حوالي سان چئبو آهي. |
| کاروکو: | اسم مذڪر | (1) ڍنڍ جي شڪار وارن پکين مان بدڪن جو هڪ قسم، بدڪن جي هڪڙي جنس (2) کُومُو. |
| کاري ٽيڻ: | محاورو | خار رکڻ، دشمني رکڻ (ڪو ماٺهو ڪُتي کي ٻانڌو اُلاري ۾ ڪتو ان کي جڏهن بہ ڏسي تہ ڀهڪي، ان وقت چون تہ ڪُتو هن سان کاري ٽيو آهي). |
| کاسارو: | صفت مذڪر | (1) اجايو ڪم (2) جنهن ۾ هٿ وجهي ڦاسي وڃجي. |
| کاسوڙو: | اسم مذڪر | وهٽ جو ڪنهن وڻ سان بدن جي گهڻ جي حالت، مُرڙشُرڙ پايورو. (جمع: کاسوڙا) |
| کامَ پَچَ: | اسم مرڪب | ساڙ حسد، پچڻ پچرڻ. |
| کامَ کوسڙو: | صفت مذڪر | حاسد، دل جو کوٽو. |
| کامِڙيو: | صفت مذڪر | کاٽي کٽندڙ. |
| کامڻ: | فعل لازمي | سڙڻ، کامڻ، پچڻ، پچرڻ. |
| کامو: | اسم مذڪر | وڏي ڪَڏَ، جنهن مان مٽي کوٽي ڪڍيل هجي. |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| ڪانٽو: | اسم مذڪر | (1) ڪَڏُ، ڪُوِيو جهڪاڻ، رستي ۾ ٿيل ڪَڏُ (2) ڪانچو ڪَڀي، ڀورو. (جمع: ڪانٽا) |
| ڪانجاٽو: | اسم مذڪر | رنڊڪو جهَلَ، آڏ، رڪاوٽ، سيڙپ، دير. (جمع: ڪانجاٽا) |
| ڪانچڻ: | فعل لازمي | (راند ۾) جهلجڻ، هٿ لڳڻ، وارو پورو ٿي وڃڻ، ڪامڻ (ڪاپڻ معنيٰ آئوٽ (Out) ٿيڻ ۽ ڪانچائڻ يعني آئوٽ ڪرڻ). |
| ڪانڪِتو: | صفت مذڪر | (1) ڪوشش ڪندڙ محنتي، تڪڙو (2) گهر سنڀاليندڙ. (جمع: ڪانڪِتا) |
| ڪانڪَلُ: | اسم مؤنث | تيلان، تِلهان. (جمع: ڪانڪِلُون) |
| ڪانڪورَ: | اسم مؤنث | ڪاني، ڪڙيي ڪُور واهہ جي صفائي لاءِ اندران مِٽي وغيره ڪيڻ جو ڪم. (جمع: ڪانڪورون) |
| ڪانڪور ڪَرڻ: | محاورو | دپ ڪيڻ، گوشمالي ۽ مار ڏيڻ. |
| ڪانگارِي: | صفت مؤنث | (1) ڪانگهاري، چِوُپائِي (2) گهٽي وقت جي وِيايل (ضد: سُئا يا آلوڙي). (جمع: ڪانگارِيُون) |
| ڪانٽِيتو: | اسم مذڪر | ڏرن ڪوٽڻ واسطي لوهہ جو ڊگهو رنبو. (جمع: ڪانٽِيتا) |
| ڪانهارَ: | اسم مؤنث | (1) بدن کي آهستي آهستي کنهڻ جي حالت، خارش، منڙي کهہ، کَهہ (2) بدن تي ٿڌڙن ڪيڻ واري حالت. (جمع: ڪانهارُون) |
| ڪانهارَ: | اسم مؤنث | مينهن کي پٺن ۽ ڪنڌ وغيره تي نرميءَ سان هٿ ڦيرائڻ ۽ کنهڻ. |
| ڪانئِڻ: | فعل متعدي | (1) ساڙڻ (2) لاڙ وانگر ٿر ۾ بہ گهٽو استعمال ٿئي ٿو: اچيون تہ ڪانچون سنڌئين جون ڪانئيان، مون کي ڪتيرو وٽيو (ٿري لوڪ گيت). |
| ڪاٽيتو: | اسم مذڪر | ڪڏ ڪوٽڻ جو رَنبو. (جمع: ڪاٽيتا) |
| ڪاٽا پُڳا چِٽا هَٿَ: | چوٽي | ڪنهن ماڻهوءَ جي ڪائڻ جي عادت جي حوالي سان چيو ويندو آهي. |
| ڪائُو پُٺُ: | صفت مذڪر | (1) آزمودگار، هوشيار، چالاڪ، گهاٽُ (2) خِرانٽُ، پوڙهو (3) رشوتي. |
| ڪَپُ: | اسم مذڪر | (1) ڪُپُ (2) ڪوِيو ڪَڏُ، گپ ۾ پير جو نشان (3) هيٺين جاڙي (جمع: ڪَپَ) |
| ڪَپُ: | صفت مذڪر | ڏائو ڪاٻو. (جمع: ڪَپَ) |
| ڪَپَ ڪَرڻ: | محاورو | بڪ ڪرڻ، بڪوات ڪرڻ. |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| ڪَپِڻ: | فعل متعدي | (1) ڪَپَ ڪرڻ، ڪاٽ ۾ گهپو ڪرڻ (2) چم ۾ ڪڏ ڪرڻ (3) لوهہ کي وَرُ ڏيڻ (4) آلي زمين ۾ گهمڻ سان ڪُپُ ڪرڻ (5) لَتڙ ڪرڻ، لتاڙڻ، لتوڙ ڪرڻ، پير ڏيڻ (آلي زمين ۾). |
| ڪُتِ: | اسم مؤنث | (1) ڇهنبياري ڪاتي (2) ڪاتيءَ جو اهو ننڍو ٽڪر جنهن جو هڪ پاسو ڇهنب وارو هجي. ڪو ماڻهو وڏي عمر جو هجي تہ ان لاءِ چون: فلاڻو ورهين جي ڪُتَ آهي. |
| ڪِتِ: | صفت مذڪر | ڦِڪو لَڇي، شرمسار لَڄارو شرمندو ڪِڪو وِڪو پشيمان. (جمع: ڪِتَّ) |
| ڪِتِرل: | صفت مؤنث | ڪريل، خراب، جائي، ڦريل، واهيات. (جمع: ڪِتِرليُون) |
| ڪَتَّ ڪَتَڻ: | محاورو | جهيڙي جهڙي ڳالهہ ڪرڻ. |
| ڪَتالِي: | اسم مؤنث | جهنگلي ڏٿ جو هڪ قسم، پپ. |
| ڪَتَر پاڻ تہ ڪاري پر ٻين جو ٻہ هاري: | پهاڪو | ڪو شخص پنهنجي نقصان سان گڏ ٻين جو ٻہ نقصان ڪري وجهي، تہ ان موقعي تي چئبو آهي. |
| ڪُتڪو: | اسم مذڪر | ڳِتي. |
| ڪَتلاٽِي: | اسم مؤنث | ڪَتالي، پپ، ڏٿ جو هڪ قسم. |
| ڪَتُونبڙو: | اسم مذڪر | ڪتملو ڪتمنڙو. (جمع: ڪَتُونبڙا) |
| ڪُتيو واٽيو وَنهَيُون ڳولهي: | پهاڪو | نفعو ڪمائيندڙ واٽيو ڪوبہ واءِ نفعي ڪانسواءِ خالي نہ ڇڏي، تہ ان موقعي تي چئبو آهي. |
| ڪُپ: | اسم مذڪر | ٻوٽيءَ جو قسم. |
| ڪِڄِڻ: | اسم مؤنث | هيءَ لفظ هتي ٻن معنائن ۾ استعمال ٿئي (1) پانئڻ، جيئن چون فلاڻو فلاڻي کي ڪڄي ٿو (2) شڪي ويڄڻ، جيئن چون ٻوڙ لاسَ ڪِڄي ويئي. |
| ڪِڄ ٽيڻ: | محاورو | گهرو ٽيڻ، گهاتو ٽيڻ، گهٽو لاڳاپو رکڻ. |
| ڪِڄ مِچائي: | اسم مؤنث | (1) نگي، چالاڪي (2) لاڏ (3) ڇُڇَمُڇَ. |
| ڪَدَ: | صفت مذڪر | (1) ڪدڙي جو مخفف، ڪَدو ڪَدامُ (2) بي مُڙسيو (3) هجو. (جمع: ڪَدَ) |
| ڪُدو: | اسم مذڪر | دغا خور بي ايمان، ڪوتو ڪُندو. (جمع: ڪُدا) |
| ڪِڙ چُونڊَڻ: | محاورو | (1) رهيل سنگ ڳولڻ (لاباري بعد) (2) بچت ڳولڻ، چونڊو ڪرڻ. |
| ڪَرڪَلو: | اسم مذڪر | ڪرڪرو. |
| ڪَراڪُ: | اسم مذڪر | ويايل چوپائي جو کير، پِسُ. |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنیٰ |
|---|---|---|
| ڪُرائِي: | اسم مؤنث | ٻڪر جي پير جي رسي (ٻڪريءَ ڪي پير ۾ ڪُرائِي). (جمع: ڪُرائِيُون) |
| ڪِرٽُ: | اسم مذڪر | ٻاجهر يا جوئر جو ناڙُ (جمع: ڪِرٽ) |
| ڪِرٽائِڻ: | فعل متعدي | (1) سَهُو ڪرڻ (2) راند ڪرائڻ. |
| ڪَرَچُ: | اسم مذڪر | اُٽ جي گَرَ. (جمع: ڪُرَچَ) |
| ڪِرِچُ: | صفت مذڪر | (1) جهنگلي ۽ ڊيڄارينڊڙ شڪل وارو (آدمي) (2) بيوقوف، بي عقل، نادان، بدافعالو بي لچڻو پُوش. (جمع: ڪِرِچَ) |
| ڪَرِڏِي: | اسم مؤنث | ڪريل (عورت). (جمع: ڪَرِڏِيُون) |
| ڪِرڙُ: | صفت مذڪر | اڻ سڌريل، چريو بيوقوف. (تو جهڙو ڪِرڙ ڪو وِرلي هوندو). (جمع: ڪِرڙا) |
| ڪَرڙاٽو: | اسم مذڪر | نڙ گهوٽي جو آواز ڪرڙاٽ. ڪونگهراٽو نڙيءَ جو آواز گهوگهرو. (جمع: ڪرڙاٽا) |
| ڪُرسِلِي: | اسم مؤنث | (1) ٻڪري جي پير جو نُنهن (2) جانور جي پيرن جي پُٺ ۾ سنهيون ۽ تکيون سگُوٽيون. (جمع: ڪُرسِلِيُون) |
| ڪُرڪڻ: | فعل متعدي | ڪَنگهڻ، نڙيءَ مان آواز ڪيڻ. |
| ڪَرِڪِي: | اسم مؤنث | مٽر، چڙيءِ مال جو سنيالو. (جمع: ڪَرِڪِيون) |
| ڪِرڪِسو: | اسم مذڪر | ڪَرڪسو گوڙ هُل، ڏمچو. |
| ڪرڪِسو نہ خالي، آڏيون نہ پاوَلِي: | پهاڪو | سُجائي ۽ غربت جي اهڃاڻ طور چئبو آهي. |
| ڪُرڻ: | فعل متعدي | ڪاٺيءَ يا ڪنهن تيز شيءِ سان چلي صفا ڪرڻ. ڪُرڙڻ. |
| ڪَرو: | اسم مذڪر | (ان جو) ديرو ڏاٽو. (جمع: ڪَرا) |
| ڪَروتَ: | اسم مؤنث | ننڍي مسجد. جنهن جا نشان رڳو سرن جي هڪ قطار يا ڍينگرن سان واضع ڪيل هجن. |
| ڪَروڙِي: | اسم مؤنث | (1) سِپِي يا مغز جو هڏو (2) اوڪراڻ ڪُرڙ. (جمع: ڪَروڙِيُون) |
| ڪُرِي: | اسم مؤنث | (1) ٻُنگ (2) چوري ٿيل مال جا پئسا وٺي مال موٽائڻ. |
| ڪُرِيو: | اسم مذڪر | پير، ڪُر (مال جو). |
| ڪُڙاٽُ: | اسم مذڪر | آواز. (جمع: ڪُڙاٽ) |
| ڪَڙاهہ: | اسم مؤنث | گهر يا واڙيءَ جو دَر (يا جيڪو ڍنگهر لنگهہ ڪي بند ڪري). |
| ڪِڙتولُ: | صفت مذڪر | ڦيڦو (ماٺهو). (جمع: ڪِڙتولَ) |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنئ |
|---|---|---|
| | | پنهنجي ماني کايو مڙس جي ٿي تڪي (2) هڻ ته چورا ڪڳي، ڪِڳ (هيءَ ڪڳي ۽ ڳتڪار آهي). |
| کَلَ کاٹو: | صفت مذکر | (1) سڙيل چمڙيءَ وارو (2) بي ترس، شوخ، ظالم ڪٺور، سنگدل، بي رحم. |
| کِلَ مان دِل: | چوٹي | خوشيءَ ۽ دل جي تعلق تي چئبو آهي. |
| کِلکوڙِي: | اسم مؤنث | وٽن تي چڙهندڙ هڪ ننڍي جانور جو قسم نوريئڙو. (جمع: کِلڪوڙيون) |
| کُنِ: | اسم مؤنث | اُها زمين جنهن ۾ پير اندر هليو وڃي، واريا سي زمين. (رستي ۾ رڳي کُنِ آهي، گهوڙو تکو هلي نٿو سگهي). |
| کَنج: | اسم مؤنث | زور، داب، ضرب. (جمع: کَنجُون) |
| کَنجَڙَ: | اسم مؤنث | اڻ سڌريل زمين، پَنجَر. (جمع: کَنجَڙُون) |
| کُنجَل: | اسم مؤنث | رپ، آش، پيچي، کُر ٻَل، ريڙو راهڙو. (جمع: کُنجَلُون) |
| کُنچلڙو: | اسم مذکر | شڪي ننڍو ٿي وڃڻ. |
| کَنڊُ: | اسم مذکر | رستو. (جمع: کَنڊَ) |
| کَنڊ: | اسم مذکر | گهارو روڻ. |
| کُنڊ کَڻَڻ: | محاورو | وڙهڻ جو بهانو ڳولهڻ ۽ شروعات ڪرڻ. |
| کِنڊِ وِنڊِ: | اسم مرکب | گهارو ٻارو. |
| کُنڊِڻِ: | اسم مؤنث | مال جي ڏکه وارو رَسو ڦاهِي ڦاسي، دامُ. (جمع: کُنڊِڻِيُون) |
| کُنڊَڻ: | فعل متعدي | (1) ڏورڻ، لهڻ (2) کوٽڻ، اُکوڙڻ (3) دل ۾ ڳالهه سانڍڻ (4) چِتڪيڻ (5) پيرو کڻڻ، آهستي آهستي ڪري پڙهڻ (6) ٿورو ٿورو چُرڻ (7) چَڪُ هڻڻ (مڇيءَ جو). |
| کِنڊڻ: | فعل لازمي | (1) کِنڊرجڻ، کِنڊرڻ، کِنڊجڻ، پکڙڻ، ٽِڙ وِڙ ٿيڻ، وِنڙڻ، ڇُڙو ڇُڙ ٿيڻ، ڪٺو ڪٺو ٿيڻ، پکڙجڻ، جدا جدا ٿيڻ، ڌار ڌار ٿيڻ، الڳ الڳ ٿيڻ (2) خوش ٿيڻ. |
| کَنڊو: | صفت مذکر | جنهن جا ڏند ٻِگل هجن. |
| کُنڊو: | صفت مذکر | دل جو کوٽو ۽ اونهو جنهن جي دل جي ڪنهن کي خبر نه پوي. |
| کَنڌ کُنڌ: | اسم مرکب | ڪِل ڪِل، ڪرڪو ۽ جهيڙي جهڙپ پڻ پڻ. |
| کَنڌسو: | اسم مذکر | جهيڙو فتنو (زباني ڳالهين ۾ ٻا). |
| کُنڌِڪو: | اسم مذکر | کِٽ پِٽ (تون مون سان اجايو کُنڌڪو ٻڌيو اچين). (جمع: کُنڌِڪا) |
| کَنڌو: | صفت مذکر | کاري جي رَڇُ جو هڪ حصو يا ڏَرَ (اهڙا گهڻا حصا |

| مکيه لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| | | کن، جنهن ۾ ڦِتڪي، ڪنئون مِيٺوري ۽ پاڻي ملائين پوءِ ان کي ڇُريل ڪپڙي جي رنگ کي پڪو ڪرڻ لاءِ ليپ ڪن اُن ليپ ڪرڻ کي "ڪوڙ" چون. |
| ڪوڙو: | صفت مذڪر | مٿي ۾ گَندُ، چيڙهه ٻڦو چيڙُ. (جمع: ڪوڙا) |
| ڪوسِ: | اسم مذڪر | ڳُجهه، راز ڪوهه، ڀٽ. |
| ڪَولِڻ: | فعل متعدي | (1) خراب ڳالهائڻ (2) ڪنگهڻ. |
| ڪُونٽُ: | صفت مذڪر | (1) سوگهو ٻڌل، جو هٽ پير هٽي نہ سگهي (2) ڪٺونٽ. (جمع: ڪُونٽ) |
| ڪونتو: | اسم مذڪر | مال کي ٻڌڻ لاءِ ڪتل ڪِلو ڪُنڌو(ڏِڳي کي ڪونتي تي ٻہ مهينا ٻڌي چارجي تہ پوءِ ڏاڍو طاقتور ٿئي). (جمع: ڪُوتا) |
| ڪونچار: | اسم مؤنث | (1) تڪليف (اسين هاڻي ڪونچار ۾ اچي پياسون ڪريون سو ڪريون ڇا) (2) مونجهارو. |
| ڪُونچِرو: | صفت مذڪر | ڏنگي ماڻهو کي چون. |
| ڪُونڊُو: | اسم مذڪر | (1) مُٺ وريل (2) مُٺِي سا (3) ٿلهو لڪڻ (ٽيڪ ڏئي هلڻ لاءِ). (جمع: ڪُونڊا) |
| ڪُونس ڦِٽائِي: | اسم مرڪب | ڪونس، هٽ چراند ۽ ڪنهن کي هرويرو تنگ ڪرڻ. |
| ڪَونڪَرائِڻ: | فعل متعدي | مِٽي جي ڀڳل ٺانءَ جو گيگهرو آواز ڪرڻ. |
| ڪَونڪِرو: | صفت مذڪر | ڀڳلُ ٽٽل. (جمع: ڪونڪِرا) |
| ڪَونڪارَڻ: | فعل متعدي | ڀڃڻ، ٽوڙڻ، ٽڪر ٽڪر ڪرڻ. |
| ڪُوڻِ: | اسم مؤنث | (1) پار طرف، ڏس، پاسو ڦهلو ڪنڊ، ڏر ڏِسا (2) هدايت، ڏَس (جمع: ڪُوڻ) |
| ڪوهَڻ: | فعل متعدي | (1) ڪُونڊڻ، پِٽڻ (وار) روڙڻ (2) چوڙڻ، هنباڙڻ (3) ٽڪائڻ، ڇُر ڪرڻ (4) جهلڻ، هَلَڻ، ڇُڙڻ جتاءَ ڪرڻ (5) ڪوڙڻ (6) چاڙڻ (7) زائل ڪرڻ، چٽ ڪرڻ ناس ڪرڻ. |
| ڪوئِيڊُ: | اسم مذڪر | (1) ڏريل ۽ پاڻيءَ ۾ پُسايل ڏارو (مٽر، گُوار وغيره). مال جي ڪاڏي لاءِ تيار ڪيل چارو (2) پيڙيل ڪماند جا ڇُوتا (3) سنو ڪاڏو. (جمع: ڪوئِيڊا) |
| ڪَهَر: | اسم مؤنث | کير ڏيندڙ چوپائي. (جمع: ڪَهَرُون) |
| ڪُهَڻ: | فعل لازمي | ٿڪجڻ، ماندو ٿيڻ. |
| ڪِهہ: | اسم مؤنث | دز مٽي. |
| ڪِهو: | اسم مذڪر | ٻئي کي هٽائڻ جي حالت ۾. (جمع: ڪِها) |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| | | هڪ ڳهہ منڊيءَ پرت جو هڪ قسم. |
| ڪِير ۾ڻ: | اسم مذڪر | ونڻ جو قسم. |
| ڪِيرَ: | اسم مؤنث | مبارڪباد, وڌائي, خوشخبري |
| ڪِيرو ڪرڻ: | محاورو | (1) ٻيڙيءَ کي واءِ سامهون وجهڻ کان ٽورڙو موڙڻ (2) ماري ماري ساٽو ڪرڻ. |
| ڪِيرو: | صفت مذڪر | بيزار. (جمع: ڪيرا) |
| ڪيڪو: | اسم مذڪر | ڪِيڪڙو پاٽيءَ جو جيت. |
| ڪِيڪار: | اسم مؤنث | آڌر ياءِ ۽ پليڪار ان معنيٰ ڪانسواءِ اڪثر چرچي طور ٻي معنيٰ "مار ڏيڻ" جيءَ ۾ بہ ڪم اچي ٿو. (مون فلاڻي جي چڱي ڪيڪار ڪئي آهي). |
| ڪِيلو: | اسم مذڪر | (1) سپَر, پناهہ (2) قبضو حڪم. (جمع: ڪِيلا |
| ڪِيلُوڙي: | اسم مؤنث | نوريڙو. (جمع: ڪِيلُوڙيُون) |
| ڪِينيڻ: | فعل متعدي | زور لڳائڻ, هٿ ڪس ڪرڻ. |
| ڪينڊو: | اسم مذڪر | مُٺ وريل ڏنڊو. (جمع: ڪينڊا) |
| ڪِنڌرو: | اسم مذڪر | ٿهڪو. (جمع: ڪنڌرا) |
| ڪِينڪِي: | اسم مؤنث | هيچ, سَڌَ (تنهنجي اها ڪينڪِي ٿوري وقت ۾ لهي ويندي). |
| ڪِينيَڻ: | فعل لازمي | ڪيڻ هجڻ, خوش ٿيڻ, راضي ٿيڻ, پرسن ٿيڻ, ڪائڻ, ڪاڄ, ڪاڏو. |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| گُرز گُليل: | اسم مرڪب | ننڍو هٿيار گرز ۽ گليل جو هٿيار. |
| گُرڙاٽ: | اسم مذڪر | (1) پيٽ ۾ آنڊن جو وٽ سٽ. پيٽ ۾ آنڊن جي ڊڙ ڊَڙ ٻڙ ٻڙ جو آواز نڙي جي گهُٽجڻ ڪري نڪرندڙ آواز (2) گوڙ گجگوڙ وڏو آواز گجڪار رڙهاٽ (3) ڦيٽي وغيره جو آواز گهرڙ گهرڙ (جمع: گُرڙاٽَ) |
| گُرڙال: | اسم مؤنث | هڪ جهنگلي ڦل جو قسم (گولاڙي ول جهڙيءَ جنهن جا پَن سنهڙا چار جهڙا ۽ اڪثر چارين جي پير ۾ ٿئي). |
| گِرسٽُ: | صفت مذڪر | (1) بدڪار (2) درڪارُ دنيا (3) گرفتار قاتل. |
| گِرگان: | اسم مؤنث | پوڙهي عورت. |
| گِرگِلو: | صفت مذڪر | (1) ڍرو ويڪرو ڪپڙو جسم جي ماپ کان وڏو هجي تہ بہ گِرگلو چون (2) چوڙي ٻانهن ۾ ويڪري لڳي تہ بہ گِرگلي چئبي. |
| گِرَڻِ: | فعل لازمي | ڪتي جو گير ڪرڻ ۽ ٻهڪڻ (جاڳايس جنبورَ ڪُتي قريبن جي، ٻهي ٻهڪي اُٿيو گهڏي منجهان گورَ سَڀ لاٿائين سُورَ گِري هب غريبَ ٿان). |
| گِرِڻ: | اسم مؤنث | ماٽيءَ يا مٽ جي ڪنڌ وارو حصو. |
| گِرهَڻُ: | اسم مُذڪر | (1) سج يا چنڊ تي ڌرتيءَ جي پاڇولي پوڻ واري حالت (2) سج يا چنڊ تي ڪارڻ (3) مٽ جي هيٺان رڪيل ٺِڪر جو چڪر گهِرڻ، تاتڻ، چڪتاڻ ڪرڻ. |
| گَرو گنجو: | اسم مرڪب | جهڙو تهڙو چڱو مٺو. |
| گُرِي: | اسم مؤنث | ڳريو (هي لفظ ماڇر جا ماڻهو ڳالهائين ۽ ڳرٽي يا مُرٽي کي چون). |
| گِڙانگ: | صفت مذڪر | (1) تمام وڏو گَڙَنگ (2) هيبت ناڪ، حشمت وارو دَهڪي وارو. (جمع: گِڙانگَ) |
| گُڙُٻ: | اسم مؤنث | (1) عام طرح ان کي گُڙٻي بہ چون، هاري ماڻهو ڇا ڪندا آهن، جو زمين کي پهريائين هر ڏيئي پاڻي ڇڏي ڏين، جڏهن زمين ٺَري وڃي پوءِ اهو پاڻي ڇنڊي ٻيهر پاڻي ڏئي ان ۾ ٻج ڇٽين، اُنهيءَ ڦُٽيل پوک کي گُڙٻ چون، هيءَ خاص ڪري سارين جي پوک لاءِ ڪن. |
| گڙپول: | صفت مذڪر | وڏو تنگ، گڙٻل، سوراخ، ٻرگهل، ڏرڙ ٻرڙ (جمع: گپولَ) |
| گُڙجَڻ: | فعل لازمي | ڦُندَڻ، اُقامڻ، اُيامڻ، اُفرڪڻ. |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| گونداڙڻ: | فعل متعدي | (۱) ڦلهورڻ، کنديرڻ، هيٺ مٿي ڪرڻ، مُنجهائڻ (سُٽ وغيره) (2) گڏائڻ. |
| گُونرِ: | اسم مذڪر | ڪچي شاخ. |
| گُونگا ٻونگا: | اسم مرڪب | مائيٽا، چُپ چاپ. |
| گُونگَن جُون آهُون مائٽ سمجهن: | چوڻي | هيڻن جو درد پنهنجا ئي سمجهن ۽ عزازت ۽ خون جي رشتي جي اهميت پڌائڻ جي موقعي تي چئبو آهي. |
| گوهيُون گهتون: | اسم مرڪب | هيڏانهن هوڏانهن نڪرڻ، پاسو ڏيئي نڪرڻ. |
| گُوئُوڻ: | صفت مذڪر | (۱) بي هوش (ڌَڪَ لڳڻ سبب) (2) بي سُرتيو. |
| گَهَ پيهَ: | اسم مؤنث | (۱) اٽڪل، چالاڪي، ٺڳي (2) مڪاري، فريب، دولاب (3) ڏانڌل، رڳڙو ڪِلڪِل، ڪِٽ ڦِٽ. |
| گِيهَ پيهَ: | اسم مرڪب | رش، گهٽائي، ڪثرت. |
| گٿِي: | اسم مؤنث | رڏي، گهہ. |
| گِيتو: | اسم مذڪر | ڪوهيرو ڏُنڊ. (جمع: گِيتا) |
| گيڙُ: | اسم مذڪر | ڍڳيءَ جو ڪُونئٽُ. (جمع: گيڙا) |
| گِيسَرَ: | اسم مؤنث | ڪم ۾ دير ڪرڻ. |
| گِيسو: | اسم مذڪر | (۱) پٽَ تي ويهي ميدان ٻهارڻ (2) عورتون ان کي گيسو ڪار بہ چون. |
| گيڪهہ: | اسم مذڪر | مِڪِر. |
| گيلاٽِي: | اسم مؤنث | ليتاڙو. |
| گيلو: | صفت مذڪر | چريو مستانو ديوانو. (جمع: گيلا) |
| گِيم گڙُد: | اسم مرڪب | دن لٽ، ڌوڙ مٽي. |
| گِينارَ: | اسم مؤنث | پڌواڻ پڌو ڪرڻ جي حالت. |
| گِينداڙڻ: | فعل متعدي | گِهلڻ، هيڏانهن هوڏانهن ڇڪڻ. |
| گِيندو: | اسم مذڪر | ڪِيسو گوندو. (جمع: گِيندا) |
| گِينگ: | اسم مذڪر | (۱) مکر، ڍونگ، ٽال، مڪَرُ (2) گيهہ پيهہ. |
| گِينگهو: | اسم مذڪر | هڪڙو ننڍڙو سرندڙ جيت. |
| گِينوار: | اسم مؤنث | بي خيالي، ڌيان نہ ڏيڻ. |
| گِيهو: | اسم مذڪر | (۱) گِهلَڙُ جو نشان، ليڪو، گهڪو (گِيهو تہ سولو ڪَيُ) (2) گِسڪو گِيسو پٽو (ٽانگ وغيره جو). (جمع: گِيها) |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|

# ڳ

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| ڳاپرو: | صفت مذکر | ننڍي عمر وارو لاسڙيات، ڳپرو. (جمع: ڳاپڙا) |
| ڳاتارُ: | اسم مذکر | وَل (گدري، ونگي، تُوهہ وغيره) جي شاخ. (جمع: ڳاتارَ) |
| ڳاڇ: | اسم مذکر | ڳائڻ، راڳ، ڳيت، ڳيچ، ڳاجهہ. (جمع: ڳاڇ) |
| ڳارِڙو: | اسم مذکر | ڪانگ لَنوڻ جي آواز کي چون. |
| ڳارو: | اسم مذکر | (1) ڪو راڳ وغيره جهيڻي آواز ۾ چوڻ جي حالت، جهونگار (2) نياپو اشارو اُهڃ. (جمع: ڳارا) |
| ڳاڙهہ: | اسم مؤنث | لالاڻ، لالائي، ڳاڙهاڻ (ٻيڙياتن جي محاوري ۾ درياءَ يا سمنڊ جي پاڻيءَ جو ڏکڻ جي واءُ تي ڳاڙهاڻ ڪري بيهڻ جي حالت). |
| ڳاڳو: | اسم مذکر | ڏٽ جو هڪ قسم. (جمع: ڳاڳا) |
| ڳاڳِي: | اسم مؤنث | (1) برسات ۾ تيندڙ ٿيندڙ پوتي (2) ڳاڳي ٻوٽيءَ جو ڦرُ (جو چٽونيءَ جي داڻي وانگر ٿئي). (جمع: ڳاڳيون) |
| ڳالهہ نہ ماري پر ڳالهہ جو مامرو ماري: | پهاڪو | سبب کان اثر جي وڌيڪ اهميت کي اجاگر ڪرڻ جي موقعي تي چئبو آهي. |
| ڳالهوڙو: | اسم مذکر | ٿوري ڳالهہ مان ڪو وڏو معاملو ٿي پوي تہ چون: ”ڳالهہ مان ڳالهوڙو ٿي پيو“. |
| ڳالهيارُ: | صفت مذکر | ڳالهيون ڪندڙ قصا ڪٿندڙ آکاڻيون ٻڌائيندڙ ڳالهيرُ. (جمع: ڳالهيارَ) |
| ڳاموٺ: | اسم مؤنث | مٽي ۾ ڳوراڻ، موڳات، سستي. (جمع: ڳاموٺون) |
| ڳانپ: | اسم مؤنث | (1) اُٺ جي ڳوڙ (2) دانهن، ڪوڪ (3) ننڍڙي ٻار جو هڪ ساهي روئڻ. (جمع: ڳانپون) |
| ڳانٽِي: | اسم مؤنث | (1) گوڏ ٻڌڻ جو هڪ نمونو ڳانٽي (2) ڪپڙا ڌوئڻ يا مٿو ڌوئڻ وقت عورتون وڏي گنديءَ جي گوڏ ٻڌنديون آهن، جنهن جا ٻہ چيڙا ڇاتيءَ تائين آڻي ڪنڌ وٽ ڳنڍ ڏبي آهي ۽ سڄو بدن بڪين تائين ڍڪجي ويندو آهي، فقط ٻانهون ۽ پنا ڪليل رهندا آهن. (جمع: ڳانٽيون) |
| ڳانڍُ: | اسم مذکر | (1) ڇهڪ، وَڍُ، ڇيهہ (2) ٽُڪر، ڳيو. (جمع: ڳانڍَ) |
| ڳانڍڻ: | فعل متعدي | وَڍڻ، ٽُڪر ٽُڪر ڪرڻ. |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنیٰ |
|---|---|---|
| ڳانڃَ: | اسم مؤنث | مجلس، ڪچهري |
| ڳانڍِئو: | اسم مذڪر | (1) ڪنهن ڊور کي ڳچيءَ ۾ سُونهن لاءِ ٻڌل سُٽ يا گهٽين ڳنڍين وارو رنگين ڏاڳو ماهينڊ (2) ڳانو ڳاني. (جمع: ڳانڍِئا، ڳانڍيا) |
| ڳانڏُو: | اسم مذڪر | ڳاڙهو ميوو. |
| ڳانڌِي: | اسم مؤنث | درياءَ جي مڇيءَ جو هڪ قسم (ڏيکهہ اٽڪل هڪ انچ). |
| ڳانو: | اسم مذڪر | ڳيري جي ڪنڌ وارو ڪارو ليڪو. (جمع: ڳانا) |
| ڳاهُہ: | اسم مذڪر | پائي جي سل ۾ وجهڻ لاءِ اِيس جو گهڙيل حصو ڇُوڙَ (جمع: ڳاهتا) |
| ڳاهَہ ماهَہ: | اسم مرڪب | |
| ڳاهَہ: | اسم مؤنث | مڇي ڦاسائڻ لاءِ ڪلونءَ ۾ چارو وِجهڻ. |
| ڳاهو ميهو: | اسم مرڪب | ڳئن ۽ ميهن جو ڌڻ. |
| ڳاءِ: | اسم مذڪر | ڪٽ جي ايس يا اوبري جي منهن جو گهڙيل چيڙو ڇُوڙَ ڳاهہ. (جمع: ڳاءَ) |
| ڳيَ ڳان: | اسم مرڪب | |
| ڳيرو ڳوڏر: | اسم مرڪب | جوان سُوان، تندرست، پهلوان. |
| ڳيو: | اسم مذڪر | (1) ٽورو حصو ٽُڪر، ٽڪرو ٽوٽو (2) مانيءَ جو ٽُڪر. (جمع: ڳيا) |
| ڳيُور: | اسم مذڪر | جت، ملاح ۽ ڪاري جا ماٺهو نِنڍڙي ٻار کي چون. |
| ڳيي: | اسم مؤنث | ظلم، ستم، ڪاوڙ گرمي. (جمع: ڳييُون) |
| ڳُتَ: | اسم مؤنث | (1) زالن جي وارن جي ڳُتيل چوٽي، ڇڳڪ، چُڻ (2) چوپائي جي ٿڻ ۾ تيندڙ رنڊڪ. (جمع: ڳُتُون) |
| ڳِترو: | اسم مذڪر | (1) وڏيل ٽڪر، ڪترو (2) ٽُڪر، ڀورو ڀيرو ڳيو ياڱو (3) ميوي وغيره جو ٽڪر، ڦار. (جمع: ڳِترا) |
| ڳِتِلو: | صفت مذڪر | ٽلهو متارو. (جمع: ڳِتلا) |
| ڳُتِلو: | اسم مذڪر | ڳوترو ٻجڪو ٿيلهو. (جمع: ڳُتِلا) |
| ڳتَڻ: | فعل متعدي | ڳيهڻ، ڳڙڪائڻ. |
| ڳَتو: | اسم مذڪر | فريب، مڪر، حيلو. (جمع: ڳَتا) |
| ڳَٽُ: | اسم مذڪر | وڏا گراهہ لپوڙو. (جمع: ڳَٽَ) |
| ڳَٽِ: | اسم مؤنث | سانَ کي ڪاٺ ۽ رسي سان ڪنڌ ۾ ٻڌڻ. |
| ڳَتارُ: | اسم مذڪر | (1) ٽاري، شاخ (2) گونر، ڳنُر. (جانيي جا رڳا ڳتار پتجانءِ، پرَ نہ ڪپن). (جمع: ڳتارَ) |

| مکيه لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| | | غدودن جي سوڄ، ڪَلِيُون، ڪوئليون (ڪوئلي). (جمع: ڳلپيڙا) |
| ڳلتو: | اسم مذڪر | ڏَتو گَشو رَماڪو. (جمع: ڳلتا) |
| ڳلِڙو: | اسم مذڪر | بيماريءَ جو هڪ قسم، ڳلپڙو ڪَلي، ڪوئلي. (جمع: ڳلِڙا) |
| ڳلَهڻ: | اسم مؤنث | ڳِلَهه. (جمع: ڳلِهڻُون) |
| ڳلَهه: | اسم مؤنث | ڇِڪ، گپ، ڇڪڻ، ٻِلَهڻ. (جمع: ڳلَهُون) |
| ڳلو: | صفت مذڪر | تورو پُسيل، اُدوڪو ڳِلهو. (جمع: ڳلا) |
| ڳلو: | اسم مذڪر | (1) لولو (جيڪو سوڪ نہ هجي) (2) آلي زمين ڪي بہ ڳلي زمين چئبو آهي. |
| ڳلوَٽي: | اسم مذڪر | ٽوپيءَ جو هڪ قسم. |
| ڳلِي: | اسم مؤنث | (1) ٻيڙيءَ جو مٿيون پاسو (2) گهوڙي جي لغام جو هڪ پاسو. (جمع: ڳلِيُون) |
| ڳمَ ڳنڍيِر: | اسم مرڪب | واسطو وڙو، تعلق لاڳاپو. |
| ڳماڻِڻ: | فعل متعدي | (1) مخمور ڪرڻ، نشي ۾ آڻڻ (2) سست ڪرڻ، ڳاموڙ ٽيڻ. |
| ڳنتِ: | اسم مؤنث | بُردباري، تحمل. |
| ڳنڊَ، ڳنڊِ: | اسم مؤنث | ٻنڌَڻُ، ٻانڌيڙ. (جمع: ڳنڊِوُن، ڳنڊِيُون) |
| ڳنڊَرُ: | اسم مذڪر | وڏو ڳنڊِيو. (هيءَ مٺائيءَ جو ڳنڊِڙ ڪنيو وتين، سو ڪنهن کي ڏيندين). |
| ڳُنڊُ: | اسم مذڪر | مانيءَ سان کائڻ واري شئي، گنڌڻ. (جمع: ڳُنڊَ) |
| ڳُنڊَڻُ: | اسم مذڪر | (1) لسي، کير، چٽڻي يا ٻوڙ جيڪو ماني سان کائجي (2) "ڳنڊ" بہ چون، "ڳنڊي کائڻ" يعني تورو تورو ڳنڊَڻَ سان ملائي کائڻ. |
| ڳنگ: | صفت مذڪر | ٺار سخت ٿڌ. |
| ڳنهِڙي: | اسم مؤنث | (1) وڏن پيپڙِن يا ديگيُن مان پاڻي ڪڍڻ لاءِ نڪر جي مُٺ واري وڏي ڇَلَ (2) ڪِنگرُ. (جمع: ڳنَهَڙيُون) |
| ڳنهَڻ: | فعل متعدي | وٺڻ، خريد ڪرڻ (ڪڇي). |
| ڳنوارُ: | صفت مذڪر | (1) ڳئون چاريندڙ ڍڳيون چاريندڙ گوهري (2) ٻهراڙيءَ جو ڳوٺاڻو دهقاني، واهٽي (3) پورهيت، ٿوري رزق وارو (4) اڻ سڌريل، ٻوڪ. بي وقوف، جاهل. (جمع: ڳنوارا) |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| ڳنُون: | اسم مؤنث | بند يا ٻني جو پاسو يا ڪمند جي لٺ. |
| ڳنِي: | اسم مؤنث | (1) ڪچي پوک (2) ماپ جو ڪانو. (جمع: ڳنِيُون) |
| ڳڻ ڳوت: | اسم مرڪب | دل ۾ حساب لڳائڻ، ويچارڻ. |
| ڳوپُ: | صفت مذڪر | (1) جانور، حيوان، چوپايو (2) بي زبان، گگدام، نہ ڪچندڙ (3) گهٽ سمجهہ وارو موڳو بي سمجهہ (4) پورڙو (5) ڀالو ڀولو سادو سُودو. (جمع: ڳوپَ) |
| ڳوتِنات: | اسم مذڪر | خيال، ويچار (اسان ڳوتنات ڪري جواب ڏينداسون). |
| ڳوٺي: | اسم مؤنث | (1) تماڪ کي ڪُٽي ٺاهيل ڳنڍيو ڳوٺُ (2) سُٽ جي ڍيري (3) اوٽي، اوبري. (جمع: ڳوٺيُون) |
| ڳوٺ جا ڪُتا پئونڪائِڻ: | محاورو | بيڪار گذارڻ، اجايا ڏڪا ٺابا کائڻ، نڪمون گذارڻ. |
| ڳوٺَ جا ڪُتا ڪُتَڻ: | محاورو | نڪمون ۽ بيڪار گذارڻ، اجايا ڏڪا ٺابا کائڻ. |
| ڳوڏو: | اسم مذڪر | اُن ٻار کي چئبو آهي، جنهن لاءِ سوچجي تہ هاڻي اُهو ننڍڙو ناهي، پر ڳوڏو (وڏو) اچي ٿيو آهي. |
| ڳوڪِڙ: | اسم مؤنث | ڪِيڪَ. |
| ڳول ڦولَ: | اسم مرڪب | ڳولا ڦولا، تلاش طلب. |
| ڳون ڌيان: | اسم مرڪب | توجهہ، غور فڪر. |
| ڳوڻ: | فعل متعدي | (1) ڌيان ڏيڻ (2) توجهہ ڏيڻ. |
| ڳُونَر: | اسم مذڪر | جانيي يا توريي ڳاهڻ بعد بچيل تيليون، ڪاڏر. |
| ڳوتهن (ڳئون) ٻئي وٺي دشمن کي ڏئي: | چوٽي | پنهنجي لاءِ پاڻ مصيبت پيدا ڪرڻ جي موقعي تي چئبو آهي. |
| ڳوهو: | اسم مذڪر | آن ۾ ويڙهيءَ جو ٽڪر. |
| ڳُهڙَ ڳهڙَ: | صفت مذڪر | سکر ماڻهو وڏو ماڻهو. (جمع: ڳَهڙَ ڳَهڙَ) |
| ڳهلو: | صفت مذڪر | موڳو سُست يا بيوقوف. |
| ڳَهَنَ: | اسم مذڪر | خيال، ڌيان. (جمع: ڳَهَنَ) |
| ڳهہ ڳَلو: | اسم مرڪب | زيور سينگار جا ٿول. |
| ڳَهو: | اسم مذڪر | (1) ڪاٽي ڪٽڻ لاءِ هڪ ماڻهوءَ جو ڪاٽيءَ جي ڪوٽڻ جو مقرر انداز (2) ڳهہ، زيور ڳهٽو. (جمع: ڳَها) |
| ڳِهي: | صفت مذڪر | وڏيرو سکر. (جمع: ڳِهي) |
| ڳَئِي: | اسم مؤنث | (1) تڙ پيڙ جلدائي، تڙ تڪڙ (2) ڪَسِي، واهِي (3) |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| | | گهرج، ضرورت. (جمع: ڳَئِيُون) |
| ڳيتلو: | صفت مذڪر | ڪوڙو ٻٽاڪي، لباڙي (جمع: ڳيتلا) |
| ڳيجهڙو: | صفت مذڪر | ٿورڙيءَ محبت وارو ڪوڙو عاشق، سڏڙيو. (جمع: ڳيجهڙا) |
| ڳيچو: | اسم مذڪر | (1) اکروٽ (2) ڳتو (ڪڙ وارو ڳيچو ٻڌي چڏيو) (3) زنانو راڳ، سِهرو. (جمع: ڳيچا) |
| ڳيرائِي: | اسم مؤنث | دوائن ۾ ڪتب ايندڙ ٻوٽي جو هڪ قسم ڳارائي بدن جو ڳچيءَ وارو پاسوءِ هڏو. (جمع: ڳيرائِيُون) |
| ڳَيڙُ: | صفت مذڪر | (1) بي وقوف (2) سوالي (3) سست (4) بي زور (ڪي ڳورا ڳَيڙُ ڳوٺ ۾ ڪي ڪارا قربدار). (جمع: ڳَيڙَ) |
| ڳَيڙُ: | صفت مذڪر | خريد ڪيل نوڪر، ٻانهون. (جمع: ڳَيڙَ) |
| ڳيٽو: | اسم مذڪر | ڍانڍي پکيءَ جو هڪ قسم لنگهو. (منچر)، ڳيهٽو. (جمع: ڳيٽا) |
| ڳيهڙو: | اسم مذڪر | (1) ڳاڙو (2) مينهن جو سانده ۾ چار ڏينهن وسڻ جي حالت، ڳيڙو. (جمع: ڳيهڙا) |
| ڳيهن: | اسم مؤنث | ٻوٽيءَ جو هڪ قسم ٻتر. |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنیٰ |
|---|---|---|
| | | جو ڊِڳُ. انبان نونر (2) ڪنيار جا گهڻا. گهڙيل دلا (هيتري گهَڙ خالي پيئي آهي پريندو ڪير). (جمع: گهَڙُون). |
| گُهڙَپ: | اسم مؤنث | پاڻي ۾ سارين جو ٻجُ ڇَٽڻ جو نمونو. (جمع: گهڙِپُون) |
| گَهڙَپ: | اسم مؤنث | (1) گهڙت. بناوت. جڙاوت. ساخت. گهاڙيٽو گهاڙ بيهڪ. ٺاهپ (2) گهڙائي. پورهيو محنت. مزوريءَ ٺهرائي. جوڙائي جو اُجورو. (جمع: گهَڙَپُون) |
| گَهڙچَڪ: | اسم مذڪر | گاڏيءَ جي هلڻ جو آواز گهَڙ گهَڙ. (اڄ گاڏي گهُڙچَڪ گهَڙچڪ ڪندي اچي). |
| گَهڙولو: | اسم مذڪر | ننڍي ٻار جي چرڪ يا ڊپ لاهڻ لاءِ هڪ سوڻ. گهڙيالو. (ٿالهہ ۾ ٺانڊا رکي مٿان خالي دلو اونڌو ڪن. پوءِ ٿالهہ ۾ پاڻي وجهي تہ گهڙو ٻڙ ٻڙ جو آواز ڪري). (جمع: گهَڙولا) |
| گَهڙِيو: | اسم مذڪر | چوٿالو آن جو هڪ ماپو. (جمع: گهَڙِيا) |
| گُهڪهِتِي: | اسم مؤنث | غوطو ٽٻي. گهوتو. (جمع: گهُڪهِتِيُون) |
| گَهڪهولو: | اسم مذڪر | (1) وڏي ٺيري. جنهن سان ٻار راند ڪن (2) چُن جي گولي. |
| گَهڪهيلِي: | اسم مؤنث | ڊگهي چولي واري. گهگهي واري عورت. ٻروچاڻي. گهگيرڻ. گهَگهيري |
| گَهلَ: | اسم مؤنث | (1) ننڊ. پنڪي. اوجهراٽي (2) بي هوش. آنوشائي. بي سُرتِي. (مونکي گِهل اچي وئي). (جمع: گِهلُون) |
| گُهمِتاري: | اسم مؤنث | گُهت يا ڦيرو ڏيئي ڪيڏانهن هليو وڃڻ. |
| گُهمَٽ: | اسم مذڪر | ناز نخرو ٺاهہ ٺوهہ. تال ٿُول. راڳ رُوپ. انگل آرو. (جمع: گهمَٽ) |
| گُهنڊو: | صفت مذڪر | منهن ۾ سَرَ وڏل. منهن ۾ شور پيل. گهُنڊ وارو آڪڙيل. شوريل. (جمع: گهُنڊا) |
| گَهڻمتيو: | صفت مذڪر | گهڻن جي صلاح تي هلندڙ پر مٽڙيو. |
| گُهڻو: | صفت مذڪر | جيڪو نَڪ مان ڳالهائي. |
| گهوٻالو: | اسم مذڪر | ڏنڊو جنهن کي هڪ چيڙي تي مٿو نهيل هجي. |
| گهوبي: | اسم مؤنث | (1) ٺڳي. دغا. فريب. غبن. بي ايماني. ڊوهہ. ترڪٽ. گهُتَ. ڪُپت. دولاب. ويساگهاتي. نقصان. ٽوٽ (2) هٽ جو لڪڻ. گاهہ جو قسم. |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنیٰ |
|---|---|---|
| | | (جمع: گھوپيُون) |
| گھوتو: | اسم مذکر | (1) غوطو گوتو (2) ڦيرو چڪر (3) ٻت ٻت، ڳُتي. (جمع: گھوتا) |
| گھوٽ ماءُ کان آنئيار ماءُ کي تکڙ ڄجھي: | چوڻي | مالڪ کان نوڪر يا مئنيجر وڌيڪ دعوي ڪري، تہ ان موقعي تي چئبو آهي. |
| گھوٽ ماءُ گھر آئي، آنئيار ماءُ اُٺي بيٺي: | چوڻي | انيئار جي ماءُ جي گھوٽيتن ۾ غير ضروري نماءُ جي حوالي سان چيو ويندو آهي. |
| گھوٽ ماءُ گھر آئي، ڪنوار ماءُ ڪتّڻ ويٺي: | چوڻي | گھوٽ ۽ ڪنوار جي مائرن ۾ تعلق جي ڪوٽ ڏيکارڻ لاءِ چيو ويندو آهي. |
| گھُوچو: | اسم مذکر | لوڏو اوچتو خيال. |
| گھُوڙ: | اسم مؤنث | (1) ڦيرو وَرُ ڪُنُ سخت وهڪرو تيز يا تکي نظر (2) گھنڊ (3) لهر، ويچار ڪاهہ، چڙ ڪاوڙ (4) پھہ پوڻ خيال، لهر، ويچار (5) يادگيري (6) وهم (7) ناز نخرو (8) ڪنجري ڪنجري (9) هوا جو شوشاٽ، سمنڊ جو شور (10) گجيءَ ۾ هوا جو آواز. (جمع: گھُوڙون) |
| گھورُ: | صفت مذکر | (1) هئبت ناڪ، خوفائتو ڀوائتو خوفناڪ (2) گھنگھور اوندهہ، گھٽي اوندهہ ڪار تاريڪ (3) پيٽ جو سور. (جمع: گھُورَ) |
| گھوڙا ويڪ: | اسم مرڪب | مصيبت جي وقت جو آوان رڙ. |
| گھوڙو ڀڄي توبري کان توبرو سامُهون: | چوڻي | جنهن مصيبت کان لڪجي، سا وري سامهون اچي ويندي آهي، تہ ان موقعي تي چئبو آهي. |
| گھوڙيو: | اسم مذکر | پينگھو جھولو. |
| گھُوڪ: | اسم مؤنث | تيزيءَ سان اڳتي وڌڻ واري حالت، ڌوڪ. (جمع: گھُوڪَ) |
| گھُوڪِڙو: | اسم مذکر | ٺڪاءُ ڪنائيندڙ ڇُت مرائيندڙ بدفعلي ڪرائيندڙ. (جمع: گھُوڪِڙا) |
| گھولِرو: | اسم مذکر | (1) ميڙ، هجوم، حشام، گھولَر (2) ميڙو گڏ، گوڙ (ڪريو گھولرا گھتين ۾ ٿا توکي نور جيئن نچائين). (جمع: گھولِرا) |
| ڳِھيٽ: | اسم مذکر | ٻار جو روسامو ڪيڻو ڪروڌ، ڪل ڪل، ضد. |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| | | (جمع: گِهيڀَٽَ) |
| گِهيچَ ٻچا: | اسم مرڪب | آنڊا گُجون. (احمد بندوق سان ٻلا جا گهيچ ٻچا ڪيري ڇڏيا). |
| گِهيچَڻُ: | فعل متعدي | (1) گَهَتَڻُ، رَهتَڻُ، گَسائڻ، هڙڻ (2) گِهرَڻ، ڙِڪڻ، ٽيلهڻ (3) لوڙڻ (4) ڳوهڻ، ڦلَڻ، منڌڻ، مڪولڻ (5) تاڻڻ، ڇڪڻ (6) ڳچڻ. |
| گِهيڪِ: | اسم مؤنث | (1) اُٺ جي گوڙ جو آواز (2) وچ ۾ ڳالهائڻ واري حالت (3) تمام ٿلهي. (جمع: گِهيڪُون) |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|

# ل

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| لاپڙ چٽو: | اسم مرڪب | ڪايان چٽو ڪندڙ وقت بي وقت ڪائيندڙ |
| لاپو: | اسم مذڪر | برغلائڻ واري حالت، چٽ، ريٻ. (جمع: لاپا) |
| لاپو ڏيڻ: | محاورو | (1) هِر ڪائڻ، چٽ پڌڻ (2) برغلائڻ. |
| لاتا مُٽ: | اسم مرڪب | چنبڙي وڃڻ واري حالت، هڪ ٻئي کي نہ ڇڏڻ واري حالت |
| لاتڻ: | اسم مؤنث | گهر (چونڪيءَ) ۾ بنيادي ۾ وڃ وارو ڪاٺ. |
| لاٽوڻي: | اسم مؤنث | رانديڪي جو هڪ قِسم، ننڍو لاٽون يا لاٽمون، لاٽِمي. (جمع: لاٽوڻيون) |
| لاپڙو: | صفت مذڪر | ڏگهن ڪنن وارو ٻڪر. (جمع: لاپڙا) |
| لاپِسي: | اسم مؤنث | مٺائيءَ جو هڪ قسم، ڪڻڪ جي اٽي جو پٽڙو شيرو حلوو. (جمع: لاپسيون) |
| لاڙ: | اسم مؤنث | پاچاريءَ جي هيٺين ڪاٺي، ترهٽ، ترهاٽ. (جمع: لاڙون) |
| لارِي موٽر: | اسم مرڪب | گاڏي، مشين واري گاڏي |
| لاڪاس: | حرف جر | هُن لاءِ |
| لالانِگرو: | اسم مذڪر | (1) آڳانڊو (2) سيل (3) لاڙو رَغبت (4) دل جو نرم. (جمع: لالا نِگرا) |
| لالانگهڙو: | اسم مذڪر | آسرو آٿت، تعلق، واسطو. |
| لالِڪاڻيون: | اسم مؤنث | سارين جو هڪ قسم. |
| لانءِ پانءِ: | اسم مرڪب | واسطو وڙو تعلق. |
| لانڊارو: | صفت مذڪر | مسخرو مزاحيہ. |
| لانڪ: | اسم مؤنث | گوڏ جو ڪپڙو اجرڪ يا چادر (اگهاڙ مٿان ٻڌل)، پاڙ منجهہ منجهو. (جمع: لانڪون) |
| لانٺون: | صفت مذڪر | معمولي، سادو گهٽ قيمت وارو. |
| لانٺيرو: | اسم مذڪر | اڙهي رنگ جي گندي، جيڪا خاص ڪري ڪتي ڪنوار کي لانئون ڏيڻ وقت اوڍائين. |
| لاءِ لَشڪر: | اسم مرڪب | (1) پنهنجي آفيسرن ۽ سامان وغيره سميت هڪ فوج يا ڪٽڪ (2) ڪڙم قبيلو. |
| لَب: | اسم مؤنث | لالچ، هيڇ، حرص. |
| لَباڪو: | اسم مذڪر | (1) ننگ، شرم، حَيا، حرمُ لَڄ، مرجاتا (2) لِيو جهاتِي، لِيئو. (جمع: لَباڪا) |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| لَباچو: | صفت مذڪر | گَدِلو ميرو گچيلو ڪِنو غليظ (جمع: لَباچا) |
| لَباٽو: | صفت مذڪر | (1) لابارو ڪندڙ لايارو لاهيارو (2) ڪاٺيون وڪڻندڙ (3) جلائو (ڪاٺيون وڪڻندڙ جي هڪ ذات). (جمع: لَباٽا) |
| لَپو: | صفت مذڪر | جانورن جو هڪ قسم (ڳن ڍريل). (جمع: لَپا) |
| لِپو: | صفت مذڪر | ڏندن پڳل يا ڏندن اڪڙيل، پٻو ڦدو. (جمع: لِپا) |
| لَتَ: | اسم مؤنث | ٽُڏو نوڪر، تنگ سان ڏڪ، ٽَونٽِي، پشتاڙ اِٽ، چڙهِي، اُٿيڙ اُچل، پير جو زور دبڪو آهٽ. (جمع: لَتون) |
| لَتاڙ: | اسم مؤنث | (1) لَتون ڏيڻ واري حالت، چِپ، چَپيٽ، ڳوهہ (2) ڳوهيل. (جمع: لَتاڙون) |
| لَتڙ پتڙ: | اسم مرڪب | (1) هيٺ مٿي، اُبت شبت (2) ليٽ پيٽ، اُلٽ پلٽ. |
| لَتاڪو: | اسم مذڪر | جهيڙو واڙائي. (جمع: لَتاڪا) |
| لَتاڪو لاهڻ: | محاورو | ڪنهن ڪم مان واندو ٿيڻ. |
| لتڪائڻ: | فعل لازمي | ڪُتي جو پچ لوڏڻ. |
| لِتڪو: | صفت مذڪر | نزاڪت پريو زيب آور. (جمع: لِتڪو) |
| لِتِڪو: | اسم مذڪر | (1) جادو سِحر، افسون، منتر، جنتر، ٽوٽو ڦيٽو جادوءَ جي موٽ (2) محبت جو عمل، ڪنهن کي گرفتار ڪرڻ جو عمل، موهني، شعبده، ڪرتب، هٿ جي چالاڪي، عياري، مڪر، فن، فريب (3) چُٽڪو چوٽي، منيون ڳالهيون. (جمع: لِتِڪا) |
| لَتو اوڇڻ (ليڙو): | اسم مرڪب | ڪپڙو لباس، پوشاڪ پهراڻ. |
| لُپري: | اسم مؤنث | (1) ڦُٽ ڦُرڙيءَ تي ٻڌڻ لاءِ ڳهاٽي اٽي رڌل دوائن جو شيرو زخم تي ٻڌڻ لاءِ ڳهاٽي اٽي رڌل دوائن جي لئِي، پوٽيس، ليپ، ضماد، پلستر، چيڙي، ليوڙو لُپڙي لئِي، لڳدي (2) لُبدي (جمع: لُپريون) |
| لِچڪ: | اسم مؤنث | (1) لوڏ، جهڪ، چيلهہ ۾ ور پوڻ جي حالت (2) لرزش، جُنبش، جهٽڪو چِڪ، ضرب، هِچڪي. (جمع: لِچڪون) |
| لِچڻُ: | اسم مذڪر | گاهہ جو قسم جو ڪاري طرف ٿئي. |
| لِچو: | اسم مذڪر | بندوق جو ڪان (تقدير لوڏي، وڏو ڪري، هٽي لِچي سان ليٿائي). (جمع: لِچا) |
| لَچ لَچ: | اسم مؤنث | نُوس نُوس ڪرڻ جي حالت در در ڦرڻ جي حالت. |
| لَچ لَچ ڪرڻ: | محاورو | دردر ڦرڻ، نوس نوس ڪرڻ. |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| لِڄَ: | اسم مؤنث | ٿورو اڻ لکو تعلق. |
| لِڇمي اِيندِي لَڇڻَن سان: | چوڻي | دولت ڪمائڻ لاءِ محنت جي ضرورت جي حوالي سان چيو ويندو آهي. |
| لِڇمي ٿڏهن وَڃي جَڏهن لَڇڻ وَڃَن: | چوڻي | دولت وڃائڻ ۽ ذاتي اوڻاين جي موقعي تي چئبو آهي. |
| لَڇمي وَڃي پر لَڇڻ نہ وَڃَن: | پهاڪو | دولت کان اخلاق ۽ عزت جي اهميت وڌيڪ ڏيکارڻ لاءِ چيو ويندو آهي. |
| لِدڙو: | صفت مذڪر | نرم، ڳنڀرو رَبڙو ملائم سوکيم. (جمع: لدڙا) |
| لَڏائِڻ: | فعل متعدي | (1) بار ڪٽائڻ، گاڏي بار سان ڀرائڻ يا گاڏيءَ ۾ بار وغيره رکائڻ (ڪنهن کي) شهر يا ڳوٺ مان ٽپڙ ڪٽائڻ، لوڏي ڪيڻ، هڪالڻ (2) شهر نيڪالي ڏيڻ، ڀڄائڻ. |
| لُڏُ: | صفت مذڪر | (1) هٿاوڙو دادلو چريو ڪيچل ڪندڙ ڪيچلو (2) چور (ڪتو)، چور (3) رول (4) هر هنڌ نوسيندڙو ڪتو. (تون تہ لُڏِ ڪتي وانگر منهنجي پُٺِ ئي نہ ڇڏيندين). (جمع: لُڏَ) |
| لَرِلَرِ: | اسم مؤنث | بڪواس، زبان درازي |
| لُري: | اسم مؤنث | (1) گهٽي لُڪَ (2) اجائِي هَبَڄَ. (جمع: لُرِيُون) |
| لَڙدڪ: | صفت مذڪر | وڏو لنبو ڊگهو. (جمع: لَڙدَڪَ) |
| لُڙڪڻ: | فعل لازمي | لڙڻ، جهمڻ، نِمڻ، سارين جي سنگن جو هيٺ نِمڻ. |
| لَڙهَڻ: | فعل متعدي | گهوٽڻ (حمام دستي ۾ ڪا شَتي ڦَڪي گهوٽڻ). |
| لَڙهہ لڳڻ: | محاورو | ڪنهن جي ٻَناڪ تي لڳي وڃڻ. |
| لَڙهِ: | اسم مؤنث | ڪتي ڄُرڻ وقت رنگ جا ٿانوَ مٿان جيڪا ڳوڻ يا پُراڻي ڪپڙي جو ٽُڪرو ڍڪڻ لاءِ رکن ان کي پنهنجي فني زبان ۾ "لَڙهہ" چون. |
| لَڙهو: | اسم مذڪر | تپ جو جهٽڪو هاڪو تپ، تپ جو عزم. (جمع: لَڙها) |
| لَڙهو هڻڻ: | محاورو | (1) ڪوڙ ۽ گشو هڻڻ (2) ڪنهن کي ٺڳڻ لاءِ غلط بيان ڪرڻ. |
| لَڙهو: | اسم مذڪر | وڏي لٺ، جيڪا تازي وڊيل هجي. |
| لَڙهِي: | اسم مؤنث | هار سنگهر، لڙهہ سَرِ، موتين سان پُوتل ڌاڳو. (جمع: لَڙهِيُون) |
| لَڙهِيو: | اسم مذڪر | پَن جو ننڍو پڙچ. |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنیٰ |
|---|---|---|
| لُسُ: | صفت مذڪر | خُسِرو ڪسرو ڪُس، گنجو ٿُرِڙُ بنا ڏاڙهي مُڇ وارو. (جمع:لُسَ) |
| لُسو: | صفت مذڪر | جنهن کي ڏاڙهي بلڪل نہ اچي، لُڳڙو ڊِلو. (جمع:لُسا) |
| لِسو: | صفت مذڪر | بي لذت، اڻ سوادي (ڪاڙو). آلُوڻو بي سواديو بي ذائقو بي لذتو بي لطف، ڦِڪو. (بيماريءَ ڪري وات لِسو ٿي پيو اٿم). (جمع:لِسا) |
| لَسِي: | اسم مؤنث | جهَڙُ لُڙات، ملَهار. (جمع:لَسِيُون) |
| لِقَ: | اسم مؤنث | گهٽي ڪم ڪرڻ ڪري گاٺ يا گَهَڪي ڪان ٿي پيل ڦوڪٽو ڦلوٽو ڦلوڪٽو ڦلٽو ڦوڦيندو لِف. نِقَ. (جمع:لِقُون) |
| لِقِڙ: | اسم مؤنث | ٻاڄيءَ جو هڪ قسم. |
| لِقو: | صفت مذڪر | پٻو ڏندن ٻگل (ماڻهو). (جمع:لِقا) |
| لُڪندَرُ: | صفت مذڪر | لُچ، بدمعاشُ، ترڙو آڊنگو بد فضِيلتُ. (جمع:لُڪندرُ) |
| لُڪَ: | اسم مؤنث | (1) لُڪَ، جهولو گرم واءُ، گرم هوا، لُوءِ، لُوهہ (2) اُڃَ، پياس (3) ڳڻتي، ڏک، فڪر، مانداڻي، درماندگي، انتظار. (جمع:لُڪُون) |
| لِڪَ: | اسم مذڪر | ذرو ٿورو معمولي. |
| لَڪَ: | اسم مؤنث | ملاح ۽ درياءَ جا ماڻهو مڇي ڏسڻ کي لَڪَ چون. |
| لَڪو: | اسم مذڪر | (1) نشان، وات ڏيکاريندڙ ڪڇ ڏانهن وڃڻ واري رستي ۾ ڪڇ جي رڻ ۾ وات سڌي وڃڻ لاءِ لڳل ٿنڀا يا پٿر (2) مال (ڍڳن وغيره) جي مالڪي ڏيکارڻ لاءِ مال کي ڪنن ۾ ڏنل وڍا، وڍ. (جمع: لَڪا) |
| لَڳِلامُ: | اسم مذڪر | ڪاڏي جي شين ترڻ لاءِ هڪ پاسي ڳن واري تئي جو هڪ قسم، ڪٽڇي. (جمع: لَڳِلام) |
| لڳا لُونگ آڪيُن ۾ ڄَعفر وَيا وِسرِي: | چوڻي | وڏي تڪليف اچڻ ڪانپوءِ ننڍ وسري وڃڻ جي حوالي سان چيو ويندو آهي. |
| لَڳتُو: | صفت مذڪر | (1) ٽوڻي، ڪاهل، ڪم چور (2) سست (3) گندو غليظ، ميرو ڪِنو. (جمع: لَڳتا) |
| لَڳتو: | اسم مذڪر | لڳت، جماع. (جمع: لَڳتا) |
| لَڳِدِي: | اسم مؤنث | وَجهہُ موقعو جهَٽِي، ٻُلُ. (جمع: لَڳِدِيُون) |
| لِڳَ: | اسم مذڪر | بَدن، هي لفظ ماڇر، ڪڪرالي ۽ ڪاري طرف عام آهي. |
| لَل: | اسم مذڪر | ڪرم، ڪم، عمل. |

# م

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| ماتِرائِڻ: | فعل متعدي | (1) پرچائڻ، ڏاڏرائڻ، تاترائڻ (2) ہار کي ضد تان لاهڻ. |
| ماٽامَ: | اسم مؤنث | ڪنهن بہ جانور جي مٿي واري کَلَ، ماٽامو. |
| ماٽامو: | اسم مذڪر | سِرُ، گنجو مٿو ڪوپري، گابي يا ڇيلي جي مٿي جي چمڙي، ماٽام. (جمع: ماٽاما) |
| ماٿورُ: | صفت مذڪر | (1) لاچار محتاج، اپاهج، اڪاجُ، معذور (2) سست، توتي (3) ڍولو (هلڻ ۾)، ڍِرو. |
| ماٽو: | اسم مذڪر | شراب جو مٽ. (جمع: ماٽا) |
| ماٽِڙو: | اسم مذڪر | جيت جو هڪ قسم پاڻيءَ جي مٿاڇري تي ترندڙ هڪ ننڍڙو جيتُ، شهہ تارُو. (جمع: ماٽِڙا) |
| ماٽِيڙو: | اسم مذڪر | ماٽِيڙ. (جمع: ماٽِيڙا) |
| ماٽِ ماٽوڙو: | اسم مرڪب | چُپ چَپات، خاموشي. |
| ماٺِر: | اسم مؤنث | (1) ماٺ، ماٺار (2) بي همٿي، سستي. |
| ماپَ ساپ: | اسم مرڪب | |
| ماچِي: | اسم مؤنث | شاديءَ ۾ ڪنوار جي طرف جا ماڻهو. (چاچي ماچي چج مڙي ريجهي آيو راج). |
| ماچ: | صفت مذڪر | لوهارن جي محاوري ۾ ڏنوڻ منڊڻ لاءِ ڪاٺ جو چوُنڪو. (جمع: ماچ) |
| ماچ: | اسم مؤنث | تولهہ، سوچ، طاقت. |
| ماچانڊي: | اسم مؤنث | ڪاوڙ غضب چِڙَ ناراضگي. (جمع: ماچانڊِيُون) |
| ماچوڪڙ: | صفت مذڪر | جهٽ پٽ تلهو ٿيندڙ ماچ کائيندڙ. |
| ماچُو: | اسم مذڪر | ڪچا پيرون، ساوا پيرون. (جمع: ماچُو) |
| ماچو: | اسم مذڪر | گهوڙن جي بيماري، جنهن ۾ گهوڙو هڪ پير کان منڊو ٿي پوندو آهي. |
| ماڏُ: | اسم مذڪر | شڪست ڏنل، هارايل. (جمع: ماڏا) |
| ماڏيءَ مُنهُون: | صفت مذڪر | زالاٽي منهن وارو جنهن جي منهن ۾ حشمت نہ هجي. |
| مارَ: | اسم مؤنث | (1) مينگهواڙ چمڙي کي صاف ڪرڻ لاءِ ان کي چوڏن جي پاڻيءَ ۾ وجهي رکندا آهن. مٿان چمڙو تنگيل هوندو آهي ۽ هيٺ هڪ ڪونڊي ٺاهيندا |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنىٰ |
|---|---|---|
| | | آهن (2) ان کي مار چئبو آهي، اها مار گهر کان پرپرو ٿاهبي آهي. |
| مارِڪُ: | اسم مذکر | نشان، اُهڃاڻ، پتو پارُ. (جمع: مارِڪَ) |
| مارڪو: | اسم مذکر | (1) منڊپ، چاوڙي (2) مجلس، رهاڻ، ڪچهري، اوراڪو (3) ڳائڻ وڄائڻ جي مجلس (4) نشان (5) جو ڳوٺين ۾ ڳنڍڙين تي سڃاڻپ لاءِ لڳائيندا آهن. (جمع: مارڪا) |
| ماروڙُ: | صفت مذکر | شچر (وَهِٽُ). (جمع: ماروڙ) |
| مارِيءَ جي گهرُ هَڏا: | چوڻي | چور ۽ ظالم جو ظلم ۽ چوري لڪي نہ سگهيا آهن. |
| ماڙهو: | اسم مذکر | ماڻهو فرد. |
| ماڙو: | صفت مذکر | مڇرداني جي پڏڻ لاءِ ڪِهي. (جمع: ماڙا) |
| ماسِي سَيائي دَم پَنهنجي دَم پَرائي: | چوڻي | ٻئي جي سگهہ ۽ طاقت تي پاڙڻ جي موقعي تي چئبو آهي. |
| ماڪ ساڻ (پاڪ): | اسم مرڪب | ڦوڳ، ڏنڌ. |
| ماڪُ: | اسم مذکر | تمام چڳيءَ طرح ۽ سنو ڦرنڌڙ لاٽونءَ. (جمع: ماڪَ) |
| ماڳونو: | اسم مذکر | هنڌائتو ڏڪ. |
| مال تي مِنائي پَنڌ تي پاڙو: | چوڻي | مهارت جي مطابق اُجرت جي مقرري جي حوالي سان چئبو آهي. |
| مال مايا: | اسم مرڪب | ڌن دولت، مال ملڪيت. |
| مالِهارو: | اسم مذکر | پاٽيءَ جي جيت جو هڪ قِسم. (جمع: مالَهارا) |
| مالِهہ وارَڻ: | محاورو | مالَهہ پَچَرَڻُ. |
| مالِهي: | اسم مؤنث | ڏندن جي پاڙ مالِي، ٿهار. (جمع: مالِهيُون) |
| مالِي: | اسم مؤنث | مالهي. (جمع: ماليُون) |
| ماما چاچا: | اسم مرڪب | مِٽ مائٽ، عزيز رشتيدار. |
| مامِرو: | اسم مذکر | مصيبت، آپدا، آفت. (جمع: مامِرا) |
| مامُوري: | اسم مؤنث | تپ جو هڪ قسم. |
| ماميڇ: | اسم مؤنث | عوض، بدلو اُجورو. (جمع: ماميڇُون) |
| مانجهِلِي: | اسم مؤنث | سُگهٽي. |
| مانڊِ: | ظرف مڪان | (مهند)، اڳ. |
| ماندان: | ظرف مڪان | (مهندان)، اڳيان. |
| ماندري: | صفت مذکر | همراهہ ساٿي. (ماندري وارو ڪر، هي بار تہ کڻاءِ). |
| ماندوڻون: | صفت مذکر | اڳوڻو پهريون، سابق. |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| ماندِيون: | صفت مذڪر | اڳيون، پهريون، سابق. |
| مانگ: | اسم مؤنث | لاڏ، چاڳ، نخرو ماڻو ناز ادا. (جمع: مانگون) |
| مانگڙاتِ: | اسم مؤنث | مهانگائي(جمع: مانگڙاتون) |
| مانگِيڙو: | اسم مذڪر | لاڏلو چاڳلو نخريلو ريجالو. (جمع: مانگيڙا) |
| مانهِندُ: | اسم مذڪر | ماهِيندُ. (جمع: مانهِندَ) |
| ماوَل: | اسم مؤنث | رڇ جو هڪ قسم، ننڍي پر ننڍو رڇُ. (جمع: ماوَلون) |
| ماهيِڙ: | اسم مذڪر | (1) مينهون ڏاريندڙ (2) لاڙ ۾ رهندڙ هڪ ذات. جيڪي پاڻ کي منڌرن جي هڪ شاخ (اوڙڪ) سڏائين ٿا. |
| ماهِيندُ: | اسم مذڪر | چوپائي مال جي ڳچيءَ ۾ ٻڌل گهٽين ڳنڍيين وارو رنگين ڌاڳو ڳانو. (جمع: ماهِيندَ) |
| ماءُ ڪِجي ڏيءَ ڪي ڏيءَ ڪِجي ڏِڪن لاءِ: | چوڻي | ماءُ کي ڏيءُ سان پيار ۽ تعلق جي حوالي سان چيو ويندو آهي. |
| ماءُ وِيامي هِڪ پيرو ڙَبان وِيامي سئو پيرا: | چوڻي | ڪا شيءِ وجود ۾ هڪ ئي دفعو اچي ۽ اُن جو ذڪر بار بار ٿئي، تہ ان موقعي تي چئبو آهي. |
| مائِٽَ مري وَڃن، پر مڃيجِي نہ مرن: | چوڻي | شڪ ڏيڻ وارا هليا ويندا آهن. پر حال احوال ڏيڻ وارا سدائين پيا ايندا ويندا آهن. |
| مائِڇو: | اسم مذڪر | (1) واڍڪي اوزار جو هڪ قسم، ماهِيڇو (2) ماهيڇي سان ڪڍيل ٻِتي لِيڪ. (جمع: مائِڇا) |
| مائِگَرُ: | صفت مذڪر | رنگ اُٺ جو. |
| مائِي: | اسم مؤنث | ماتا، ماءُ، آما. |
| مايا ڇايا: | اسم مرڪب | ڌن دولت، مال ملڪيت. |
| مَتِ پِتِ (پِيدِ): | اسم مرڪب | عقل، سوچ سمجهہ. |
| مَترائِڻ: | فعل متعدي | نڳارڻ، لالچائڻ، دلبو ڏيڻ، ريبڻ. |
| مُتَقِي: | صفت مذڪر | لاڙ ۾ هن لفظ کي اصل معنيٰ سان گڏ ٻي معنيٰ بہ آهي، ڪو ماڻهو مسلسل هڪ ڪم ڪندو رهي تہ چون: "هُو متقي هي ڪم ڪندو رهي ٿو". يعني نماز وانگر. |
| مَتِوالو: | صفت مذڪر | (1) مستيءَ وارو مست، چريو مستانو آنمَتِ، پاڳلُ، ڪِيو ديوانو آنانُ، مجنون، سودائي، خَقاني، دماغ ڦِريل، وائيسر ڦريل، جُنوني (2) مدهوش، مخمور، خماري مؤجِي. (جمع: مَتِوالا) |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنیٰ |
|---|---|---|
| مِٽُون: | اسم مذڪر | ڪاري جي مڇيءَ جو هڪ قسم (سنهڙن چلرن سان، چمڪندڙ قد ڏيڍ انچ يا ٻہ انچ، رنگ اڇو). (جمع: مِٽُون) |
| مِٽَ: | صفت مذڪر | لُچائي نہ ڪندڙ غريب، سانتيڪو ٿانهريو. (جمع: مِٽَ) |
| مٿارَ پوڻ: | محاورو | (1) مٿي ۾ سور پوڻ (2) مٿي ۾ عادتي (پوندڙ) سور جو پوڻ. |
| مٿارَ: | اسم مؤنث | مٿي جو سور، درد سِر. (جمع: مٿارُون) |
| مٿاڪِرو: | صفت مذڪر | مٿو هڻندڙ ماڪت ڪندڙ محنت. (جمع: مٿاڪرا) |
| مٿڙُ: | صفت مذڪر | اڳواڻ، مهندار. (جمع: مٿڙَ) |
| مِٿَنُ: | صفت مذڪر | غافل، ڳهيلو. (جمع: مِٿَنَ) |
| مٿي تي مِينهُن وَسائِڻ: | محاورو | بي آجهي هجڻ، بنا ڪنهن پناهہ جي هجڻ، ڪنهن بہ اوٽ ڪانسواءِ هجڻ، ڪو بہ گهر ٺڙ نہ هجڻ. |
| مٿي جو ڏاڍو ٿيڻ: | محاورو | (1) ڄٽ ڦِٽ جو ڏاڍو ٿيڻ (2) بي شعور ٿيڻ (3) بي حيا ٿيڻ (4) سخت دل ٿيڻ (5) هنيلو ٿيڻ، ضدي ٿيڻ. |
| مٿي ڄي مِرڳهي لاهِڻ: | محاورو | دماغ مان واهيات خيال ڪڍي ڇڏڻ، ماٺيپي جي قطار ۾ ڪرڻ. |
| مٿي ۾ اُٺ وِهارَڻ: | محاورو | ڪوڙي ڳالهہ تي ڀروسو ڪرڻ، ڪنهن بہ ڳالهہ تي ڳنڊ ٻڌي ويهڻ، ضد ڪرڻ. |
| مٿي ۾ ڀُوت وِهارڻ: | محاورو | (1) ڪوڙي ڳالهہ تي يقين ڪرڻ (2) ڀرم يا سنسو رکڻ، بي وقوف ٿيڻ، بي عقل ٿيڻ، جاهل ٿيڻ، چسو ٿيڻ، مورک ٿيڻ. |
| مٿي ۾ مرڳهي اچڻ: | محاورو | (1) گهڙيءَ گهڙيءَ خيال اچڻ، پَل پَل ۾ پُور پوڻ (2) سودائي ٿيڻ (3) چريائپ جا خيال ڏيکارڻ. |
| مٿي مُون ڪِنجهين ٿُون: | چوٽي | تڪليف هِڪ کي روئڻ پٽڻ پئي جو هُجي، تہ ان حوالي سان چيو ويندو آهي. |
| مٿيرُ: | صفت مذڪر | (1) هنيلو سرڪش (2) بهادر جوڌو جوان. (جمع: مٿيرَ) |
| مٽاءُ سٽاءُ: | اسم مذڪر | وار ڦير، بدل سدل، واري ڦيري ڏي وٺ، مٽا سٽا. |
| مٽالو: | اسم مذڪر | (1) مٽا، مٽ (2) بدَل. (جمع: مٽالا) |
| مٽرو: | صفت مذڪر | ڦَرَ تي نہ مڙندڙ چوپايو ڪَترَ. (جمع: مٽرا) |
| مِٽَڪُ: | اسم مذڪر | (1) شيءِ، وٿ، ٽوڪُ (2) شيءِ جو ننڍڙو ٽُڪر. |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| مرد مئير: | صفت مذکر | پھلوان، طاقتور، سگھارو. |
| مردن کانسواءِ کي ويھون ٽيون: | چوڻي | همت وارا ماڻھو ئي کو چڱو کم يا کارنامو سرانجام ڏئي سگھن ٿا. |
| مِرزو: | اسم مذکر | ڳُھه جو هڪ قسم. (جمع: مِرزا) |
| مُرڙو: | اسم مذکر | (1) خيال، ويچار اونو ڳڻتي، اُڪو اُلڪو انديشو فکر (2) ڊپ، خوف، ڀؤ. (فلاڻي کي مُرڙو ئي کونهي). (جمع: مُرڙا) |
| مِرگھيل: | صفت مذکر | بيمار مرڻ جهڙو. |
| مرڪ: | اسم مؤنث | بيڙيءَ جو هڪ عضوو سڙھه کي اڏ مان (واءُ جي جهل لاءِ) جهلي بيهندڙ رسو. (جمع: مرڪون) |
| مِرڪي: | اسم مؤنث | (1) مڪڙي (2) سنهون ٽُنگ (جمع: مِرڪيون) |
| مرگ: | اسم مؤنث | مڇيءَ جو هڪ قسم. |
| مِرگھہ: | اسم مذکر | جانور جو هڪ قسم مِرگ، هرڻ، آهو روجهه، هَراڪ)، چڪارو چيڪارو. (جمع: مِرگھا) |
| مِرليٽ: | اسم مؤنث | هڪ ڦَر تان هٽائي ٻئي ڦَر تي ميڙيل چوپائي (مينهن، ڍڳي وغيره). |
| مرھڻ: | فعل متعدي | معاف ڪرڻ (فلاڻي کي خدا مرهي). |
| مرھي: | اسم مؤنث | (1) رونبي ڪرڻ لاءِ سارين جي ٻيجي جو هڪ ٽيلو (2) ڏند جي پاڙ وارو گوشت، مهاري (3) مينهن جي ويامڻ وقت (ڏيهري ڪيڻ کان اڳ) رت پِت جا تاندورا، مريا (4) ٻڪريءَ جي ڏاس مان نهيل خرزين، مرئي. (جمع: مرهيون) |
| مروڙڻ: | فعل متعدي | زور سان موڙڻ. |
| مروڙ: | اسم مؤنث | پيچش، آنٽي (جمع: مروڙون) |
| مروو: | اسم مذکر | خوشبودار ٻوٽي جو هڪ قسم نازبو ڦُلُ پتي. (جمع: مروا) |
| مري: | اسم مؤنث | پور ويچار ڳڻتي. |
| مري ڳري (ڪَپي): | محاورو | ڳڻتي ۽ فڪر ماڻهوءَ کي ڪمزور ڪري ڇڏين ٿا. |
| مري مري مصري جاٿو تنهن مان بہ اڌ پرائو: | چوڻي | گهڻي محنت ڪانپوءِ ڪو ڦل ملي ۽ اهو اڌورو هُجي تہ ان موقعي تي چئبو آهي. |
| مريو: | اسم مذکر | (1) بيڙيءَ ۾ ڪم ايندڙ هڪ رسو (2) سِڙهہ جي زور جهلڻ لاءِ واڏ ۾ ويڙهہ کي ٻڌل واجهہ. |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنیٰ |
|---|---|---|
| مڙس تہ پاڳُ نہ تہ ڄاڻيي جو ساڳُ: | چوڻي | تقدير ۽ نصيب جي اٽل هئڻ جي موقعي تي چئبو آهي. |
| مڙس تہ ويڙ: | چوڻي | ماڻهو بهادري جي لازم ملزوم هئڻ جي حوالي سان چيو ويندو آهي. |
| مڙُسالو: | اسم مذڪر | مڙس، مرد. (جمع: مڙسالا) |
| مڙهو: | صفت مذڪر | (1) پوڙهو ڪمزور (2) مڙهہ (مردي) جهڙو. |
| مڙهو: | اسم مذڪر | جهنگل وارو علائقو (هي لفظ خاص ڪري ماڇر، ڪڪرالي ۽ ڪاري طرف ڳالهائجي). |
| مڙو: | اسم مذڪر | (1) مر، لاشو لاش، مردو مئٺ، لوٿ، جنازو مڙدو ميت (2) سست ماڻهو (3) ڏبلي، ڏِڪ، آسترڪاري (بندوق وغيره جو) (4) ڪِپ، مِياڻ (ترار يا ڪاتيءَ جو) (5) چمر جو پوش (مياڻ وغيره تي). (گاجرا) (6) رهڻ جي جاءِ، ماڳ، مڪان، مُقام آستانو نِڪاڻو هنڌ، جڳهہ. (جمع: مڙا) |
| مس پس: | اسم مرڪب | |
| مُسائِڻ: | فعل متعدي | (1) قِناڻ، ڏاهڻ، بگاڙڻ (2) تُلف ڪرڻ، ناس ڪرڻ، کُٽائڻ، اُجاڙ ڪرڻ، چَٽ ڪرڻ، نابود ڪرڻ، ويران ڪرڻ (3) سخت تڪليف ڏيڻ (4) مارڻ (5) مجرم ڪرڻ، ڏهاري ڪرڻ. |
| مسحُ ڪَرڻ: | محاورو | (1) سَرَ ڪيڻ (2) وضو ڪرڻ (3) طهارت ڪرڻ. |
| مِسرِي: | اسم مؤنث | بيڙيءَ جي محاوري ۾ ڪَپيءَ ۾ وچ تي لڳل لوهي ڪلي. (جمع: مِسرِيُون) |
| مُسڙِي: | اسم مؤنث | ڏاڙهي، سُونهاري، رِيش (مرد نڪرندي مُسڙِي، آسِتي آره سَٺَ). (جمع: مُسڙِيُون) |
| مسِڪڙو: | صفت مذڪر | ظاهر نماڻائي ڏيکاري ۽ خوشامد ڪندڙ اندر ۾ چالاڪ. |
| مُسڪو: | صفت مذڪر | ميڇيءَ جو هڪ قسم. (جمع: مُسڪا) |
| مِسِي: | اسم مؤنث | ڪِپهڙي (جمع: مِسِيُون) |
| مسِيت: | اسم مؤنث | مسجد (اڪثر مِسِيتِ بہ چون). |
| مسِيتڙي: | اسم مؤنث | فراسين جي چِٽِن جو هڪ قِسم. |
| مِضراب: | اسم مؤنث | ضربَ. (جمع: مِضرابُون) |
| مڪَ: | اسم مؤنث | ڳِهہ جو هڪ قسم. |
| مڪَ: | اسم مؤنث | ننڍڙا پيرون، ننڍا رنگ رنگيلا پيرون. |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| مڪو مچڻ: | محاورو | مزو لڳڻ. جيئن چڙواڳيءَ سان سڀ ڪجھ ڪري سگھجي. |
| مڪولڻ: | فعل متعدي | ملڻ، مهٽڻ، لائڻ، لڳائڻ، ٻرڻ (هٿ وغيره). |
| مک چَکِ: | اسم مرڪب | هار سينگار، ڦٽي ڦوڪارو. |
| مُکبو: | اسم مذڪر | ڍڪ وارو ٿانءُ، خاص طور ڪاٺ جو چٽيل مرتبان. |
| مُگُ: | صفت مذڪر | ڪُندفهم، ڏڏُ، موگو. (جمع: موڳ) |
| مُگِلِي: | اسم مؤنث | (1) ڏُڪِي، مُگري، ڏُونگري (2) مُترڪِي، هَتوڙي (جمع: مُگِلِيُون) |
| ملائي: | اسم مؤنث | ٿڙ، پِڃي. (جمع: ملائيُون) |
| ملتَڻ: | فعل متعدي | گھر جي ڪم ۾ گيسر ڪرڻ ۽ ٺلهو وقت وڃائڻ. |
| مِلِگُورو: | صفت مذڪر | هلڪي طبيعت وارو هلڪڙو ٿرڙو ٿُوٺُ. (جمع: ملگُورا) |
| مَلَڻ: | فعل متعدي | (1) مهٽڻ، گُهَڙُ، رڳڙڻ، رهڙڻ (2) مالش ڪرڻ، ليپ ڪرڻ، مهٽي صاف ڪرڻ، ماڃڻ، مانجڻ، صاف ڪرڻ، صفا ڪرڻ، اجو ڪرڻ، ڌجائڻ، چلڪائڻ، چمڪائڻ، اُجارڻ، سينگارڻ (3) ڪُرنڊ هٽڻ (4) کُرڙڻ، کُرجڻ، رڳڙڻ، رڳڙوڪيڻ، گِيهٽڻ، گِسڪائڻ. |
| مِلهتڻ: | فعل متعدي | ناز سان هلڻ، نخري سان هلڻ، ڀار سان هلڻ. |
| مِلهڙو: | صفت مذڪر | مُنافق، دلجو کوٽو اندر جو پليت، مانيٽو پر اندر ۾ خراب، اندر جو ڪُنبو گِجهڙو. (جمع: ملهڙا) |
| ملَوائي: | اسم مؤنث | ٽڙي دڙڪو داب. |
| مُلُون: | اسم مذڪر | مڇيءَ جو هڪ قسم (چلرن سان. رنگ ڳاڙهيرو سچي ٻُت تي سائي رنگ جا ٽِڪا. (دوٽر جهڙو) منهن سنهون، پٽ ويڪري، فوٽ کان ڏيڍ فوٽ تائين ڊيگھه). (جمع: مُلان) |
| ممڙُ: | اسم مذڪر | جهيڙو لڙائي، جهڳڙو جنگ |
| مناڙڻ: | فعل متعدي | مهٽڻ، گسڻ. |
| مناڙي: | اسم مؤنث | پيڙيءَ جي اڳ ۾ پڳھه ٻڌڻ لاءِ ڪاٺ جو ڪوڙيل ڪِلو. (جمع: مناڙيُون) |
| مناڻ: | اسم مؤنث | (1) ڦُر نہ جهليندڙ چوپايو وهٽ (مينهن، ڳئون، ٻڪري، رڍ وغيره) (2) اٺلاڻ. (جمع: مناڻ) |
| مناوَڻ: | اسم مؤنث | مناڻ نٿ جو هِڪ قسم. |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| | | منگهيون) |
| منگهي: | اسم مؤنث | منگهہ، لوٽي، ڏکي، لاٽ. (جمع: منگهيون) |
| منگوچا مائڻ: | محاورو | (1) مزا ڪرڻ (2) خرچ ۾ بي اعتدالي ڪرڻ ۽ پئسو اُڏائڻ. |
| مُنگِري: | اسم مؤنث | ڏُگري، ڏونگري، ڏُکي، سؤنٽي. (جمع: منگريون) |
| مَنڻُ: | اسم مذڪر | نَٽ جو هڪ حصو (جنهن ۾ ڇيڙيون، پارڙا وغيره پون). (جمع: مَنڻَ) |
| مُنڻ: | فعل متعدي | جهنڊ لهرائڻ، وار ڪوڙائڻ. |
| منڻ: | فعل متعدي | ڪپڙن کي ڌوئڻ لاءِ ڪونڊيءَ ۾ يا داٻري تي مهٽڻ. |
| مُنهن اُونڌائي: | اسم مرڪب | سج لٿي مهل کان ٿورو پوءِ جو وقت. |
| مُنهن تي پلئوپائڻ: | محاورو | (1) روئڻ، روڄ ڪرڻ، پار ڪيڻ، اوسارڻ (2) اوچنگارون ڏيڻ. |
| مُنهن تي ٽراڙيون هارڻ: | محاورو | (1) عيب جوئي ڪرڻ، ڏوهہ گناهہ کولي پڌرا ڪرڻ (2) دل تراشڻ، آزارڻ، ڏکوئڻ. |
| مُنهن تي ٽلڪ ڏِيڻ: | محاورو | (1) منهن تي ليڪا ڪيڻ (2) عام اڳيان عيب جوئي ڪرڻ (3) راز فاش ڪرڻ. |
| مُنهن تي ٽوڪي ڏِيڻ: | محاورو | روڪ ٽوڪ چٽي ڏيڻ، روبرو سچ چٽي ڏيڻ، منهن تي ٺهڪائي ڏيڻ. |
| مُنهن تي ٽَڙُون هڻڻ: | محاورو | (1) روبرو طعنا مهڻا ڏيڻ، اورانيا ڏيڻ (2) سچ چٽي ڏيڻ. |
| مُنهن تي ٽامِڻي گهمائڻ: | محاورو | ڳالهين ۾ مياري يا حرفي ڪرڻ، ڪاٽيارو ڪرڻ. |
| مُنهن تي ٽانڊا ٻارڻ: | محاورو | (1) ٻارڻ ٻاري ڏيڻ، ستائڻ (2) ظلم ڪرڻ، ظلم مچائڻ. |
| مُنهن تي چاڙهڻ: | محاورو | روبرو ڪرڻ، منهن مقابل ڪرڻ، پيش ڪرڻ. |
| مُنهن تي چِٽ ڪيڻ: | محاورو | عام اڳيان سچ چٽي ڏيڻ. |
| مُنهن تي رُڪ چاڙهڻ: | محاورو | (1) منهن ۾ گهُنڊ پائڻ، شُوڪجڻ (2) جُٽ جي پرواهہ نہ ڪرڻ. |
| مُنهن تي گُلُ ڪيڻ: | محاورو | منهن تي چِٽ ڪيڻ. |
| مُنهن تي مارُون ڏِيڻ: | محاورو | (1) طعنا ڏيڻ، مهڻا ڏيڻ (2) اوپالا ڏيڻ. |
| مُنهن تي مِٽي | محاورو | (1) منهن ۾ تلهو تيڻ (2) ڦيڦو تيڻ، ڏَستو تيڻ. |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| مُوجو: | اسم مذڪر | ڪاري جي مڇيءَ جو هڪ قسم، ٻُوڦاڙُ. |
| موچيءَ جو گهڙيو موچيءَ جي مُنهن تي: | چوڻي | نقصان جو ازالو اُن جو ذميوار ئي ڪري سگهي ٿو. |
| موڃ: | اسم مؤنث | (1) ڦُرُ مري وڃڻ سبب بنا ڦر جي ڪير ڏيندڙ ڳئون، مينهن يا ٻڪري (2) وهڪيل (مينهن، ڳئون، ٻڪري وغيره). (جمع: موڃُون) |
| مور: | اسم مؤنث | پوٺي واري زمين، ڪاري وارا چون. |
| مور گهٽِئي سُهڻو پَر پير وِنگا: | چوڻي | چڱي شيءِ ۾ نقص ۽ عيب جي موجودگيءَ جي موقعي تي چئبو آهي. |
| مورِڪِي: | اسم مؤنث | چيلري مڇيءَ جو قسم. (ڊيگهہ فوٽ ڪن). (جمع: مورڪيون) |
| مورَڻ: | فعل متعدي | (1) وڻن جو اُپرڻ، ٻور جهلڻ، گوُنچ جهلڻ (2) ننڍي گاهہ جو ڦوٽهڙو ڪائڻ. |
| مُورَڻ: | فعل لازمي | اُپڙڻ، پيدا ٿيڻ (گاهہ جو)، پکيءَ جا کنڀ موڙڻ. |
| مورو: | اسم مذڪر | سُست ۽ ڦڪي طعام کي چون. |
| مورو: | صفت مذڪر | (1) مُنهن جو ڪچو ڪاڏي وقت حجاب ڪندڙ ڏور اچو (2) شاهہ ڀٽائي نڪ جو مرڻ بہ چيو آهي: وڍيا تان نہ وڃن، پاڻان موريا منهن ۾. |
| موري: | اسم مؤنث | ننڍي ڪسي، سوڙهو وهڪرو پل. (جمع: موريُون) |
| موڙ: | اسم مذڪر | اُٺ جي ڦقڙن جي هڪ بيماري |
| موڙهاڪ: | اسم مؤنث | هُرڪُر، شوق، جنسي ٻُک. |
| موڙهيو: | اسم مذڪر | پتڪو مولهيو. (جمع: موڙهِيا) |
| مُوڙو: | اسم مذڪر | ڪانن جي ٺهيل ڪُرسي، مُوڙهو ڍِڳيءَ جو ننڍڙو اوهڙ. (جمع: مُوڙا) |
| موڙي جِي ڳوٽِري: | اسم مؤنث | گهوٽ جي پتڪي ۾ ٻڌل سوپاريون وغيره پيل هڪ پرٽُ پريل ننڍڙي ڳوٽري |
| مُوسَلو: | اسم مذڪر | اَنُ ڇڙڻ جي ڪاٺ جو وڏو مُهِرلو مُهري، ڏَنڊو ڏوڪرو. (جمع: مُوسَلا) |
| مولُ: | اسم مذڪر | پيڙي جو هڪ عضوو ڪُوهي يا شِيخلي جي چوٽي، مورُ. (جمع: مولَ) |
| مولاٽو: | اسم مذڪر | اڌو ڦڌو پگڙ، پتڪو. |
| مُوئو: | اسم مذڪر | ڪکن يا اڳڙين مان ٺاهيل مُوئرو. (جمع: موئا) |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنیٰ |
|---|---|---|
| مِيگَهِي: | اسم مؤنث | ڦولهڙي، ڦوڳهي. (جمع: ميگَهِيُون) |
| ميلا ميل: | اسم مرڪب | اجتماع، ميڙ ميلو. |
| مِيمِي: | اسم مؤنث | دولت، ناڻو مايا. (مون وٽ مِيمي ٿوري ناهي، جيڪي خرچ اوهان کي ڪرڻو هجي سو ڪريو). (جمع: مِيمِيُون) |
| مِينگَ: | اسم مذڪر | مڇيءَ جو هڪ قسم (ڇلرن سان، رنگ اڇو بدن ۾ گول ۽ ڊگهو اڌ فوٽ کان ٻن فوٽن تائين). (جمع: مينگَ) |
| مِينگَرَ: | اسم مؤنث | مڇيءَ جو هڪ قسم (ڪِڳي جهڙو پُڇ سينگاري وانگر، بنا ڇلرن جي). (جمع: مِينگَرِيُون) |
| مِينهن پَنجين وُٺي ڪَرهَنجِين: | چوڻي | مينهن جي آمد ڪانپوءِ ۽ پنهنجو سامان هڙو سنڀالي رکڻ جي اهميت جي حوالي سان چئبو آهي. |
| مِينهن گهٽا ئي وُٺا پَر هِيڙيون گُپُون ڪڏهن ڪونہ ٿيون: | چوڻي | ڪنهن ماڻهو پاران احسان ڪري جتائڻ يا پاڻ پڌائڻ جي موقعي تي چئبو آهي. |
| مينهُن وَسي هِڪ دفعو ڇَنُو لَمي ڇَهہ پيرا: | پهاڪو | مينهن ۾ بار بار تڪليف ۽ مصيبت جي قائم رهڻ جي موقعي تي چئبو آهي يا فائدو هڪ دفعو ملڻ ۽ ان جي تسلسل ۾ بار بار نقصان ٿيڻ جي موقعي تي چئبو آهي. |
| مِيُون: | اسم مذڪر | مولوي جو لقب. (جمع: مِيان) |
| ميئَڪِي: | اسم مذڪر | ٽوپي يا سيبي جو هڪ قسم. |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| نِپُوٽُ: | صفت مذڪر | نافرمان. بي چيو ڪپوٽ. (جمع: نِپُوٽَ) |
| نِپُوڙِڻ: | فعل متعدي | ڪنهن شيءِ کي هٿ ۾ جهلي زور ڏيڻ (ڪو ٻارڙو تازي ڦُلن ڪڪڙ جي ٻچي کي هٿ ۾ زور ڏي ۽ نپوڙي). |
| نِپوسنگُ: | اسم مذڪر | مکي چوس. بخيل. ڪنجوس. (جمع: نِپُوسَنگَ) |
| نَدَ: | اسم مذڪر | نڌيچاڙي. ٻنهہ. صفا. (هُو ندَ ڏنگو آهي). |
| نِدَانُ: | صفت مذڪر | (1) نفعو فائدو (2) گراهڪ دوڪاندار سان ريڙهہ پيڙهہ ڪندي چوندو آهي: "ڪاوڙ لٿي، نيٺ ندان ڪيترو وٺندين". |
| نِراسَ: | اسم مؤنث | بغير انگن جي لَسِي ڪاٺي. |
| نِرجو: | صفت مذڪر | (1) ڏاڍو پاپڪو (2) نڪ جو ڏاڍو (جيئن چون فلاڻو نَڪ نرجو آهي. هي لفظ "نِرجو" بہ ڳالهائجي) (3) جٺ ڦٺ سهي ويندڙ بي شرم. |
| نُرڪو: | صفت مذڪر | بي چيو نافرمان. (جمع: نُرڪا) |
| نُرڪو: | اسم مذڪر | ڪسيءَ مان پاڻيءَ جي وهڻ لاءِ سنهون سوراخ. (جمع: نُرڪا) |
| نَرگهولُ: | صفت مذڪر | تمام ڊگهو قداور لنبو. (جمع: نَرگهولَ) |
| نُرندَ: | اسم مؤنث | ٻُوَنڪ. گير. (جمع: نُرندُون) |
| نِرهِہ: | اسم مؤنث | مايوسي. نااُميدي |
| نَڙُولُ: | صفت مذڪر | تمام ڊگهو لمبو. (جمع: نَڙُولَ) |
| نَڙ پيڙ: | اسم مرڪب | رش. گهڻائي. اڪثريت. |
| نَڙدُولُ: | صفت مذڪر | لَمبو تمام ڊگهو. (جمع: نَڙدُولَ) |
| نَڙِي: | اسم مؤنث | پکي جو هڪ قسم. ماناهہ پکي. (جمع: نَڙِيُون) |
| نَسائِيلُ: | صفت مذڪر | (1) نسن وڍيل. نپاڳو (2) ڪوڙو نابڪار. (جمع: نسائِيلَ) |
| نَسائِڻ: | فعل متعدي | ڳُسائڻ. تتائڻ. |
| نِسجڻ: | فعل لازمي | (1) سُسڻ. سوس ڪائڻ (ڦٽ وغيره جو) چٽي وڃڻ (2) ٻلجي وڃڻ. مُنجهڻ. |
| نَسُن جهڙيلُ: | صفت مذڪر | بي حيا. بي شرم. نِرلڄ. |
| نِسيو: | اسم مذڪر | سَرديءَ جي موسم ۾ جيڪڏهن ڏينهن تورو گرم ٿي وڃي تہ ان کي نِسيو چون. (هيءَ لفظ ڪڪرالي ۽ ڪاري جون عورتون گهڻو استعمال ڪن). |
| نَغِدي: | اسم مذڪر | فراسِيءَ جي چٽن جو هڪ قسم. (جمع: نغدي) |

| مکيه لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|

# و

| | | |
|---|---|---|
| وات جي ڀلاءِ کي داغ جي کهڙي ضرورت: | پهاڪو | وقت کانپوءِ تياريءَ جو ڪو فائدو ڪونهي، جيڪو نہ ٿيو سو وري نہ ٿي سگهندو. |
| واتِ رادو: | صفت مذڪر | گهڻو ڳالهائڻ وارو خاص طور وڙهڻ جهڙو ڳالهاءَ ڪرڻ وارو. |
| واتَ ڦاٽو: | صفت مذڪر | (1) پيٽ جو هلڪو (2) جيڪو بنا سوچ جي ۽ بي ترتيبيءَ سان ڳالهائي يا منجهس ڪو لڄڻ نہ هجي. |
| وات ڪرڻ: | محاورو | بڪ بڪ ڪرڻ. |
| وات وِجهڻ: | محاورو | وڙهڻ. |
| واٽ: | اسم مؤنث | الهندو طرف ۽ واءِ. (جمع: واٽون) |
| واٽ گڏيئي کان نالو ذات ضرور پڇجي: | چوڻي | سماجي تعلقات جي اهميت جي موقعي تي چئبو آهي. |
| واٽوڙيَن: | صفت مذڪر | واٽهڙن، رستي وارن. |
| واڄٽو: | اسم مذڪر | لوهارن جي اوزار جو هڪ قسم، مترڪيءَ جو هڪ قسم. |
| واڇا: | اسم مؤنث | (1) انجام، قول (2) واعدو وچن، ٻول، ڳالهہ، وائي (3) ساک، قسم، ڊوهي، آڻ، سُنهُن (4) نذر (5) واڌائي. (جمع: واڇائُون) |
| واڇي: | اسم مؤنث | مٺي پاڻيءَ جي مڇيءَ جو هڪ قسم (سنهڙا ڇلر، ڊيگهہ 4,3 انچ). |
| واڇان: | اسم مؤنث | پري ٻي سمجهہ، چوڻي آهي: ريس، ٻار کي ريس ڏيارڻ کي "واڌاني ڏيارڻ" چئبو آهي، ڇريون ڏيئي چار واڇان ورتيسين هڪڙي، تنهن جا کهڙا پار رسو ڪٽي تي ڇيٽا چوندي. |
| واڌ ويجهہ: | اسم مرڪب | نشو نماءُ. |
| واڊولو: | اسم مذڪر | گدامڙيءَ جي وڻ جو ڪچو پلڙو. (جمع: واڊولا) |
| وارڪائي: | اسم مؤنث | (1) فرصت، واندڪائي (2) آجائي، ڇوٽي. (جمع: وارڪائيُون) |
| واري وِجهڻُ: | محاورو | پرهيز ڪرڻ. |
| واڙو: | اسم مذڪر | پاسن کان جانار کان هيٺ وچ وارا 6,5 پاسا. (جمع: |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| | | واڙا) |
| واڙي واڙي: | محاورو | ٻڪرين کي وٿاڻ ۾ وجهڻ لاءِ ٻڪرار جي توار. |
| واسِرو: | صفت مذڪر | فرحت، ٿڌڪار (ضد: گُهٽ، رُڳهتا). |
| واڱڻ ڪِن کي وائي ڪِن کي بادِي: | چوڻي | هڪ ئي شيءِ جي فائدي ۽ نقصان جا پاسا برابر هُجن، تہ ان موقعي تي چئبو آهي. |
| وانتِرو: | اسم مذڪر | جنهن جون ٽنگون ڦڏيون هجن. (جمع: وانتِرا) |
| واندو ماٺهو آلي تي چٽي: | پهاڪو | بيڪار يا واندڪائي کان نفرت جو اظهار ڪيو ويندو آهي. |
| وانڍي ماڻهوءَ جي توڻِ ڪوٽي، وانڍي زال جو ڍِڳو ڪوڙو: | پهاڪو | ڪنواري زال يا وانڍي مُڙس کي اهميت نہ ملندي آهي. |
| وانرو: | صفت مذڪر | (1) مسخرو (2) خوش طبع. |
| وانڪِي: | اسم مؤنث | اباڻي ملڪيت. |
| واهہ ڙي ٻاٻڙا تنهنجي پٽ ۾ گيهہ: | چوڻي | ڪنهن ماڻهوءَ جي نصيب ۾ ڀاڳ کلڻ جي موقعي تي چئبو آهي. |
| واهِڙي: | اسم مؤنث | (1) بيل گاڏي وهائيندڙ گاڏي هلائڻ وارو (2) گاڏير. (جمع: واهِڙيون) |
| واهَندو: | اسم مذڪر | ننڍي ڪسِي. |
| واهڻ وَهي چا دٻائيندا درياءَ کي: | چوڻي | ننڍي شيءِ جي عروج سان وڏي شيءِ کي ڪو نقصان نہ ٿيندو آهي. |
| وائٽ: | اسم مؤنث | جاچ، خبر، کوج، پُڇا، دريافت، ڦول، ڍونڍ، تلاش، ڳول. (جمع: وائٽ) |
| واٺڪائي: | اسم مؤنث | ٿڌڪار ۽ واسرو ڪنهن جي راز جي ڳالهہ ظاهر ٿي پوڻ، جنهن سان سندس شخصيت تي اثر پوي تہ چون: "پٽ واٺڪي تي ويس". |
| وائي بادِي: | اسم مرڪب | (1) وائيءَ جي بيماري، اجايو ڳالهاءُ، اجائي، بڪوات، بي بنياد گشو (2) ناڪاميابي. |
| وَت: | اسم مؤنث | چاش، تمام گهاٽي رس. |
| وِتاڙڻ: | فعل متعدي | پاڙون پٽي ڇڏڻ، اُڇلائي ڦٽي ڪرڻ. |
| وَتاٽِي: | صفت مؤنث | آلي، پٽل، پُسيل. |
| وِترائي: | اسم مؤنث | (1) چلولائي، بڪ شڪ، گهٽو ڳالهائڻ (2) چترائي، چالاڪي. (جمع: وِترائيون) |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| وَٽ ڪرڻ: | محاورو | موسم جو ميوو پھريون کائڻ. |
| وَٽاپو: | اسم مذڪر | حاصلات (فلاڻي کي هن ڪم مان ڪھڙو وٽاپو آهي). |
| وِٽرو: | اسم مذڪر | وٽارو جوڻو اوبارو. (جمع: وِٽرا) |
| وُٽيءَ کي وَرَ گھٽا: | چوڻي | فائدي لاءِ تڪليف وڌيڪ سهبي آهي. |
| وِچا: | اسم مؤنث | اهليت، طاقت، چاڻ. |
| وِچُوبو: | اسم مذڪر | وچ ۾ پوندڙ ٻن رٺلن کي پرچائيندڙ. (جمع: وِچُوبا) |
| وِڇاڻُ: | اسم مذڪر | بسترو وڇاڻو. |
| وِچَٽُ: | صفت مذڪر | (1) چار آڱر ماپ، چاڙڪي (2) ويچائتو ٽورو پري پريرو. (جمع: وِچَٽَ) |
| وِچِڙ: | اسم مؤنث | چاريءَ کي کائي، رَڃوَ کي نقصان پھچائيندڙ مُنگِرَيُون (رڃ جي چاريءَ کي پاڻيءَ ۾ سڪڙجي وڃڻ کان روڪڻ لاءِ لوهي چِلا). (جمع: وِچَڙيُون) |
| وِچوڙڻ: | فعل متعدي | ڪپڙو پاڻيءَ ۾ وجهي ڌوئڻ، ٿانءَ پاڻيءَ مان ڪڍڻ، صابڻ يا ڪا ٻي شيءِ ڪم نہ آڻجي، بت تي پاڻي وجهڻ کي "لڳ وچوڙڻ" چون. |
| وِچيرَڻ: | فعل متعدي | (1) ڌئڻ، صاف ڪرڻ، آگھارڻ، چاچولڻ (2) چيچولڻ. |
| وَڏُ: | اسم مذڪر | عهد، واعدو انجام اقرار قول، ٻول، وچن، پرڻ، ساک، دوئي. (جمع: وَڏَ) |
| وَڏُ: | اسم مذڪر | پٽ وغيره جي ونڊ، گھرجي ماڻي، گھر جي لاءِ پٽ. (جمع: وَڏَ) |
| وَڏ وِراهہ: | اسم مرڪب | گھرجي ماڻي، پٽ جي تقسيم. |
| وَڏاڻو: | اسم مذڪر | شاديءَ جي پڏري ٽيڻ يا طهر وغيره جي موقعي تي خوشي ڪرڻ، وجائڻ، ڳيچ ڳارائڻ ۽ ڳڙ وغيره ورهائڻ. |
| وڏاندرو: | صفت مذڪر | وڏو (وٽائي وڏاندر الاهو لڳائينس). |
| وڏوهڙيو: | اسم مذڪر | پريو مڙس، اڳواڻ، پٽيل، چوڌري، مُکي. |
| وَڍِ ڪري کائڻ: | محاورو | گھٽوءَ گھرج کان وڌيڪ کائڻ. |
| وَڍِڻ: | اسم مذڪر | (1) تمام گھٽو سُور پيٽ ۾ اهنج، پيٽ ۾ وڍُ، پيٽ ۾ وڪڙ (2) پيٽ ۾ وٽُ. (جمع: وَڍِڻ) |
| وَڍي: | اسم مذڪر | چمڙي جو پٽو جيڪو ڪتي جي ڪنڌ ۾ ٻڌجي. |
| وَڙ: | اسم مؤنث | ڪٽ واٽيندڙ پنيدي ٻڌندي جيڪو ڌاڳو وارين اُن |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| | | جي وَٽ کي وَر چون. |
| وِرَانَڊ: | اسم مؤنث | پونچاڙي وِچينءَ ويل جيڪو هلڪي قسم جو ڪاڏو پيتو ٿئي ان کي ڪڪرالي ۽ ڪاري جا ماٺهو وراند چون. |
| وِرانڊَ: | اسم مؤنث | شام جو وقت. (جمع: وِرانڊُون) |
| وِرانگ: | اسم مذڪر | ٻرانگ، وِک، چال، ٽپو ٻڏ. (جمع: وِرانگُون) |
| وَراڻِ: | اسم مؤنث | ڪيڙ جو دنگ جتان هاري جوڙو ورائيندو آهي. (جمع: وَراڻِيُون) |
| وِرچڻُ: | فعل لازمي | (1) ڪڪ تي پوڻ (2) جيڪو ڪڪ نہ ٿئي، ان کي "اورچ" چئبو. |
| وَرنائِڻ: | فعل متعدي | ٻڏي ولڻ (۽ جواب ڏيڻ)، تدارڪ ڪرڻ. |
| وَرَنڊِي: | اسم مؤنث | جواب (سوال جو). |
| وَرو ڏِيڻ: | محاورو | (1) ٻيڙيءَ جو پاسن تي آٽل ڪرڻ (اڪثر تڏهن جڏهن واءُ پويان هجيس) (2) عيوضِي. |
| وَروَلَجَڻ: | فعل لازمي | (1) مروٽجڻ، وڪوڙجڻ، ولارجڻ (2) قابو ٿيڻ (3) ڪروندڙو ٿيڻ. |
| وَروَهِڙيو: | اسم مذڪر | نوريٽڙو. (جمع: ورروهِڙيا) |
| وَرِيو: | اسم مذڪر | (1) وريو ڪچي کوهہ کي لٺي جي ٽارن سان ٻڌڻ (2) لٺي جا ٽارا گڏ ڪري نوڙيءَ سان ٻڌي هڪ ڪاٺ جو نوڙ ٺاهين، جنهن کي ويڙهي کوهہ جي تر کان رکن (3) گهوڙي جي سنجهہ جو هڪ حصو يا ساز (4) موٽي، وري. (جمع: وَرِيا) |
| وَڙ: | اسم مذڪر | شانِ عزت، مان، خاص ڪري عورتون گهڻو استعمال ڪن. |
| وَڙڪڻ: | فعل متعدي | گهمڻ، پسار ۽ چهل قدمي ڪرڻ. |
| وِڙنڊُ: | اسم مذڪر | ٽنگ، سوراخ. (جمع: وِڙندَا) |
| وِهہَ جو واپاري وِهہ مان ڪائي: | چوڻي | جهڙو ڪم ڪندو آن مان ٿي ڪمائي ٿيندي آهي. |
| وِڙهي جهڙي (سڙهي): | اسم مرڪب | جهيڙو ڪري، جهگڙو ڪري |
| وِڙهيا وادا آڙيا آهِتي: | پهاڪو | ڪاسبي (مزدور) وڙهيندا آهن، تہ ڪڪ وري هيٺ بجيري ٿيندا آهن. |
| وَس پُس: | اسم مرڪب | طاقت، سگهہ. |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنیٰ |
|---|---|---|
| | | (2) وانگوڙو. (جمع: وَلهَوٽا) |
| وَناڻُ: | اسم مذڪر | ساز (سُرندو نڙ وغيره). |
| وَناهہ: | اسم مذڪر | ونواهہ |
| وِنچلائِڻ: | فعل متعدي | بيڪار ڪرڻ، نِڪمو ڪرڻ، نڪارو ڪرڻ. |
| وِنجهُہ وِرتُ: | اسم مؤنث | وانجهيءِ راند. |
| وِندَر وِرُونهن (سِندَر): | اسم مرڪب | سير سپاٽو تفريح. |
| وَنڊِي: | اسم مؤنث | حصو پتي، ڀاڱو ورهاست، ڀائيواري، پتيداري (جمع: وَنڊِيُون) |
| وَنَڪَ: | اسم مذڪر | رنگ، ظاهري روپ. |
| وَنگِڙِي: | اسم مؤنث | شيشي جي ننڍي چوڙي (جمع: وَنگِڙِيُون) |
| وَنگو: | اسم مذڪر | ڦرن جي ڏائڻ ڪان ڪاٺ جا ٻہ آنگها ملائي ٺاهيل ٻوٽاڙي ٻوٽاڙو ٻيلڙ. (جمع: وَنگا) |
| وَڻُ: | اسم مذڪر | درخت، ورڪ. (جمع: وَڻَ) |
| وَڻ ڏِنا تہ ڏيهہ ڏِٺو: | چوڻي | آثار مليا، تہ مطلب ڪم ٿيو. |
| وَڙِڪَ: | اسم مؤنث | ڪَڪَڪ. (جمع: وَڙِڪون) |
| وِٽو: | اسم مذڪر | طعنو مهٽو ڏوراپو. (جمع: وِٽا) |
| وَوڙَڻ: | فعل متعدي | (1) ڳولڻ، ڦولڻ، ڀڇائڻ، جاچ ڪرڻ، تپاس ڪرڻ (2) وڃايل شيءِ لاءِ اوري پري جاچ ڪرڻ. |
| وُونٽو: | اسم مذڪر | (1) پتي، حصو ڀاڱو (2) ننڍو جهنڊو. |
| ووءِ ووءِ: | حرف ندا | هاءِ هاءِ |
| وَهُہ: | اسم مذڪر | جوش، تِڪَ. (جمع: وَهتا) |
| وِهہ: | اسم مذڪر | زهر. |
| وِهائِڻ: | فعل متعدي | گذارڻ، رات جاڳي گذارڻ، روئندي رات وهائڻ. |
| وَهراڙو: | اسم مذڪر | ورهاڙو واهُرو، مدد ۾ آيل ميڙ ماڻهن جو مددُو مددگار. (جمع: وَهراڙا) |
| وَهسَڻ: | فعل لازمي | خوش ٿيڻ. |
| وَهڪڻ: | فعل لازمي | مينهن وغيره جو ڪير گهٽجي وڃڻ. |
| وَهڪو: | صفت مذڪر | پنهنجي زور ويهي سگهندڙ ٻار. |
| وَهلو: | صفت مذڪر | جلدي |
| وِهنچڻ: | فعل لازمي | وهنجڻ، غسل ڪرڻ. |
| وِهنڊارڻ: | فعل متعدي | سانڍيور ڪرڻ، سانڍڻ، تاتڻ. |
| وِيڙِي: | اسم مؤنث | ننڍوءِ ڪچو ڪوهہ. |

| مڪيہ لفظ | گرامر | معنیٰ |
|---|---|---|

## ھ

| مڪيہ لفظ | گرامر | معنیٰ |
|---|---|---|
| هاپڙُ: | صفت مذڪر | (1) اُبهرو جلد باڻ تڪڙو (2) اڏ پڪلُ، اڏ رڏو آپڪُ. (جمع: هاپڙَ) |
| هاپو: | اسم مذڪر | (1) ماڻهن جو گوڙ (2) هُل، شور، غُل، گهمسان، هاپو (3) ڪتي جي پونڪ، باهوڙ. (جمع: هاپا) |
| هاپوڙجڻ: | فعل لازمي | ڪنهن ميوي وغيره جو پچڻ تي ورڻ، ڪڪورجڻ (گِدرا هاٿي هاپوڙجي ويا آهن). |
| هاتارُ: | صفت مذڪر | ڳالهاٺو واتراڏو. (جمع: هاتارَ) |
| هاٿِنگُ: | صفت مذڪر | هاٿيءَ جهڙو ٿوٿانگ (جمع: هاٿِنگَ) |
| هارياڙ: | صفت مؤنث | ياجوڪڻ، بداخلاق، لانگ چوٽي ۽ ٻاهر پيري عورت. |
| هارياڙ: | اسم مذڪر | سڀ هاري (سڀي هارياڙاچي گڏ ٿيا). |
| هارِٺو: | صفت مذڪر | (1) هارايل، هاريل (2) نادان، پوڪ. (جمع: هارَٺا) |
| هاڙُ: | صفت مذڪر | وڏو (چور)، ڪاٽڪو اٺاهہ آڙاهہُ (جمع: هاڙَ) |
| هاسيڪارُ: | حرف ندا | خاص طرح ڪنهن وٽ هلي وڃي ڳالهہ ڪرڻ، ڪم چوڻ. |
| هالاٺو: | اسم مذڪر | (1) هلڻ جي حالت (2) چالاٺو لاڏاٺو مرٺو وفات. (جمع: هالاٺا) |
| هالِي: | صفت مؤنث | مينهن جو هڪ قسم، اُها مينهن، جنهن جو هڪ سڱ مٿي ۽ ٻيو هيٺ هجي، لڙيل سڱن واري مينهن، ڏٻي. (جمع: هالِيُون) |
| هالِي: | اسم مؤنث | اُها مينهن جنهن جا سِڱَ اُبتا وريل هجن اهڙي مينهن کي ياڳيا نياڳي سمجهن ٿا، ان لاءِ هڪ پهاڪو بہ مشهور آهي "هالي پڙ پالي". |
| هامشڪا: | اسم مؤنث | همت ڏيارڻ، تنبيهہ ڪرڻ، وڙهڻ، زور ڀري ڪو ڪم پورو ڪرائڻ. |
| هانهَرَ: | اسم مؤنث | (1) گهوڙي جي هڻڪار (2) اٺ جي هُونگر. (جمع: هانهَرُون) |
| هاٺو ماٺو ٿيڻ: | محاورو | هِرڻ مِرڻ، رِلي مِلي وڃڻ، واقف ٿيڻ، گهائل مائل ٿيڻ، گهرو ٿيڻ. |
| هاءِ جي ڪُٺِي هوءِ ۾: | چوڻي | خوشي بدران ڏک ۾ پوڻ. |
| هِترانڪِي: | صفت مذڪر | (1) اوچتو قضائي، اتفاق سان (2) ناگهاني. |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
| --- | --- | --- |
| | | اچانڪ. |
| هَٽُ ڪنگڻ کي آرسِي ڇا ڪندِي: | چوڻي | ظاهر ظهور شيءِ پڌري پٽي هوندي آهي. |
| هَٿايو: | صفت مذڪر | هٿاوڙو هٿائو. (جمع: هَٿايا) |
| هُٿِري: | اسم صوت | رڏن کي هڪلڻ جو آواز هُش هُش. |
| هَٿَن تي پاڻِي وِجهڻ: | محاورو | ڏاڍي مار ڏيڻ. |
| هَٿوهارائِي: | صفت مؤنث | مدد، همراهي. |
| هَٿوراڙِي: | صفت مؤنث | اوندهہ ۾ ڪنهن شيءِ لاءِ هٿن سان ڪيل ڳولا. آخري ڪوشش، جهوٽ، مناڻ سوجهہ (جمع: هَٿوراڙِيُون) |
| هَٿوراڙِيُون ڏيڻ: | محاورو | اوندهہ ۾ ڪا شيءِ ڳولهڻ لاءِ هٿ هيڏانهن هوڏانهن وڌائڻ. |
| هَٿِيارَ: | اسم مذڪر | لڙائيءَ ڪرڻ جو تيز اوزار، اسلح، شست، رَڇ، لهند. |
| هٿيار هَٿَ ۾ ناڻو ڳٽ ۾ (ڳٽ يعني ڇيلهہ): | پهاڪو | تحفظ ۽ دولت جي ڪمائي جو نُسخو ٻڌائڻ جي موقعي تي چئبو آهي. |
| هُٿُ: | اسم مؤنث | پاڇ. (جمع: هُٿُون) |
| هَٿَرَ ڪيڻ: | محاورو | موٺو ڪيڻ (اڳئين يا پوئين ٽنگ ۾ هَٿَرَ نڪري اُن کي ڏئيجي). |
| هَٿَرُ هَٿَرَ: | اسم مذڪر | وهٽن جي بيماريءَ جو هڪ قسم موٺو. |
| هَٿِڪائِڻ: | فعل متعدي | (1) هٿائڻ، پري پري ڪرڻ، پڃائڻ، ڏکي ڇڏڻ (2) ڊيڄارڻ، خوف ڏيارڻ، دٻائڻ. |
| هَٿِ ٻَٿِ: | اسم مرڪب | وڏائي، غرور، ڪتبر. |
| هُج رَکَڻ: | محاورو | اُميد رکڻ. |
| هِڇڪڻ: | فعل متعدي | (1) لُڏڻ، هِلڻ، ڏُڏڻ، لوڏو کائڻ، ڌوڏو کائڻ، جهپو کائڻ (2) گهڇڪڻ (3) ڏڇڪڻ (4) هِڏڪ هڏڪ پرڻ، هِڏڪڻ. |
| هُدِي: | اسم مؤنث | (1) پاڳين جو مال کي هڪلڻ جو آوازَ (2) آگر سان پيٽ يا ڪُک کي چوڪ، چونگ (جمع: هُدِيُون) |
| هڏڪوئِي: | اسم مؤنث | هِڏڪي. |
| هِڏِڪ: | اسم مؤنث | آڪنڊ، اڪير، سِڪ، ڇڪَ، ڪشش، تانگهہ، ڪاڏِ لاڙو. (جمع: هِڏِڪُون) |
| هُر: | اسم مؤنث | يادگيري، ڪنهن ڳالهہ جو دل تي ترِي اچڻ واري حالت، خيال، يادگيري، ساروڻي، ڪُنڊ، سار انتظار |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنيٰ |
|---|---|---|
| | | اوسيئڙو فکر، ڳڻتي، ڪنڪو. (جمع: هُرُون) |
| هِر بَندَ: | اسم مؤنث | ڦرَ لاءِ رڙندڙ اُٺ. |
| هَر پارڙي: | اسم مذڪر | فراسيءَ جي چٽن جو هڪ قسم. |
| هِرِڪيو: | اسم مذڪر | هرڪ جي رنگ جهڙو اڇو سفيد. (جمع: هِرِڪِيا) |
| هُرنگهڻ: | فعل متعدي | چوپائي مال جو پنهنجي ڦر تي هيج سبب آواز ڪرڻ، ڀڪ ڪرڻ، ڀڪڻ. |
| هَرَڻُ: | اسم مذڪر | هڪ مشهور حلالُ جهنگلي جانور، مرگهہ، هَر، غزال، آهُو، چيڪارو. (جمع: هَرَڻَ) |
| هُرَڻ: | فعل لازمي | حافظي ۾ ڪجهہ ياد رهڻ. |
| هَرِهہ: | اسم مؤنث | هَر جو هڪ پاڳو هر ۾ پيل ٻڪهي ڪاٺي. (جمع: هَرِهُون) |
| هَرهَر هَلڪائي، دَر وَڃڻ دوست جي: | چوڻي | بار بار جي زيارت جي نقصان تي چئبو آهي |
| هَرين هَرين: | ظرف زمان | آهستي آهستي. |
| هُڙُ: | صفت مذڪر | تاهڙ ڍڳو. (جمع: هُڙَ) |
| هَڙيا ڏَڪڻ: | محاورو | لُچي ءِ وڏ واتي عورت. |
| هُڙدو: | صفت مذڪر | (1) زبردستي، ڏاڍ، جبر، زوراوري، سينہ زوري، ڏاڍائي (2) بدافعالو خراب، شرير، بدمعاش، لچ، لچو. (جمع: هُڙدا) |
| هُڙڪڻ: | فعل لازمي | تپ ۾ ڏڪڻ ءِ ڪِنجهڻ. |
| هُڙَڻ: | فعل متعدي | هڪلڻ، تڙڻ، لوڌڻ، هڪالڻ، ڌِڪڻ. |
| هَزائِڻ: | فعل متعدي | ڊيڄارڻ، ڊپ ڏيارڻ، خوف ۾ پرڻ، پوَ ڏيارڻ. |
| هَززڻ: | فعل متعدي | جانچڻ، جونچڻ، ڳولهڻ، ڦولهڻ، نهارڻ، تلاش ڪرڻ، جستجو ڪرڻ. |
| هُسرو: | اسم مذڪر | خوشي، سرهائي، راحت. (جمع: هُسرا) |
| هِڪ ٽِڪ: | صفت مذڪر | پورو ءِ تيز بهدف (علاج). |
| هِڪ ڌڙو: | صفت مذڪر | يڪو مسلسل، بخار جيڪو هڪجهڙو بيٺو هجي، لهي نہ. |
| هِڪ گهر پيو گنگهرِ: | چوڻي | هِڪ طرف آسائش، ٻئي پاسي تڪليف ٻئي اٽل حقيقتون آهن. |
| هِڪِ: | اسم مؤنث | اُڃ، پياس. |
| هِڪَ: | اسم مؤنث | خواهش، سڌ، سڪ، تمنا، تانگهہ، چاهہ، لاڙو چاهت، مرضي، چِڪ، ارادو نيت. |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنیٰ |
|---|---|---|
| هُڪڻ: | فعل متعدي | حسد ۽ رشڪ وچان ڪجهہ چوڻ. |
| هَڪيو: | صفت مذڪر | تيار موجود. (هڪيو موجود هجڻ). |
| هُگاءُ: | اسم مذڪر | گوڙ شور غُل، غوغاءَ، آواز (رئڻ جو). (جمع: هُگاءَ) |
| هُگا: | اسم مذڪر | هُگاءَ، سُرهي بانس، خوشبوءِ، سُگند، سُرهاڻ. |
| هِلَ: | اسم مؤنث | (1) پوسل، گهم، آلاڻ (2) سيرو ريڙهو (3) جند، جان (4) پکيءَ جو هڪ قسم (5) سِرڻ. (جمع: هِلُون) |
| هِل چتي ٿيڻ: | محاورو | اجايو ڪم ڪرڻ واري لاءِ چون: "هل چتي ٿي آهيس"، "اِڏوهي ڪائڻ" ۽ "ڏُکهي وجڻ" بہ هم معنيٰ آهن. |
| هُل: | اسم مذڪر | گوڙ. |
| هَلا يلا: | حرف ندا | واهہ واهہ. |
| هَلان: | اسم مؤنث | حملو ڪاهہ جُڌ، جُلهہ. |
| هَلَٽِ: | اسم مؤنث | سڀ ڪجهہ، سامان، ڏنڊو وغيره. |
| هلندڙ خليمان، ڦرندڙ فاطِمان: | چوٽي | ڪم نہ ڪار ڪرڻ جي موقعي تي عورتن کي چئبو آهي. |
| هَلندڙ گهوڙي جنهن کي رَسي نہ نوڙي: | پهاڪو | آزاد ۽ ڇڙواڳ فرد جي حوالي سان چيو ويندو آهي. |
| هُلَڻ: | فعل متعدي | مشهور ٿي وڃڻ. |
| هَلَيهہ: | اسم مؤنث | هَرَ جي هڪ حصي جو نالو اُها ڪاٺي جنهن ۾ هر ڳنڍيل هجي، هَريهہ، هَرِهِي، هَرنهن. (جمع: هَلَيهون) |
| هِمر: | اسم مؤنث | (1) همت، بهادري، دليري، سورهيائي (2) وڄ، کِنوڻ، بجلي، برق. |
| هَمَرُ: | اسم صوت | اُٺ کي هڪلڻ جو آواز. |
| هَمڳِيرَ: | اسم مؤنث | ڳري ۽ مضبوط ڪاٺي. (جمع: هَمڳِيرُون) |
| هَموارُ ڪرڻ: | محاورو | (1) برابر ڪرڻ، هڪ جهڙو ڪرڻ، سندرڻ، سنئون سڌو ڪرڻ، لسو ڪرڻ، سنداراءُ ڪرڻ (2) پاڻ تي اوڊڻ، ذميوار ٿيڻ. |
| هِمياٽو: | صفت مذڪر | (1) چڙهائي ڪندڙ حملو ڪندڙ (2) اگرائي ڪندڙ (جيئري جنگي خان تي ڪو هوند نہ هيماٽو). (جمع: هِيماٽا) |
| هَنبائڻ: | فعل متعدي | (1) لوڏڻ، هٽ سان جهلي هيٺ مٿي ڪرڻ، ڏوڏڻ، ڇاچولڻ، ڏونڏاڙڻ، ڏوڙ ڏيڻ (2) اُڇلائڻ، ٿتو ڪرڻ، اُڇل ڏيڻ. |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنیٰ |
|---|---|---|
| هَنبَس: | اسم مؤنث | هنبوچي، گوڙ شور، ناز نخرو ۽ پڌڻ. |
| هَنيُو: | اسم مذکر | کاڌي جي طلب، اشتها. (جمع: هنيُا) |
| هَنجُهو: | اسم مذکر | (1) پرماڻ کي کوهي تي مٿي چاڙهڻ ۽ هيٺ لاهڻ لاءِ رسي جو هڪ پٺيون ٽُکر (2) درياءَ جي ٻيڙيءَ جي گهير، دريائي ٻيڙيءَ جو هڪ جزو (3) جبل جو ٻوٽو ڦڪا گُلڙا، عورت کي گهوٽي پياريـن تـہ پار ٿئي ۽ ماهواري اچي. (جمع: هَنجها) |
| هَنجِي: | اسم مؤنث | ڪلهي جي پٽي، ڪلهي واري هَڏي، هَنجهِي. (جمع: هَنجِيُون) |
| هُندُون هڻڻ: | محاورو | ٺونٺيون هڻڻ، اشاري سان ڪنهن کي اُڀارڻ. |
| هُندِ: | اسم مؤنث | چونگ، چوڪ. (جمع: هُندُون) |
| هُنر نَر آهي: | چوڻي | هنر جي اهميت جي حوالي سان چئبو آهي. |
| هنگامو هَور: | اسم مرڪب | هُل، گوڙ. |
| هِنياچو: | اسم مذکر | تِليءَ جو وڏي پوڻ. |
| هِنيانءِ: | ظرف مکان | (1) هيڏانهن (2) هتان. |
| هِنيُون لاهڻ: | محاورو | مايوس ٿيڻ. |
| هَنئِي: | اسم مؤنث | ڏاڙُو ڦُر، مصيبت، ڏکيو وقت. |
| هُو چَئي مُنهنجي هَٿ تي نـہ چڙهـہ هُو چَئي ڪَمندو تور: | چوڻي | ٻہ ڌريون پاڻ ۾ نـہ ٺهڻ ۽ رنج رهڻ، تـہ ان موقعي تي چئبو آهي. |
| هُو نين نـہ نين ۾ آٿون ٻيلهہ چڙهان: | پهاڪو | صلاح نـہ ٻہ هُجي، تـہ ٻہ اڳيرو هجي، تـہ ان موقعي تي چئبو آهي. |
| هُو هَوا: | اسم مؤنث | رئي، گهڻ، وٺ پڪڙ. (احمد تـہ ڪوڙن جي هُو هَوا ۾ آهي). |
| هَواڙِ: | اسم مؤنث | (1) ڌَپ، ٺوري بدبوءِ (2) ٻاڦ. (جمع: هَواڙُون) |
| هَوانو: | اسم مذکر | پروگرام. (اڄ فلاڻي جي اچڻ جو هوانو آهي). |
| هوڏ هام: | اسم مرڪب | تڪبر، وڏائي، هٺ. |
| هَوَرَ ڌَوَرَ: | اسم مرڪب | ڊوڙ ڊوڙان، ڪوشش. |
| هَوَرَ: | اسم مؤنث | ڪوڙ هڻڻ، هي خاص عورتون ڳالهائين. |
| هوروالو: | صفت مذکر | رولُو هڪ قبيلو جيڪو اڪثر ڪري وهٽ پاڙي تي ڏيئي پنهنجو گذران ڪندو آهي. |
| هوڙا: | اسم مذکر | ڪاري جا ماٿهو مڇي مارڻ وڃن تـہ چون: هوڙا پهري |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنیٰ |
|---|---|---|
| | | ويا آهن. |
| هُوڙائي: | اسم مؤنث | تڪڙائي، اُبهرائي، هوڙهائي، بي صبرائي. (جمع: هُوڙائيُون) |
| هوڙِيُ: | اسم مؤنث | ٻيڙيءَ جو هڪ قسم. (جمع: هوڙِيُون) |
| هوڙيو هوڙيو: | حرف ندا | اِهو اِهو ڪرڻ، ڪنهن چرئي يا ڏوهاري پنيان اِهو اِهو ڪري پوڻ. ڪڇيءَ ۾ هوريو چئبو آهي، ممڪن آهي "هوريو" مان "هوڙيو" ٿيو هجي. |
| هوگِيا: | اسم مذڪر | گوڙ هُل، شور گهمسان. |
| هُول: | اسم مؤنث | ڪاهہ، حملو جُلهہ، رومڙ. (جمع: هُولُون) |
| هَئود: | اسم مذڪر | وڏي ڪڏ. |
| هئول: | اسم مذڪر | (1) خوف (2) دل هول ٿيڻ يعني دل ۾ وهم ٿيڻ. |
| هِيارِ: | اسم مذڪر | هيلُ هن سال. (هيار فصل نہ ٿيو آهي). |
| هيٺار: | اسم مؤنث | ٻيڙيءَ جي سِڙهہ جي هيٺين ڪناري وارو رسو رڇ جي هيٺين ڪِنار وارو رسو. |
| هيجارِ: | صفت مؤنث | هيج رکندڙ قرب ڏيندڙ پائيندڙ. (جمع: هيجارِوُن) |
| هيرَڻ: | فعل متعدي | هيرائڻ (آڻ هيريا مَ هير متان هرنئي هَچارو هيريا ۾ ڦير، متان وڙهنئي). |
| هيريو ڪَرڻ: | محاورو | (1) هيرائڻ، ڏارڻ، پالڻ (2) هٺ هيرو ڪرڻ (3) وارِي وجهڻ. |
| هيڪ هيڪوٽي: | اسم مرڪب | هڪ طرف، هِڪ پاسي. |
| هَيَلُ: | صفت مذڪر | (1) ٿڪل، ساٺو ماندو وسائل (2) ڍنل، هِيسيل. (جمع: هَيَلَ) |
| هيلَ: | اسم مؤنث | ورُ گهمرو ڦير، لِگ. |
| هِيمُ: | اسم مذڪر | مالڪ. |
| هِيماٽِي: | اسم مؤنث | (1) هميائي (2) نوُرو. (جمع: هِيماٽِيُون) |
| هِيٺِي وَهي: | اسم مؤنث | (1) اپري حالت، ضعيف حالت، پِيري (2) زبون حالت، بدحالي. |

| مکيہ لفظ | گرامر | معنئ |
|---|---|---|

# ي

| | | |
|---|---|---|
| ياد پاد: | اسم مرڪب | يادگيري، سار سِڪ. |
| يارَون پيارَون: | ظرف | هر حالت ۾، هرويرو بالضرور، لازمي، آشد. |
| ياس نِراس: | اسم مرڪب | نااميدي، بي اميدي |
| يانگَڙِ: | اسم مؤنث | گهوڙي جي هٽڪار. |
| يانگَڙُ: | فعل لازمي | وڏي آواز سان ڳالهائڻ. |
| ياوَر ناصَر: | اسم مرڪب | مددگار معاون. |
| يتّرتالُ: | صفت مذڪر | (1) تمام پوڙهو (2) تمام وڏو (3) ڪشادو موڪرو ويڪرو. |
| يٽ شٽِ: | اسم مرڪب | دپ دپ، هڻ وٽ. |
| يخ يَخِ : | اسم مرڪب | لباڙ ڪوڙ. |
| يغدِيلَ: | اسم مؤنث | تمام وڏي (هيءَ يَغدِيلَ ڪوڏر مون ڪان سواءِ ڪير هٽندو). (جمع: يغدِيلون) |
| يڦ: | صفت مذڪر | يڦ. (جمع: يڦ) |
| ينبل: | اسم مذڪر | وڏو گرهہ ڪٽڻ. |
| يهُنگِيرَ: | صفت مذڪر | تمام وڏو. |

# مددي لُغات ۽ ڪتاب


1) ٻولين جا سرچشما، ڊاڪٽر حيدر سنڌي (ڇاپو پهريون: 1985ع)، اتهاس پبليڪيشن: ڪنڊيارو.
2) سنڌي ٻولي جي لساني جاگرافي، ڊاڪٽر غلام علي الانا (1979ع)، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي: ڄامشورو.
3) ڪاٺياواڙي ميمڻ محاوري جو لساني جائزو ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌي ميمڻ (1988ع)، مقالا: بين الاقوامي سنڌي ادبي ڪانفرنس، سنڌ يونيورسٽي: ڄامشورو.
4) ڪڇين جا قول، مرحوم شيخ محمد سومار (1977ع)، س.ق.ب: حيدرآباد.
5) لاڙجي لغات، پروفيسر عبدالجبار جوڻيجو (1975ع)، زيب ادبي مرڪز: حيدرآباد.
6) لاڙي ۽ ڪڇي: سنڌيءَ جا ٻہ مُحاورا، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو (2008ع)، سنڌي لئنگويج اٿارٽي: حيدرآباد.
7) ماجر، ڪڪرالي ۽ ڪاري جي ٻولي، حافظ حبيب سنڌي (1994ع)، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو: حيدرآباد.
8) نئين جامع سنڌي لُغات، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ (2004ع)، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو: حيدرآباد.
9) سائل ڪوش، سترام داس سائل، ڪويتا پبليڪيشن: حيدرآباد.
10) لاڙجو مطالعو ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو (1991ع)، سنڌي ادبي بورڊ: ڄامشورو.
11) لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ، ڊاڪٽر غلام علي الانا (1977ع)، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي: ڄامشورو.

سنڌي ڊڪشنري بورڊ،
ثقافت، سياحت ۽ نوادرات کاتو،
حڪومت سنڌ

ISBN: 978-969-8100-80-3
9789698100803
PKR Rs. 500/-